# پرين وَسِ نه پنهنجي




ڪهاڻيون

## ايوب گاد

# پرين وَس نہ پنهنجي

## کهاڻيون

پَر وَس تيمَ پِراڻُ، پرين وس نہ پنهنجي،
لڳو ڪيئن لطيف چئي، ڇَپَرُ ڇاتيءَ ساڻُ،
پرين ڏيکاري پاڻُ، خوش ڪري ويا خواب ۾.
(شاهہ)

کهاڻيڪار:

**ايوب گاد**

ڪنول پبليڪيشن لاڙڪاڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# پرين وَس نہ پنهنجي

(ڪهاڻيون)

## ايوب گاد

ڇاپو پهريون: 2014ع
ڇپائيندڙ: ڪنول پبليڪيشن لاڙڪاڻو (ڪتاب نمبر: 5)
اسڪيچ: ايوب گاد
ٽائيٽل ڊزائن: آفتاب سرهيو
ڪمپوزنگ: شيخ رفيق_آزاد ڪمپيوٽر ڪميونيڪيشنز لاڙڪاڻو
ڇپيندڙ: فيئر فين پرنٽرز ڪراچي.
ڳاڻيٽو: هڪ هزار

مُلھہ: 200 روپيہ

Book: PREEN WAS N PANHJE
Written By: AYOOB GAAD
Subject: STORIES
Published By: KANWAL PUBLICATION LARKANO.
Title Design: Aftab Surahio
Sketches by: Ayoob Gaad
Composed By: Shaikh Rafique-Azad Computer Communications Larkano
Printed By: Fair Fen Printers Karachi.
Ist Edition: 2014
Quantity: 1000

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ارپنا:

ديبا سحر (صابر ڪوسو) شبنم نواز

انيلا قاضي ۽ نورين جي نالي

جن ۾ موجود شُناس

فنڪارن جي دنيا ڪان اُتم آهي

ساڻ

احمد ميمڻ، صغير الاهي

بدر خان ۽ رياض سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ليکڪ جا شايع ٿيل ڪتاب

1. پيار جي ڇانوَ ۾ (شاعري)
2. جنهن سان پسجي پرينءَ کي (نثر)
3. راحة العاشقين (نبي سائين جن جا معجزا)
4. اک الٽي ڏار (لطيفيات)
5. ٽيلي ناٽڪ ڪيئن ٺاهجي (فني سکيا)
6. پرين وَسِ نہ پنهنجي (ڪهاڻيون)

## ليکڪ جو ايندڙ ڪتاب

1. منهنجي روح اندر پيٽائي ( ڊراما )

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر پاران

ايوب گاد نہ صرف سٺو ڪهاڻيڪار آهي پر هو رومانٽڪ شاعر، مصور، ڊراما نگار، ڪالم نويس، ايڊيٽر، ڪئمرامين ۽ تمام محنتي هدايتڪار پڻ آهي.

سندس ڪهاڻيون هن معاشري مان ئي ڪنيل ڪردارن جي چؤڦير ڦرندڙ آهن.

سندس لکيل ٽي.وي ڊراما جيڪي تقريبن 300 (ٽي سئو) کان مٿي آهن، ڏاڍا اثرائتا آهن. جن مان ڪجهہ ڪهاڻيون هن ڪتاب ۾ بہ شامل آهن ۽ هي ڪتاب "پرين وَسِ نہ پنهنجي" اسان جي اداري جو پنجون ڪتاب آهي.

اسان کي اميد آهي تہ ايوب گاد جا پڙهندڙ سندس ڪهاڻين مان ضرور لطف اندوز ٿيندا.

**هميراحمد**

**۽**

**سرمد گاد**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

# ايوب گاد : گهڻ طرفو ماڻهو

مون سي ڏٺا ماءِ، جن ڏٺو پرينءَ کي،
ڪري نہ سگهان ڪاءِ، انهن سندي ڳالهڙي

ڳالهيون آهن، جي ڳجهہ سلين، ماڻهن جون، ماڻهن جي ڏکن سکن، اهنجن جون. "ڳالهيون جي پيٽ ورن ۾ وڏي وڻ ٿين" پر جڏهن ...... گوشي گڏجن سپرين تہ اڀڙڪا ڏئي، ٻاهر اچن.

لاڙڪاڻو، جو ڳالهين جو شهر، لاڙڪاڻو گهاڙ واهہ جي اورين ڪپ تي قافلا سراءِ جتان ٻيڙا اوندهہ ۾ لالٽينون لوڏيندا ڏتڙ لتاڙي اچي ستڙ تي لنگر هڻندا. لاڙڪاڻي جي لنگر پرتان، اتي قافلہ سراءِ ۾ اچي قافلا ويهندا وکرن جي مَٽَ سَٽَ، ڳالهين جي مٽ سٽ. سنجها ويلي سڳداسي چانورن جي خوشبوءِ جڏهن لاڙڪاڻي جي گهٽين ۾ سحر تاري ڪري تہ ڪا ناچڻي جي ڇير ڇمڪي. اها پل تہ موهن جي دڙي مان نڪري.

مائي مهتاب، جنهن لاءِ مسٽر رچرڊ برٽن چوي ٿو تہ، "اهڙي سونهن يورپ ۾ بہ نہ آهي."

لاڙڪاڻو: سونهن جو شهر، لاڙڪاڻو: نرت ۽ ناٽڪ جو شهر، جنهن جو تسلسل اڃا بہ پيو هلي.

شاعر ڪشن چند بيوس ڪان مختيار جاگيراڻي تائين، اياز قادري، انيس انصاري، جمال ابڙو ڪان اچي ڪهاڻيڪار احسان دانش تائين قافلا ئي قافلا ۽ انهن قافلن ۾ هڪ خاموش معصوم ۽ فقيري آواز ايوب گاد جو. ايوب گاد جيڪو آهستي آهستي پنهنجي ڌن ۾ پيو هلندو.

سنڌي ناٽڪ ڏسبو تہ ايوب گاد ضرور هوندو. شاعري هجي، ٽي. وي ڊراما هجن، ڪيسٽ هجي، ريڊيو ٽي. وي ڊراما هجن. ڪهاڻيون هجن،

چترڪاري هجي، ايوب گاد پنهنجي وس ۾ وت آهر بغير ڪنهن وڏائي جي پنهنجي وکر سان مرڪندو رهندو.

هاڻ جڏهن ايوب گاد جي ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب پڙهي پورو ڪيم تہ سچ اهائي سادگي سچائي سان سماج جي اوڻاين ۽ ڪمزورين کي پنهنجي قلم سان وائکو ڪيو اٿائين. ايوب گاد جون ڪهاڻيون نہ صرف مسئلن کي وائکو ڪن ٿيون پر ڪن هنڌن تي انهن جو حل بہ ڏين ٿيون. سندس "پيوند" ڪهاڻي، هڪ ڳائڻي نرگس جي ڪردار تي آهي جيڪا بازار حسن ۾ جمي ٿي. سندس ماءُ نيلم مرڻ مهل هن کي هڪ سازندي وٽ ڇڏي وڃي ٿي. سازندو خود ان نيلم جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ سڄي زندگي ان جي خدمت ۾ رهيو. جڏهن نيلم مري ٿي وڃي ۽ نرگس کي سندس پيءُ وڏيرو بچل رهڻ ڪرڻ ۽ تربيت جي لاءِ سازندي روشن کي خرچ پکو ڏيندو آهي. هو اها ڳالهہ نرگس کان بہ لڪائي ٿو. هڪ دفعو جڏهن نرگس ٿي. وي تي ڳائي ٿي تہ وڏيرو بچل نرگس کي ٽي.وي تي ڳائيندو ڏسي ان جي غيرت جاڳي ٿي، هو روشن وٽان هن کي ڪٽي ٿو وڃي.

پر ڪهاڻي پنهنجي پرپور سحر سان تڏهن ٿي ظاهر ٿي، جڏهن روشن روئي ٿو تہ ، طبلي نواز روئڻ جوسبب ٿو پڇي. چويس ٿو "نرگس کي ان جو پيءُ وٺي ويو." ان تي دلدار طبلي نواز چويس ٿو "پر.....نرگس جو پيءُ تہ تون آن...." هو جواب ۾ چئيس ٿو "غريب باجي واري تي ڪير اعتبار ڪندو."

سچ تہ ان ڪهاڻيءَ کي پڙهندي پڙهندي هڪ عجيب ڪيفيت مان گذرڻو ٿو پوي. يقينن هي ڪهاڻي سنڌي ادب ۾ ضرور اهم جڳهہ والاريندي جنهن ۾ طبقاتي سماج کي هڪ نئين انداز سان ڏيکاريو ويو آهي.

ايوب گاد جي هن ڪهاڻي ڪتاب ۾ ٻيون ڪهاڻيون: خاص ڪري "نئون مسلمان" جنهن ۾ جڏهن ڪيئل اوڏ مسلمان ٿي خير محمد ٿئي ٿو. جڏهن هو هڪ الحاج ڏني بخش جو ٻاهريون ڏيک ڏسي جڏهن وري

اندريون حالتون ڏسي ٿو تہ الحاج رقص ۾ راتيون ٿو گذاري تہ ھو اھو سيڪجھ مولوي کي ٻڌائڻ ٿو گھري تہ اھو بہ ٽي.وي تي گانن ڏسڻ ۾ مشغول آھي. ھي اھو سيڪجھ ڏسي چئيس ٿو "ڪتابن وارو اسلام ڪٿي آھي؟".

اھڙي طرح "موتئي جھڙو من"، "سٽيپي سفارش"، "مجسمو"، "اتر لڳا آءُ پرين" بھترين ڪھاڻيون آھن. "بائونس ٿيل چيڪ"، "يلا ڙي ياڳ" ڪھاڻي بہ ھڪ پراڻي موضوع کي نئين انداز سان لکيو ويو آھي. ڪھاڻيءَ ۾ ھڪ ڪوڙو پيير ڪھاڻيءَ جي ھيروئن رضيہ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ان جي گھر ۾ رھيل آھي. پر ڪھاڻيءَ جو ھيرو جيڪو ايتليٽ آھي، انھن جي گھر ۾ اچي رھي ٿو. صبح جو ھن کي "ھيمر ٿرو" اچلٽو آھي، پر رات جو پيير جي نيت کي سمجھي، ان کي ڪنھن طريقي سان پڇائي پاڻ ان جي ڪٽ تي سمھي ٿو ۽ اھو ئي عمل ڪري ٿو جيڪو پيير کي ڪرڻو ھو- پر- نتيجي ۾ ھن کي ھيمر ٿرو ۾ اھا پوزيشن حاصل نہ ٿي ٿئي جيڪا ھن کي ڪرڻي ھئي.

ايوب گاد جي ڪھاڻين جا ڪردار ڪي بہ بناوٽي نہ آھن، نہ ئي ھو انھن ڪردارن ۾ ڪو وڌاءُ ٿو ڪري، پر اھي سماج جي اصلي ۽ ان طبقي جي ذھني نفسياتي اپروچ جي نمائندگي ڪن ٿا.

اڳ ۾ عرض ڪري آيو آھيان تہ ايوب گاد گھڻ طرفو ماڻھو آھي. ھن ڊرامي جي دنيا ۾ بہ اھم ڪردار ادا ڪيو آھي. اسٽيج کان وٺي ريڊيو ۽ ٽي.وي ڊرامي تائين ھن پڻ ڪافي تجربا ڪيا آھن. توھان جڏھن بہ ايوب گاد جو ڊرامو "انتظار گاھہ" ڏسندؤ تہ ان ۾ بہ توھان کي ريلوي پليٽ فارم تي ٿيل سيني ڊرامن جي رڪارڊنگ ۾ ورائٽي ۽ نواڻ ملندي. جڏھن اسان "ھر شخص ڪھاڻي آ" ڪي.ٽي.اين تي ھليل، سيريز ڏسنداسين تہ ان ۾ ڪافي تجربا آھن، جيئن شفيع محمد شاھہ جو ڊرامو پيرو ڇڻ تہ ھڪ آرٽ مووي آھي، صرف ھڪ ڪردار، ھڪ ئي اداڪار ۽ ان جي ضمير.

ٻين لفظن ۾ همزاد چئجي، جنهن ۾ هڪ سياستدان جي ٻاهرين ۽ اندرين انسان کي ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ اسڪرين تي خوبصورت نموني ڏيکاريو ويو آهي. اهڙي طرح هينئڙو مون لوڻ ٿئي، جنهن ۾ هڪ ڪئريڪٽر جيڪو سنڌي فلمن جي مشهور اداڪار مشتاق چنگيزي ادا ڪيو ان سان گڏ هڪ ڪتو ۽ ٻلي آهن.

هڪ ڊرامو وهڪرو هيو/ آهي بغير ڪنهن آواز جي. انهن ٽنهي ڊرامن ۾ ايوب گاد جي هدايتڪاري عروج تي آهي. جڏهن تہ ايوب گاد جي ڪمال جي هدايتڪاري منهنجي نظر ۾ سندس هڪ تجرباتي ڊرامو "منجهان منهنجي روح" ۾ بہ آهي. جنهن ۾ ڪردار جيڪو بہ ڳالهائين ٿا، اظهارين ٿا، اهو لطيف جي بيتن ۾ آهي ۽ عام ڏسندڙ جنهن سدائين لطيف سائينءَ جي بيتن ۽ شاعريءَ کي ڏکيو محسوس ٿي ڪيو انهن کي ڇڻ هڪ اتساهہ مليو تہ لطيف سائين جي شاعريءَ کي وري پڙهڻ. جو مون کي ياد آهي تہ جڏهن انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي انڊيا جو ڊائريڪٽر، ڪهاڻيڪار لکمي کلاڻي لاڙڪاڻي آيو تہ هن ايوب گاد جو اسٽوڊيو جيڪو ٽائون هال ۾ ڏٺو ڊرامن جا سنپس ڏسي ۽ مومل راڻو جو لڳل سيٽ ڏٺائين تہ چئي ويٺو "اهڙو ڪم اڪيلي سِرِ ڪو بمبئي ۾ بہ نہ ٿو ڪري."

ايوب گاد هڪ عاشق آهي، هي فنون لطيفہ جي جنهن بہ فيلڊ ۾ ايندو تہ ان سان عشق ڪندو. ان سان نيائيندو بنا ڪنهن غرور ۽ وڏائي جي ان فيلڊ/ صنف جو مانُ رکندو. هن ڪتاب ۾ پنهنجين ڪهاڻين تي اسڪيچ بہ پاڻ ٺاهيا اٿائين.

جڏهن ايوب گاد جي شاعري پڙهنداسين، ٻڌنداسين تہ اها نج پج عوامي ۽ عام ماڻهن جي احساسن جي ترجماني هوندي آ. ايوب جي شاعري شادين ۾، سهرن طور ڳائي بہ وئي آهي، جنهن ۾:

تنهنجي چوٽيءَ ۾ گُل،
سڄي پاڙي ۾ هُل.

تنهنجون اکڙيون سيراهي،
کيئون سيني ۾ سَلَ.

ايوب گاد جي زندگيءَ ۾ ماءُ کان پوءِ جن ٻن شخصيتن جو اثر آهي تہ اهي لطيف سائين ۽ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن آهن. انهن جي عملن ۽ ڏسيل رستي تي هلندي توهان ڏسندؤ تہ نہ هن ۾ ساڙ آهي ۽ نہ حسد. نہ گلا نہ غيبت آهي.

لاڙڪاڻو جيڪو انتهائن لاءِ مشهور آهي: موهن جي دڙي جي انتهائي وڏي تهذيب. آمرن سان مهاڏو اٽڪائي سر ڏيڻ تائين هي شهر پنهنجي وسان ۽ وڙان سنڌ جي هر سڏ کي ورنائڻ تائين.

ان ئي شهر جي هڪ ڪنڊ کان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين ايوب گاد بنا ڪنهن وڏائي جي پنهنجي سر وکر ورهائي ٿو بنا ڪنهن وڏائي جي، بغير ڪنهن غرور جي، فقيري انداز سان.

**اخلاق انصاري**

لاڙڪاڻو.

# سنڌ جو ھڪ رتن: ايوب گاد

ھڪ سنھڙو سيپڪڙو ھر وقت چھري تي مسڪراھٽ، ھر ماڻھوءَ سان تمام گھڻي نمرتا، پاڀوھہ، عزت ۽ پنھنجائپ سان ملڻ وارو ماڻھو.

سندس جون لکڻيون، معاشري جي برائين، اڻبرابرين ۽ نہ سھپ کي کولي وائکي نموني ڊرامائي انداز ۾ جڏھن ھو پيش ڪري ٿو تہ نہ چاھيندي بہ ضمير رکندڙ ماڻھن جو ڌيان پاڻ ڏانھن ڇڪائڻ جو ھنر بخوبي ڄاڻيندڙ جنھن کي مان سنڌ جو راج ڪپور پڻ ڪري سڏيندي آھيان. ھا اھو ڪو بيو نہ آھي، اھو صرف ۽ صرف "ايوب گاد" ئي آھي.

منھنجي سنڌ ڌرتيءَ جي ڪُکِ تہ تمام گھڻي زرخيز آھي جنھن ھميشہ انمول رتنن کي جنم ڏنو آھي، ان ۾ ھڪ رتن ايوب گاد بہ آھي، سندس جون لکڻيون پاڻ وانگر انيڪ ڪھاڻيون، سچائيون ۽ وارتائون بيان ڪنديون آھن.

ڪتاب ۾ شامل ڪھاڻي "مجسمو" ۾ ھو لکي ٿو تہ، "ماڻھن جو بي ترتيب آواز وچ جو ڪڙڪوءِ طوفان ويتر ھيانءُ ڦاڙي رھيو ھو زمين ڪنير جي چڪ جيان ڦري رھي ھئي. يا، سيميءَ جا ھلڪا ھلڪا ٺمڪ ائين لڳندا ھئا ڄڻ ايشيا جي ڪنھن موسيقار پيانو تي آڱريون رکي ماحول ۾ موسيقيءَ جون لھرون پکيڙي ڇڏيون ھجن."

سندس خيالن جي اُڏار ثابت ڪري ٿي تہ ھو ڪو عام ليکڪ ناھي، ھو جتي سوچي ٿو اُتي چڱو پلو قلمڪار بہ نہ ٿو پھچي سگھي.

ڪھاڻي "ڏاريءَ ويس" ۾ ھِنَ ھڪ ھنڌ مشابھت جي حد ڪري ڇڏي آھي، جتي ھو لکي ٿو تہ "ھن پنھنجي خيالن کي جھٽڪو ڏيئي ائين منتشر ڪيو جيئن ڪو جوئاري ماڻھو جوئا جي اڏي تان ھارائي بوڇڻ کي چنبڪو ڏيئي ڪلھي تي رکي روانو ٿيندو آھي."

اڳتي ان ئي ڪھاڻيءَ ۾ عورت جي بيوسي بابت ھيئن لکيو اٿائين:
"ھڪ بيوس بڻيل وفادار زال، در در تي مٿن مائٽن کان مدد گھري ۽ ڏير بہ

سسئي جي ڏيرن جيان ڏاڍا، زڪوات جو چيئرمين هٿ ۾ تسبيح جهلي اکين ۾ وحشت جا تير هڻندي بنگلي تي اچڻ جا اشارا ڏنس.“

اها آهي ايوب گاد صاحب جي سوچ جيڪو پاڻ مرد هوندي عورت سان ٿيل ڪيسن کي ڪهڙي نہ سهڻي انداز ۾ بيان ٿو ڪري. ڀنائي گهوٽ وانگر هن جي اندر ۾ اُها سوچ لوچ ۽ تڙپ جيڪا سسئيءَ ان وقت محسوس ڪئي هوندي، مارئيءَ مارن کان پري رهي محسوس ڪئي يا مومل راڻي لاءِ جبل جهاڳيندي محسوس ڪئي، اُها ئي محسوسات هن جي لکڻين مان خاموشين جا بند ٽوڙي نڪرندي ٿي اچي.

مان هن جي ڪهڙين خوبين تي لکان: مون جهڙي ادني انسان کي اهو شرف بخشيندڙ ’ايوب گاد‘ تہ مان سندس ڪهاڻين جي ڪتاب تي لکان، اهو منهنجي لاءِ وڏو اعزاز آهي ۽ ’ادا ايوب‘ اهڙا اعزاز مون کي بخشيندو رهندو آهي. جڏهن هن مون کي پروگرام ”سنڌ جي سائين“ لاءِ چونڊيو اهو سندس جو پروگرام KTN وارن لاءِ انمول تحفو هو جيڪو پوري سنڌ لاءِ جاڻ جو خزانو پڻ هيو جو تہ ڀنائي گهوٽ تي جنهن نموني ايوب گاد ريسرچ ڪئي ۽ انهن کي ڊرامائي تشڪيل ۾ پيش ڪيو اهو ڪم صرف ۽ صرف اهو ئي شخص ڪري سگهي ٿو.

**ڪلپنا ديوي**

لاڙڪاڻو.

## پنهنجي پاران

# ڏولَ منهنجي ڳالهڙي

دل داستانن سان ڀري پئي آهي، چؤطرف ماسڪ چاڙهيل چهرا ڏسي ڏسي اڪيون سچ ۾ سونهن سان سينگاريل حسن ڏسڻ لاءِ آتيون آهن.

حُسن هروڀرو چهري جي خوبصورتي يا ڀوري رنگ جو نالو ناهي. پر مان تہ ان سهڻي صورت جي ڳالهہ ٿو ڪيان جنهن لاءِ خود خدا فرمايو

**"لقد خَلقنا الانسان في احسن تقويم"**

باقي ظاهري مورت تہ ماڻهن کي موهي بہ وڌو تہ ٺڳي بہ وڌو.

شاعرن جي دنيا هجي يا ليکڪن جي ۽ ان کان وڌيڪ خطرناڪ شوبز جي دنيا، وري چؤطرف ماحول اهڙو جو در کان ٻاهر نڪر تہ ميونسپل جي نا اهليءَ سبب رستن تي گندو پاڻي بيٺل. ڪنهن آفيس ۾ ڪم لاءِ وڃ تہ سڀ غير ذميوار. شهر ۾ ٽريفڪ جو نظام ٻاوان ٻول، شهر جون فوٽ پاٿون انڪروچمينٽ جي آخري حدن تائين پهتل، وري لاڙڪاڻي جي گهٽين جي پوزيشن اهڙي جو سڄي شهر جا ڪاڪوس جنهن کي باٿ روم جو نالو ڏئي ماڊرن ڪيو ويو آهي، پيو تہ نهيو پر 6 فوٽن جي سوڙهين گهٽين ۾ بہ ڏيڍ فوٽ ٻنهي پاسن کان انڪروچمينٽ ضرور هوندي.

دنيا ۾ سگهارو ادارو ميونسپل ئي هوندو آهي، جيڪو سڄي شهر جي سونهن جو ضامن هوندو آهي. ۽ اهو هتي مُئل ۾ مئل بہ اهڙو جهڙو سالن کان گند جي ڍير تي ڀيل ڍونڊ هجي.

اهڙي ماحول ۾ جتي گهر کان آفيس وڃڻ تائين ڪراهت. ڏن ڏونهون ۾ رستن تي ٽڙيل پکڙيل ڪچرو ملي. ماڻهن ۾ Civic Sense نہ هجي، وري گهر اچ تہ بجلي بند. ۽ ٽيبل تي رکيل اضافي يونٽ جو بل پيل هجي. اتي ماڻهو ڪهڙو تير ماري سگهندو. ۽ انهن سڀني ڳالهين کان وڌيڪ چِڙَ ڏيارڻدڙ اهو SMS جنهن ۾ ڪنهن چسي شعر هيٺان شاهہ سائينءَ جو نالو لکيل هوندو آهي. سچ تہ ٻڏي مرڻ جو مقام آهي جو چڱا ڀلا اديب ۽

آفيسر دوست بنا سوچڻ سمجهڻ جي اهڙا بيت فارورڊ ڪريو ڇڏين. ايڏي اندوهہ هوندي بہ ڪنڌ ۾ ڪاپو ڪرڻ منهنجي ڪرت آهي، ڇو تہ مونکي سائينءَ چيو تہ:

تانگهي ۾ تاٽي، ٻڌُ پنهنجو ٽُرهو
اونهي ۾ آٽي، ڪونہ ڏيندئي ڪو ٻيو.

جيڪڏهن اسان جي ادارن ۾ ويٺل اديب ايترا پنهنجي قوم جي جينئس ليکڪن جا هڏڏوکي هجن ها تہ ڪراچي شاهہ لطيف چيئر، لينگوئج اٿارٽي، سنڌيڪا ۽ ٻين وٽان انور ڏنگراڻيءَ جي پٺائي سائينءَ جي شاعريءَ جي 15000 ڏکين لفظن جي ڊڪشنري ڪڏهوڪو ڇپجي وڃي ها.

ائين آرٽ ڪائونسل لاڙڪاڻي جي ادبي سيڪشن وارن مون سان ڪيو ۽ ٽيلي ناٽڪ وارو ڪتاب پوئتي ڪري لاڙڪاڻي متعلق اڳ ۾ ئي ڇپيل مواد ڇپرايو. سائين منهنجا سدائين هڪبئي کي حاجي ۽ زوار جي لقبن سان نوازيو جڏهن هن ملڪ ۾ ئي تخليقڪارن (Creators) جو قدر ڪونهي تہ اسان سنڌين وٽ ڇو هجي؟

اسان ٻين کي عزت ڏيڻ ۾ پنهنجي گهٽتائي محسوس ڪندا آهيون. اسان وٽ هميشہ جڳاڙي ماڻهو شارٽ ڪٽ هڻي، پنهنجو نالو ڪمائي ويندا آهن پوءِ ڇونہ اڄ جي دؤر جي سنڌي چينل تي ويٺل ڪو موسيقار هجي، ڪو ڊرامہ رائيٽر هجي يا ڊائريڪٽر جن کي نہ ٻوليءَ جي ڄاڻ، نہ ڪئميرا ورڪ جي خبر، پوءِ بہ اُهي ايوارڊن سان نوازيا وڃن ٿا.

ضروري ناهي تہ منهنجن ڳالهين سان سڀ متفق هجن، هوندا بہ نہ. ۽ اهو بہ ضروري ناهي تہ منهنجون ڪهاڻيون ڪنهن کي وڻن. ڇو تہ هر ڪنهن جي پنهنجي پنهنجي ٽيسٽ آهي ۽ اڄڪلهہ تہ ڪوڙ فليور بازار ۾ ملن ٿا. ان ڪري مان پاڻ کي نہ ڪرشن چندر ٿو سمجهان، نہ سعادت منٽو نہ امرجليل نہ آغا سليم نہ قمر شهباز نہ اسٽيفن ذويگ. مان تہ هڪ ننڍڙو ليکڪ آهيان ۽ 1980ع کان مختلف وقتن تي رسالن، مئگزين ۽ اخبارن ۾ جيڪي ڪهاڻيون ڇپيل هيون، اهي ۽ ان سان گڏ پي ٽي وي ۽ ڪي ٽي اين تي هليل ڊرامن کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏئي لکيو اٿم.

مون سدائين پاڻ کان وڏيڪ ٻين کي جيڪي بہ تخليقڪار آهن اهميت ۽ عزت ڏني آ. مون پورٽريٽ ۾ محمد علي پٺاڻ جو ڪم ڏسي 16 سالن تائين ڪا تصوير نہ ٺاهي هئي. سينئر اديبن جو ادب، تخليقي موسيقارن، شاعرن ۽ ليجينڊ اداڪارن سان پيار ڪرڻ منهنجي طبيعت ۾ شامل آهي.

ڪوڙن، قسمي پاڻ پڏائيندڙن ۽ ڪنهن شخصيت جي ساراهہ ۾ ڪوڙا ڪلمات لکي ڇپائڻ يا انهن آڏو محفلن ۾ ساراهہ جا ڍُڪ پرڻ بنهہ ناهن وڻندا، اهو ئي سبب آهي منهنجو محفلن، مشاعرن ۽ پروگرامن ۾ شرڪت نہ ڪرڻ جو ۽ اهي وڏيڪ زهر لڳندا آهن جيڪي ڀٽائي سائينءَ جي فلسفي ۽ شاعريءَ کان واقف هوندي بہ پاڻ کي مهان چوندا آهن. جيئن ڪنهن وقت ۾ شاهہ لطيف چيئر ڪراچي ۾ ٽيل هڪ پروگرام ۾ سگار جو سُونٽو هڻي شاهہ سائينءَ جي راڳين اڳيان ڪيپ ڪيڙيا هئا.

بحرحال محترم آفتاب سرهئي، اخلاق صاحب ۽ ڪلپنا ديوي جون مهربانيون جن هر وقت صلاحن ۾ ساٿ پئي ڏنو.

آخر ۾ مرشد ڪريم ڀٽ ڌڻيءَ جو اهو بيت جنهن مونکي حوصلو بخشيو ۽ دنيا وارن کان بي نياز ڪري ڇڏيو:

سائينءَ چيو:

**مڱِ تنهين کان مڱڻا، جو ڏيهاڙي تو ڏئي،**
**ڪوڙا در دنيا جا، جاچِڪ مڱين جي،**
**سُپان توهين کي، موٽي ڏيندا مُنهن ۾.**
**(سر پرڀاتي)**

# ايوب گاد

(مصور، شاعر، ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار، ڪالم نگار ڪئميرا مين، لينئر ۽ نانِ لينئر ايڊيٽر ۽ هدايتڪار)



# کھاڻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# مُجسمو

سنڌالاجيءَ جي ٻاهرين گيٽ وٽ سيميءَ جو مجسمو رکيو ويو هو. جنهن کي ڏسڻ لاءِ هزارين ماڻهو گڏ ٿيا هئا. سچي آرٽ فيڪلٽي خالي ٿي وئي هئي . ڪيترائي جوڙا عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ اکيون ڦاڙي ڏسي رهيا هئا. ماڻهن جو بي ترتيب آواز وچ جو ڪڙڪو ۽ طوفان ويتر هنيانءُ ڦاڙي رهيو هو. زمين ڪنير جي چڪ جيان ڦري رهي هئي ۽ مٿي تي هٿوڙا لڳي رهيا هئا. مان ڪنن تي هٿ رکي ٻاهر نڪري رهيو هوس تہ چاچي گلڻ مون کي سنڀالي ورتو.

پاڻيءَ جو گلاس پيارياٺين تہ پاڻ کي سارنگ جي ڪمري ۾ اڪيلو محسوس ڪيم ۽ مون کي ياد پيو تہ ٿوري دير اڳ ڪراچيءَ کان ايندي سنڌالاجيءَ جي پرسان بس خراب ٿي پئي هئي ۽ مان بس مان لهي ڏامر جي ڪشادي ويڪري روڊ تان يادن جا منظر( _Re play) ري پلي ڪندو بلڊنگ ڏانهن وڌي رهيو هوس، ويجها منظر، پري وارا منظر ۽ ان کان پري وارا منظر _ اُهي سڀ عڪس گيٽ تي پهچڻ سان هڪ ٻئي ۾ ڍڙالو ( Desolive)ٿي مارئي هاسٽل جي ڪولين ۾ بند ٿي ويا .

اندر داخل ٿيس تہ هر شئي اجنبي محسوس ٿيڻ لڳي، رسيپشن تي سارنگ جي پڇا ڪيم، جيڪو اتي آرٽسٽ هيو مان ۽ سيمي آرٽ فيڪلٽيءَ کان جڏهن بہ هن وٽ ايندا هئاسين تڏهن هو اسان کي پري کان ڏسي اسٽوڊيو ۾ گم ٿي ويندو هو ۽ اسان ٻئي ٽڪل ٽٽل جڏهن گوڏن تي زور ڏيندا هئاسين، تڏهن پويان اچي اوچتو ڇرڪ پرائيندو هو ۽ اسين شڪر جو ڪلمو پڙهي هن کي ڏاڍو خراب ڪندا هئاسون ۽ پوءِ سڄو ماحول ٽهڪن سان گونجندو هو . سيميءَ جا هلڪا هلڪا ٽهڪ ائين لڳندا هئا ڄڻ ايشيا جي ڪنهن موسيقار پيانو تي آڱريون رکي ماحول ۾ موسيقيءَ جون لهرون پکيڙي ڇڏيون هجن.

سيمي ۽ مان جڏهن ميوزم ۾ داخل ٿيندا هئاسين تڏهن شو ڪيسن ۾ پيل مجسما ڇرڻ لڳندا هئا. لوهر لوهہ ٽپيندا هئا . هاري هر ڪٽي زمين تي ويندا هئا . ڪوري آڏاڻن تي ڪپڙو ٺاهيندا هئا . سگهڙ زالون ائٽ تي سُٽ ڪتينديون هيون ۽ وري جڏهن موسيقيءَ جي شعبي ۾ ويندا هئاسين تہ گرامون فون تي چڙهيل رڪارڊ

آٽوميٽڪ وڃڻ شروع ڪندو هو. ڪنور ڀڳت جو منڙو آواز من ۾ پيهي ويندو هو ائين لڳندو هو ڄڻ سڄي حال ۾ سنڌ جا سڀ راڳي ساٿس گڏ ڪورس ۾ ڳائي رهيا هجن.

پر اڄ سالن کان پوءِ رسيپشن تان خبر پئي تہ سارنگ کي نوڪري مان ڪڍيو ويو آهي . مون کي اهو ڪتڪو هوندو هو تہ ڪنهن ڏينهن ڪيس نوڪريءَ مان ڪڍيو ويندو. جو هن ڪڏهن پنهنجي بيورو ڪريٽس سان اصولن جو سودو نہ ڪيو هو نہ ئي هنن جي چوڻ تي پنهنجي فن سان ويساهہ گهاتي ڪئي هئي.

مان واپس موٽيس تہ دروازي تي گلڻ مليو. گلڻ اتان جو پراڻو پٽيوالو آهي ۽ سارنگ هن جو ڏاڍو خيال ڪندو هو گلڻ مون کي سارنگ جي ڪمري ۾ وٺي آيو ۽ تڪڙ تڪڙ ۾ چانهہ ڪٽي آيو. چانهہ جو پهريون ڍڪ پريم تہ گلڻ پڇيو سائين ٻڌو هئم. توهان شادي ڪري ڇڏي آهي، ڪوسو ڍُڪ اندر ۾ اوتجي ويو. چيم ها چاچا تو صحيح ٻڌو آهي. گلڻ گهڙي کن چپ ٿي ويو ۽ پوءِ چوڻ لڳو پٽ شادي گُڏي گُڏيءَ جي راند ناهي عمر جو فيصلو آهي، تو کي ائين ڪرڻ نہ کپندو هو . مون چوٿون، پنجون ۽ ڇهون ڍڪ اندر ۾ اوتيو ، چاچا......سيمي ڪيئن آهي...هتي ايندي آهي ؟ ها پٽ ڪڏهن ڪڏهن ايندي آهي پر مون کان سندس حالت ڏٺي نہ ويندي آهي. چاچي ٿڌو ساهہ پريندي چيو.

تون چا تو سمجهين چاچا . تہ ان جي بربادي جو ذميوار مان آهيان ..........؟ تو کي تہ خبر آهي مون هن ڪمري ۾ سارنگ جي سامهون ڪيس ڪيترا ايلاز ڪيا هئا. ڪيڏيون منٿون ڪيون هيون. سارنگ بہ ڪيس سمجهايو هو پرهوءَ چوندي رهي، تہ مان شادي نہ

ڪنديس. توسان دوستي آهي. مون سان ملندو ڪلندو ڪر پر شادي مون ڪي ڪرڻي ئي ناهي.

توکي ياد آهي نہ چاچا ........تہ مان ڪيس ڪيڏو سمجهائيندو هوس تہ هن عمر ۾ تون هٺ تي آهين پر جڏهن جوانيءَ جا پاچا ڳرَ موڙي پاسيرا ٿيَنٿي تہ هٺ هٽنديون، پر پوءِ بہ هو آخر تائين ضد تي رهي. پوءِ جڏهن مان يونيورسٽيءَ چڏي ڳوٺ ويس تہ اتي بابا مون کي منهنجي ماسات سان شادي ڪرائي ڇڏي جيڪا مون صرف سيميءَ جي ضد جي ڪري "ها" ڪئي نہ تہ مان سيميءَ کان سواءِ هرگز ٻيءَ ڪنهن سان شادي نہ ڪيان ها.

چاچو گلڻ منهنجي مُنهن کي ڏسي چپ تي ويو هو جَهٽ رکي چيائين پر توکي خبر آهي تہ سيميءَ شادي ڪري ڇڏي آهي.

"هان" مون رڙ ڪئي . مهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي جڻ ڪنهن منهنجي ريڙه کي جمبوريءَ سان سٽ ڏني هجي.

مان اهو پڇي نہ سگهيس تہ ڪڏهن ۽ ڪنهن سان شادي ڪيائين پر هڪدم چيم چاچا تو پهرين چيو تہ ڪڏهن ڪڏهن هتي ايندي آهي ؛ تو ڪان هن جي حالت ڏٺي نہ ٿيندي آهي ڇا هوءَ پنهنجي مڙس کان خوش ناهي؟ .

چاچو گلڻ ڪلڻ لڳو ڪهڙو مڙس؟ تون پڙهيل لکيل آهين . اها ڄاڻ تہ ضرور هونديءَ تہ هر مرد سڄو مڙس تي نتو سگهي، تنهنجي ۽ سيميءَ جي پيار جا هُل سڄي يونيورسٽيءَ ۾ هيا . هرڪو توهانجي پيار جا مثال ڏيندو هو.

تنهنجي ڳوٺ وڃڻ کان پوءِ سيميءَ جي ماءُ پيءُ هُن جي زوريءَ شادي ڪرائي ۽ مهيني اندر مڙس ڪيس طلاق ڏئي ڇڏي.

پر ............ پر ڇو؟ منهنجو متو چڪرائڻ لڳو. ان لاءِ تہ هن

جي مڙس کي تنهنجي پيار جو پتو پئجي ويو. تنهنجي شاعري ريڊيو تان هنن جي ڪنن تي پهتي تہ هو گهر ۾ سيميءَ کي طعنا هڻڻ لڳو.

هر پيري سان هر گيت نوان پالا ڪٽي سيميءَ جي وجود تي وار ڪرڻ لڳو شاديءَ کان اڳ سيمي انهن گيتن تي ڏيان نہ ڏنو پر شاديءَ کان پوءِ کيس احساس ٿيو تہ انهن گيتن ۾ ڪيتري گهرائي آهي.

پوءِ آهستي آهستي ڳالهہ وڌي وڌي وڻ تي وئي، هن جو مڙس اهو برداشت نہ ڪري سهگيو تہ هن جي زال ٻئي ڪنهن جي محبوبہ هجي ۽ هن جو ماضي ٻئي ڪنهن جي نالي ٿيل هجي........

مونکي هن جي مڙس تي جڪ اچڻ لڳا. سيمي ۽ منهنجي پيار تي هن چٽا هنيا هيا کيس صرف ايتري خبر هئي تہ اسين هڪ ٻئي کي بي انتها چاهيندا هئاسين ۽ هن کي سندس مڙس طلاق ڏيئي ڇڏي هئي جڏهن تہ هن ملڪ ۾ الائي ڪيترا، اهڙا مڙس بہ آهن جن جي زالن جوانيءَ جي نشي ۾ ڪيترائي حرامي ٻار گند پيٽيءَ جي حوالي ڪيا هئا، فرق ايترو آهي تہ انهن کي پنهنجي زالن جي ماضيءَ جي ڪابہ خبر ڪانهي، انهن جو ماضي انهن جي حرامي ٻارن سان گڏ دفن ڪيو ويو. جڏهن تہ اسان جو ماضي اسان جي پيار وانگر ڦولارجي ويو. جنهن جي خوشبو اڄ بہ ڄامشوري جي هوائن ۾ ڦهليل آهي.

اهو سڀ ڪجهہ سوچيندي منهنجي آڏو سيميءَ جو روئڻهارڪو چهرو ڦرڻ لڳو. پٽ جو سهارو ڏيئي اٿيس تہ اکين آڏو ڏنڌ ڇائنجي ويو. مون کي ائين لڳو ڄڻ سنڌالاجيءَ جي ٻاهرين گيٽ وٽ سيمي جو مجسمو رکيو ويو آهي. جنهن جي هڪ هٿ ۾ منهنجي شاعريءَ جو مجموعو ۽ ٻئي هٿ ۾ طلاق نامون هجي.

ان مجسمي کي ڏسڻ لاءِ هزارين ماڻهو گڏ ٿيا هئا . سچي آرٽس فيڪلٽي خالي ٿي وئي هئي چوڌاري تيز هوا ۽ طوفان منهنجي اندر کي ولوڙي رهيا هئا. زمين ڪنير جي چڪ تي ڦري رهي هئي ؛ ۽ منهنجي مٿي ۾ هٿوڙا لڳي رهيا هئا. مان ڪنن تي هٿ ڏيئي گيٽ ڏانهن ڀڄڻ لڳس ته چاچي گلڻ مون کي سنڀالي ورتو.

مون پاڻيءَ جو گلاس يڪساهي اندر ۾ اوتيو. پوءِ چاچي گلڻ کي چيم .......ته جي ڪڏهن سيمي اچي ته ڪيس چئجانس ته منهنجي در جا ٻئي طاق تنهنجي لاءِ اڄ به کليل آهن.

❋❋

ماهوار ”نئين زندگي“ حيدرآباد. مارچ 1998ع ۾ ڇپيل.
ماهوار ”پارس“ ڪراچي. مئي 1994ع ۾ ڇپيل.
ماهوار ”بختاور“ حيدرآباد. 1992ع ۾ ڇپيل.
روزانه ”عبرت“ حيدر آباد. اپريل 1992ع ۾ ڇپيل.

# ”ڏاريءَ ويس“



زاهد ٽيليويزن لاءِ ڊرامو لکي رهيو هو. رات جا ٻارنهن ٽيڻ وارا هئا. تڏهن هجڻ ڪري هن کي هڪ پيرو ٻيهر چانهه جي ضرورت محسوس ٿي، هن بورچيخاني ۾ وڃي چانهه ٺاهڻ کان لنوائيندي سگريٽن جي پاڪيٽ کي سوري ماچيس ۾ هٿ وڌو پر پاڪيٽ خالي هو.

هن کي اچان ٻارنهن صفحا لکڻا هئا ان ڪري هن سوچيو تہ جو نہ سگريٽن سان گڏ ٿرماس ۾ چانهن بہ هوٽل تان وٺي اچان. پوءِ هو ٿرماس کڻي کيسي ۾ هٿ هڻي پئسن جي هجڻ جي پڪ ڪر ٻاهر نڪري ٿو. جيئن ئي دروازو کولي ٿو تہ سامهون واري گهر مان ڪاري برقعي ۾ هڪ عورت نڪري ٿي. زاهد هن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر مُنهن تي پردو هئڻ ڪري ۽ گهٽيءَ ۾ هلڪي روشني هجڻ ڪري هن کي سڃاڻي نہ سگهيو. عورت گهٽي مان هلي وئي پر

زاهد اُٺ ترڻ ۾ پئجي ويو، لياقت صاحب تہ نهايت شريف ماڻهو آهي هن جي تہ شادي بہ ٿيل آهي، ايترا سال هن محلي ۾ رهيا آهيون، هن جي زال ناهيد تہ سياڻ واري سُلڇڻي عورت آهي پوءِ هن وقت هنن جي گهر مان ڪير نڪتي؟

هن پنهنجي خيالن کي جهٽڪو ڏئي ائين منتشر ڪيو جيئن ڪو جواري ماڻهو جوا جي اڏي تا ن هارائي بوڇڻ کي ڇنڊڪو ڏئي ڪلهي تي رکي روانو ٿيندو آهي.

هن هوٽل تان چانهہ ۽ ماندئ تان سگريٽ وٺي واپسيءَ ۾ هڪ ڀيرو وري لياقت صاحب جي گهر جي دروازي ڏانهن نهاريو.

پوءِ گهر اچي چانهہ ڪپ ۾ لاهي پنا سوري ويجها ڪيا تہ ٻيهر هن جي ذهن جي پردي تي ساڳيو عورت جي گهر مان نڪرڻ وارو سين ري پلي Re_play ٿيڻ لڳو. هن کي ياد آيو تہ لياقت صاحب تہ ڪافي ڏينهن کان بيمار آهي ۽ هو گهر کان ٻاهر بہ ڪونہ نڪرندو آهي پوءِ هن ڪُمهلي ٽائيم تي ڪير هئي. ڇڏ يار بس ڪري تون ڊرامو لک...........سياڻي ڊائريڪٽر کي ڏيڻو آهي پراون معاملن ۾ تنهنجو ڪهڙو ڪم . هو پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي خاموش ٿي ويچي ٿو ۽ پوءِ سگريٽ دکائي لکڻ لڳي ٿو.

ٻي ڏينهن رات جو چئنل تان واپس موٽندي هن پنهنجي در کولڻ بجاءِ لياقت صاحب جي گهر جو در کڙڪايو در کلڻ جي انتظار ۾ هو سوچڻ لڳو تہ لياقت صاحب بيمار آهي. ....... آهستي آهستي اٿندو ۽ هيستائين اچڻ ۾ ٽائيم لڳندس ان ڪري هن ٻيهر درکڙڪائڻ مناسب نہ سمجهيو. هو خيالن ۾ ئي هو تہ دروازو آهستي کُليو اندران ناهيد در جو طاق کولي زاهد کي ڏسي چوڻ لڳي زاهد صاحب توهان.......ڪهڙو ڪم آ؟.

زاهد ٿورو هٻڪيو هن جون تيز نظرون دروازي جي ڀيڪڙ ۾ بيٺل سادن ڪپڙن ۾ بخمل جهڙي بدن ۽ چنڊ جهڙي چهري تي کپي ويون. ناهيد نيڻ جهڪائي ڇڏيا.

زاهد چيو......لياقت صاحب جي طبيعت ڪيئن آهي؟

اڳي کان ٺيڪ آهي ناهيد اکيون کٽي هن کي ڏٺو ۽ چيو تہ دوائن جو ڪورس اجان هليس ٿو.

ٺيڪ آ ...... الله خوش ڪندس. منهنجو پڇجوس. هو اصل ڳالهہ ناهيد کان پڇي نہ سگهيو. لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيس هو جلديءَ ۾ موڪلائي گهر هليو آيو.

ٻي رات جڏهن هو هوٽل تان دوستن کان موڪلائي واپس پنهنجي گهر جو در کوليو. اندر مس آيو تہ لياقت جي در جو هلڪو کڙڪو ٻڌي پنهنجي در جي اوٽ مان ساڳي عورت کي برقعي ۾ ويندي ڏٺو. هو ٻاهر نڪتو ۽ ان عورت جو پيڇو ڪرڻ لڳو. اونداهيءَ ۾ لڪندو لڪندو موڙ وٽ ڏٺو تہ هڪ ڪار اڳ ۾ ئي هلڪي روشني گاڏڙ اوندهہ ۾ بيٺل هئي هوءَ ان جو پويون دروازو کولي ويٺي ۽ ڪار رواني ٿي وئي.

زاهد واپس موٽيو ۽ ڪمري ۾ پسار ڪندي وري ٻاهر نڪتو ۽ اچي لياقت جي گهر جو در کڙڪايو اندارن ڪوبہ جواب نہ آيو ڪافي دير سوچيندو رهيو تہ ٿي سگهي ٿو ٻئي زال مڙس ننڊ پيا هجن ۽ هي ڪا ٻي عورت هجي. در ٻيهر کڙڪائڻ گهرجي هن در ۾ هٿ وجهي اندر ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اندران ڪنڊو جيڪو ٿورو اٽڪيل هيو کُلي پيو. زاهد پير پير ۾ ڏئي اندر هلڻ لڳو. آڳر مان ٿيندو ورانڊي ۾ اچي بيٺو. هڪ ڪمري ۾ هلڪي روشني ڏسي در جي اوٽ ۾ بيهي رهيو ڪجهہ دير خاموش بيهڻ کان پوءِ ڪمري ۾

جهاتي پائي ڏٺائين. لياقت بيڊ تي اگهور ننڊ ۾ ستل هو. هو ڪمري ۾ نظر ڦيرائي ته ٽيبل تي رکيل دوائن سان گڏ (Sleeping plul) ننڊ جي دوا جي شيشي رکيل هئي.

هو سوچي ٿو ته پڪ سان ناهيد هن کي ننڊ جي دوا پياري نڪري وئي آهي پوءِ زاهد گهر موٽي آيو.

هن ڪان نئين ڊامي جي قسط لکڻ وسري وئي ٿي. ناهيد ۽ لياقت جي باري ۾ سوين خيال هن جي من کي بي چين ڪري رهيا هئا. نيٺ پاسا ورائي ورائي هن هڪ فيصلو ڪيو ته سياڻي ان ٽائيم تي ان عورت جو اڳ جهليندو.

ٻئي ڏينهن هن ائين ئي ڪيو. ان عورت جي نڪرڻ جي ٽائيم ڪان اڳ گهٽيءَ جي موڙ وٽ بيٺو رهيو.

ٿوري دير ڪان پوءِ اها عورت در جو طاق اندران ڪنڍي ۾ ڦاسائي گهٽيءَ ۾ جيئن داخل ٿي ته زاهد اونده مان سوجهري ۾ ايندي هن جي ٻانهن ڪان پڪڙيو. ڪير آهين تون؟ هوءَ بلڪل گهبرائجي وئي. زاهد کي ته هوءَ چڱيءَ طرح سڃاڻندي هئي. ڪجهه مهينا اڳ زاهد پنهنجين ڪهاڻين جو ڪتاب لياقت کي ڏنو هو. جيڪو ناهيد به پڙهيو هو ۽ هن جي ڪهاڻين ڪان متاثر هئي. ان ڪري هن يڪدم مُنهن تان پردو هٽائي چيو سائين منهنجي ٻانهن ڇڏيو. مون کي وڃڻ ڏيو. زاهد برقعي ۾ ناهيد کي ڏسي وسامي ويو. ڇو ته شڪ ۽ يقين جي وچ وارو پردو هاڻي هٽي ويو هو. هن وري منتشر ٿيل سوچن کي يڪجا ڪري چيو پر تون هن مهل وڃين ڪيڏانهن ٿي.

ناهيد هيڏي هوڏي ڏسندي چيو. خدا جي واسطي مون کي خوار نه ڪر. تون واپس وڃ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ مان توکي هرگز ائين ڪرڻ نہ ڏيندس . زاهد هن کي اهو جملو ائين چئي ويو جڻ ناهيد هن جي ڪا رشتيدار هجي ، ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جي جملي ناهيد کي پيرن ۾ سنگهر وجهي ڇڏيا. هن زاهد کي ٻانهون ٻڌندي چيو خدا جي واسطي مونکي نہ روڪ. جي مان نہ ويندس تہ منهنجو مڙس مري ويندو. زاهد جي مٿان ن جڻ وڄ ڪري، هو ويتر وائڙو ٿي ويو. هن کي بنهہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ هاڻي هو ڇا ڪري ، گهٽيءَ ۾ گهڻو وقت بيهڻ ٻنهي لاءِ مناسب نہ هو. ان ڪري زاهد جي چوڻ تي ناهيد سندس گهر هلي آئي ۽ لياقت جي بيماريءَ جو سربستو حال ڪندي هوءَ اوڇنگارون ڏئي روئيندي رهي .

هڪ بيوس بڻيل وفادار زال در در تي مٿن ماڻهن کان مدد گهري، ڏير بہ سسئيءَ جي ڏيرن جيئان ڏاڍا. زڪوات جو چيئر مين هٿ ۾ تسبيح جهلي اکين ۾ وحشت جا تير هڻندي بنگلي تي اچڻ جا اشارا ڏنس.

رکيل پئسا ختم ٿيڻ لڳا. 9 مهينن جو مهانگو دوائن جو ڪورس هاڻي هن جي پهچ کان پري ٿيندو ٿي ويو. لياقت جيڪو هلڻ کان هلاڪ . نيم بيهوشيءَ ۾ ڏينهن رات سمهيل . ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي ناهيد فيصلو ڪيو ۽ مڙس جي صحتيابيءَ لاءِ عزت وڪڻي دوائون خريد ڪندي رهي . اٺَ مهينا پورا ٿيڻ تي هئا.باقي هڪ اڌ مهينو هو.

زاهد، ناهيد جي وارتا ٻڌي سوچ ۾ پئجي ويو هو ايتري پيار ڪرڻ واري زال ، جنهنجو سڀ ڪجهہ پنهنجي مڙس لاءِ هو. سندر ، حسين ۽ سياڻ واري ۽ سندس مڙس بخيل نڪمو. واڪ ڪرڻ دوران زاهد سان هن جي ڪهاڻين تي اجايو بحث ڪندو هو ۽ ڪاوڙجي بہ پاڻ ويندو هو ڪڏهن تہ هن جي گهر مان ناهيد کي مارڻ يا دڙڪن ڏيڻ

پندرهن ڏينهن پيا بہ گذري ويا . لياقت هاڻي ڪافي بهتر هو. ڪمري ۾ چهل پهل ڪندي دوائن جو پنو ڪڍي ٿو. ناهيد ڪپڙا استري ڪيل کڻي ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي ۽ لياقت کي ڏسي مُرڪي ٿي ڇو تہ هن جي زندگي صرف ۽ صرف سندس مڙس ئي هو. لياقت بہ هلڪي مُرڪ مک تي آڻي ڇئي ٿو. ناهيد مان ٻاهر باغ مان چڪر بہ هڻي اچان ۽ هي دوائون بہ اسٽور تا وٺي اچان. لياقت جي هٿ ۾ پنو ڏسي ناهيد جي مُنهن تان پنو لهي وڃي ٿو.

پر پاڻ سنڀالي چوي ٿي . توهان باغ مان پلي چڪر ڏئي اچو پر دوائون اچان آهن. مان سياڻي پاڻئي وٺي ايندس. لياقت سنجيده ٿيندي چيو پر جڏهن مان ٻاهر وڃان ٿو گهمڻ ڦرڻ جهڙو آهيان تہ تنهنجو هرو ڀرو اسٽور تي وڃڻ جو ڪهڙو ضرور آ.؟ هو پنو کڻي ٻاهر وڃي ٿو.

باغ مان ٿيندو هو بوڪ اسٽال تي اخبار پڙهي ٿو تہ زاهد جي اتان گذرندي اچانڪ لياقت تي نظر پوي ٿي ، هو لياقت کي اخبار ۾ گم ڏسي موقعو وٺي سندس گهر ناهيد سان ملڻ لاءِ وڃي ٿو. لياقت اسٽال تان ٿي ميڊيڪل اسٽور تان دوائون وٺي ٿو ۽ دوائن جو غير معمولي بل ڏسي هو وائڙو ٿي وڃي ٿو پوءِ دوائون واپس ڏئي پنو کڻي گهر ڏانهن اچي ٿو.

زاهد ڊرامي جا ايڊوانس ورتل پئسا ناهيد کي ڏئي ٿو. ناهيد هن جو شڪريو ادا ڪندي وڏيڪ پئسا نہ ڏيڻ لاءِ چوي ٿي. ڇاڪاڻ تہ هاڻي صرف هڪ هفتي جي باقي دوائن جي ضرورت هئي.

لياقت جيئن گهر جو دروازو ٽپيو تہ گهر ۾ مرد جو آواز ٻڌي ڊيوڍيءَ ۾ لڪي بيهي رهيو.

منهنجو توتي يا لياقت صاحب تي ڪو تورو ڪونهي ، مون هي رقم توکي صرف ان ڪري ڏني تہ تون جيڪو رات جو مڙس کي ننڊ جي دوا پياري غلط ڪم پئي ڪرين . اهو مونکان ڏٺو نہ ٿيو . تو جهڙي خوبصورت ۽ وفادار زال جو اهو شان نہ آهي . ناهيد زاهد جا لفظ ٻڌي ڪنڌ جهڪائي چوي ٿي ، مان مجبور هيس ، هڪ طرف منهنجي مڙس جي زندگي ۽ جو سوال هو ٻي طرف منهنجي عزت, مان ڪنهن بہ حال ۾ پنهنجو ور نہ ٿي وڃائڻ چاهيو . هن جي زندگي ئي منهنجي لاءِ سڀ ڪجهہ آ .

جيئن زاهد ناهيد کان موڪلائي ٻاهر ويو تہ لياقت ڏيوڍيءَ مان نڪري اوچتو ناهيد جي سامهون آيو . ناهيد ششدر ٿي وئي ، لياقت جي اکين ۾ اُلا هئا هن جسم جي سموري سگهہ گڏ ڪري گجندڙ آواز ۾ چيو ، بي حيا ، بي غيرت تو مونکي ننڊ سمهاري پنهنجي جسم جي لذت حاصل ڪئي آهي ، منهنجي عزت کي نيلام ڪندي توکي شرم نہ آيو . نڪر منهنجي گهر مان . لياقت ناهيد کي زوردار چماٽ وهائي ڪڍي تہ ناهيد جي هٿن مان نوٽ زمين تي ڪري پيا ۽ هن جو دماغ چڪرائجي ويو لياقت وڏي رڙ ڪندي چيو مان توکي طلاق ٿو ڏيان..... مان توکي طلاق ٿو ڏيان ..... بيهو مسٽر لياقت.... .ٽين طلاق ڏيڻ کان پهرين ٿورو سوچو هڪ وفادار ۽ شريف زال جي وفائن جو بدلو اوهان هن کي ائين ڏئي رهيا آهيو؟

لياقت اجان ساڳي ڪيفيت ۾ هو هن ڪروڌ مان چيو شريف ۽ هيءَ .....................

جيڪا منهنجي عزت کي ٽڪي ۾ وڪڻي ، اها شريف چئبي.

ڏسو مسٽر لياقت صاحب تو هان تہ مون کي چڱيءَ طرح


13963

منھنجو توتي يا لياقت صاحب تي ڪو تورو ڪونھي ، مون ھي رقم توکي صرف ان ڪري ڏني تہ تون جيڪو رات جو مڙس کي ننڊ جي دوا پياري غلط ڪم پئي ڪرين ، اھو مونکان ڏٺو نہ ٿيو . تو جھڙي خوبصورت ۽ وفادار زال جو اھو شان نہ آھي . ناھيد زاھد جا لفظ ٻڌي ڪنڌ جھڪائي چوي ٿي ، مان مجبور ھيس ، ھڪ طرف منھنجي مڙس جي زندگيءَ جو سوال ھو ٻي طرف منھنجي عزت، مان ڪنھن بہ حال ۾ پنھنجو ور نہ ٿي وڃائڻ چاھيو . ھن جي زندگي ئي منھنجي لاءِ سڀ ڪجھہ آ .

جيئن زاھد ناھيد کان موڪلائي ٻاھر ويو تہ لياقت ڏيوڍيءَ مان نڪري اوچتو ناھيد جي سامھون آيو . ناھيد ششدر ٿي وئي ، لياقت جي اکين ۾ اُلا ھئا ھن جسم جي سموري سگھہ گڏ ڪري گجندڙ آواز ۾ چيو ، بي حيا ، بي غيرت تو مونکي ننڊ سمھاري پنھنجي جسم جي لذت حاصل ڪئي آھي ، منھنجي عزت کي نيلام ڪندي توکي شرم نہ آيو . نڪر منھنجي گھر مان . لياقت ناھيد کي زوردار چماٽ وھائي ڪڍي تہ ناھيد جي ھٿن مان نوٽ زمين تي ڪري پيا ۽ ھن جو دماغ چڪرائجي ويو لياقت وڏي رڙ ڪندي چيو مان توکي طلاق ٿو ڏيان.... مان توکي طلاق ٿو ڏيان ..... بيھو مسٽر لياقت.... .تين طلاق ڏيڻ کان پھرين تورو سوچو ھڪ وفادار ۽ شريف زال جي وفائن جو بدلو اوھان ھن کي ائين ڏئي رھيا آھيو؟

لياقت اجان ساڳي ڪيفيت ۾ ھو ھن ڪروڌ مان چيو شريف ۽ ھيءَ ....................

جيڪا منھنجي عزت کي ٽڪي ۾ وڪڻي ، اھا شريف ڇٽبي.

ڏسو مسٽر لياقت صاحب تو ھان تہ مون کي چڱيءَ طرح

سجاڳو. مون هن ڊرتيءَ تان الائي ڪيترا ڪردار ڪٽي پنهنجي ڊرامن جا موضوع بنايا آهن.

انهن سيني مان ناهيد هڪ اهڙي وفادار ۽ پنهنجي مڙس جي محبت ۾ پنهنجي عزت جي بہ پرواهہ نہ ڪندڙ واحد عورت آهي جنهن صرف تنهنجهي حياتيءَ لاءِ پنهنجو تن من گهوريو. جڏهن مون کي خبر پئي تہ مان هڪ پاڙيسريءَ ۽ ليڪ هئڻ جي ناتي هن جي مٿي تي اها پوتي واپس رکي جيڪا بيوسيءَ ۾ هن مٿي تان لاٿي هئي.

هن جي وفاداريءَ مٿان تون پنهنجون سَوَ زندگيون قربان ڪرتہ بہ گهٽ آهن ڇو تہ هن جو گناهہ ۽ ثواب سڀ تون آهين.

صرف تنهنجي محبت ۾ هن پنهنجي جسم کي بي معنيٰ بڻائي ڇڏيو ۽ اهو بہ تڏهن ٿيو جڏهن تنهنجي مائٽن، رشتيدارن ۽ سڀني ياءِ هن جي مدد ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

لياقت خاموش ڪنڌ هيٺ ڪري اندر هليو ويو تہ ۽ زاهد ناهيد جي مٿي تي هٿ رکي چوي ٿو پيڻ.

تنهنجو سؤدو تنهنجي لاءِ نہ هو جو تون دلگير ٿي ٿئين.

جيستائين هن معاشري جا ماڻهو پرائي نياڻيءَ جي صورت ۾ پنهنجي نياڻيءَ جي صورت نہ ڏسندا تيستائين عورت کي تقدس ملڻ مشڪل آهي.

تون وچ وڃي پاند ڳچيءَ ۾ پائي پرچائينس لياقت صاحب ڪاوڙ ۾ آ. اکين تان اوندهہ لهي ويندس تہ روشنيءَ جا ڪرڻا تنهنجي من جي پاڪائيءَ کي ضرور سلام ڪندا.

❋❋

# نئون مسلمان



ڪيئل اوڏ ڪي سندس پيءُ ڳوٺ جي اسڪول ۾ مئٽرڪ تائين پڙهايو. ان ڪانپوءِ اسڪول ڇڏڻ ۽ پائرن ۾ پاڇائين سان پنهنجي اباڻي ڪرت ڪرڻ لاءِ چيو. ڪيئل ائين ئي ڪيو پر ڪتابن سان شوق جاري رهيس. ڪافي سالن تائين هُو رديءَ مان ڪجهه ڪتاب خريد ڪري پڙهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي پراڻي ڪلاس ميٽ ساگر ڪان بہ ڪتاب اُڌارو وٺندو هو. هڪ ڏينهن ساگر هن ڪي هڪ اسلامي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنو.

ڪيئل ڪي اسلام متعلق وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو شوق ٿيو ۽ ساگر ڪان ٻيا بہ ڪتاب وٺي پڙهڻ لڳو. هن ڪي رسولِ خدا، حضرت علي ۽ امام حسين جي ڪردارن ڏاڍو متاثر ڪيو. ڪيئل جي دل ۾ خواهش ٿي تہ مان بہ هنن جو پوئلڳ ٿي ڇونہ پنهنجي ڪردار سان گڏ دنيا ۽ آخرت ڪي سينگاريان. هن ڳوٺ جي مسجد جي مولوي

Soorih Mirani

صاحب سان اهڙو اظهار ڪيو ۽ هن وڏي خوشيءَ سان ڪيئل جي طوهر ڪرائي ڪيس ڪلمو پڙهائي نالو خير محمد عرف خيرل رکيو ۽ اها ڳالهه ڳوٺ وارن کان في الحال مخفي رکي. گهر کان غير حاضري گهر وارن کي پريشان ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن ڪيئل عرف خيرل نيڪ تي ويو تہ هو گهر وارن ڏي ويو ۽ پيءُ کي سڄي ڳالهہ ٻڌايائين. سندس پيءُ تہ خاموش رهيو پر هن جي ڀائرن ڪيئل عرف خيرل کي ڏاڍي مار ڏني ۽ گهر مان ڪڍي ڇڏيو.

خيرل مولوي صاحب وٽ موٽي آيو. ڪجهہ ڏينهن تہ هن ڪيس رهايو پر پوءِ چيائينس تہ اڙي ميان پاڻ ڪٿي ڪو ڪمائڻ ۽ رهائش جو بندوبست ڪر. سڄي عمر تہ مان توکي ڪونہ رهائيندس. پوءِ خيرل ٽيپهريءَ جي نماز پڙهي مولوي صاحب کان موڪلائي حجرو ڇڏي شهر روانو ٿي ويو. شهر ۾ الحاج ڏٽي بخش صاحب جو نالو ٻڌو هئائين تہ هو نهايت رحمدل ۽ سخي مرد هئو. هن جي بنگلي تي روزانو ڪيترائي ضرورتمند مرد توڙي عورتون خيرات ۽ ضرورت جو سامان وٺي ويندا آهن. چار ڪلاڪ بنگلي تي انتظار ڪرڻ کانپوءِ حاجي صاحب منجهند جو هڪ بجي ڌاري هن سان مليو. هٿ ۾ تسبيح، مٿي تي اڇي ٽوپي، ڇاپئين ڏاڙهي، هن جي اکين ۾ ڪشش ڏسي خيرل دل ئي دل ۾ هن جو معتقد بڻجي ويو ۽ کيس پاڻ وٽ نوڪري ڏيڻ لاءِ چيو. پهريون تہ حاجي صاحب هن کي جواب ڏنو. پر نئون مسلمان ٿيڻ واري ڳالهہ ٻڌي ٻين نوڪرن آڏو هن کي مانُ بخشي هن تي احسان ڪري ڇڏيو. تڏهن خيرل دل ۾ سوچيو تہ واقعي جهڙو نالو ٻڌو هئم اهڙو ئي هيو الحاج ڏٽي بخش سخي، مسلمان جو سهڻو روپ. خيرل کي پنهنجي مسلمان ٿيڻ تي ڏاڍي خوشي ٿي رهي هئي. هاڻي هن کي ماني ٽڪي ۽ لٽو ڪپڙو بہ حاجي صاحب وٽان ملڻ لڳو هو. پگهار بہ نيڪ هيس. ڪجهہ ڏينهن ۾ ٻين نوڪرن سان رلي ملي

بہ ويو هو پر هنن جون ڪجهہ ڳالهيون ڪيس نہ ٿي وڻيون. هو ضرورتمندن ڪي مليل مال مان، ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪڍي وٺندا هئا. سرڪار طرفان حاجي صاحب کي مشينيون، ڪپڙو ۽ ڪاڏي پيتي جو جيڪو سامان ورهائڻ لاءِ ٿي مليو تہ حاجي صاحب بہ اهي غريبن کان وڌيڪ نور نظر ماڻهن کي ڏيندو رهيو. آهستي آهستي ڪيس اها بہ خبر پوڻ لڳي تہ حاجي صاحب وياج تي پئسہ بہ ڏيندو آهي. ان ڳالهہ هن کي تعجب ۽ پريشانيءَ ۾ وڪوڙي ڇڏيو. هن کي ننڊ ئي نہ ٿي آئي. هونئن تہ ڪم ڪار ڪري رات جو 8 بجي ڪانپوءِ هن جي ڊيوٽي ختم ٿي ويندي هئي ۽ وڃي پنهنجي پوئين ڪوارٽر ۾ سمهي پوندو هو. پر اڄ هو ٿڌا ساهہ ڀريندو بنگلي کان ٻاهر نڪري ويو ۽ رات جو دير تائين بي مقصد رلندو رهيو. اڌ رات هئي، هن کي خبر هئي تہ سياڻي حاجي صاحب منجهند کان اڳ ڪونہ اٿندو پر ڪيس اها خبر نہ هئي تہ اڌ رات حاجي صاحب ڪيتري ۽ ڪهڙي عبادت ڪندو آهي؟

هو ٻاهر رُلي رُلي رات جو دير سان بنگلي ۾ داخل ٿيو تہ حاجي صاحب جي خاص مهمانن واري ڪمري مان هن جي ڪن تي انڊين ڳاني جو هلڪو آواز پڙڻ ۾ آيو ڪمري ۾ هلڪي روشني هئي، اڌ رات ٿي چڪي هئي. خيرل وائڙو ٿي ان طرف وڌڻ لڳو تہ بنگلي جي چوڪيدار چيس، ايڏانهن نہ وڃجانءِ پيارا. وڃي ننڊ ڪر. خيرل تجسُس کي لڪائيندي چوڪيدار جو اڳ وٺي چيو تہ مونکي سڀ خبر آ. تنهن تي چوڪيدار مرڪي چيس تہ اڄ لاهور جي رقاصہ مديحہ آئي آ ۽ صاحب جي سنگت بہ موجود آ. سڀ ڪائڻ پيئڻ ۾ رڌل آهن. تون چپ ڪري هليو وڃ. ڪو ڏسي نہ وٺئي؟ خيرل پنهنجي ڪمري ۾ اچي، عجب ڪشمڪش ۾ پئجي ويو. رات جو 4 بجي

تائين هو پاسا ورائيندو رهيو. هن کي ننڊ ئي نہ ٿي آئي. ”الحاج ڏٺي بخش، سخي مسلمان، نمازي ۽ غريبن جو هڏ ڏوکي!“ گهڻي دير تائين جاڳڻ سبب هو منجهند 12 وڳي تائين سمهيو رهيو ۽ پوءِ اُٿي شهر جي هڪ وڏي مسجد ۾ ان جي پيش امام سان ملڻ لاءِ ان جي حجري جو ٻيڪڙيل در کولي اندر هليو ويو تہ مولوي ڪيبل تي انڊين فلمي گانو ”شيلا ڪي جواني“ ڏسي رهيو هو. جنهن جي ۾ پرسان هڪ خوبصورت نوجوان خطابي ويٺل هو. مولوي اجنبي شخص کي ڏسي هن تي ڏمرجي پيو تہ تون بنا در کڙڪائڻ جي اندر ڇو آيو آهين؟

خيرل ٻانهون ٻڌي چيس تہ. ”مولوي صاحب ناراض نہ ٿيو بابا ...مان توهان کان اهو پڇڻ آيو آهيان تہ ڪتابن ۾ جيڪو اسلام آ، اهو ڪٿي آ؟“

※※

# سٽيپي سفارش



هو هڪ پرائيويٽ ٽي.وي چئنل تي بوم آپريٽر هيو. سڄو ڏينهن ريڪارڊنگ دوران ڳئوري مائيڪ جي لٺ اُڀين ٻانهن ۾ جهليندي پاسن ۾ سور محسوس ڪندو هو. پلا بيروزگاريءَ ۽ مهانگائيءَ جي دؤر ۾ ڪري بہ ڇا؟ پنهنجي بيمار ماءُ ۽ ماني ڳيي لاءِ هو ٻن سالن کان بوم جهليندو ٿي آيو.

شوبز جي رنگين دنيا ۾ هن کان ماءُ، پيٽ ۽ پنهنجا سور سڀ وسري ويندا هئا. نيون نيون اداڪارائون، سينئر اداڪار ۽ اداڪارائن جي جهرمٽي ۾ جيتوڻيڪ هو هڪ خسيس بوم آپريٽر هو پر دل جو راجہ هئو. هو خيالي پلاءُ پچائيندي پاڻ کي هيرو کان گهٽ نہ پائيندو هو.

رنگ برنگي ڪپڙن ۾ ميڪ اپ جي تهن ۾ سجايل حسينائن
کي هو ڏاڍو ويجهڙو ڏسندو هو ۾ اها ويجهڙائپ هن جي بوم جهلڻ جي
ڪري هئي. ماسٽر شاٽ ۾ ايپي لٽ ڪنديءَ پاسن ۾ سوڙ محسوس
ڪرڻ باوجود هو چلڪيدار هيروئڻ جي اکين ۾ لهڻ جي ڪوشش
ڪندو هو ۾ سولو شاٽ ۾ گلابي ڳلن ۾ چپن جي سرخيءَ ۾ چڻ تہ لال
گلابي گولي (پشم) واري ڪان گولو وٺي هٿن ۾ سوڙهو ڪري هڪ
ڳيت ڏئي ڇڏيندوهو. پر اهو سڀ هن کي خواب لڳندو هو ۾ هو
پنهنجون هڙئي خواهشون خوابن ۾ ئي پوريون ڪري وٺندو هو.

هو جڏهن هفتي جي پڇاڙيءَ تي گهر موٽندو هو تہ بيمار ماءُ ۾
جوان ڀيڻ کي ڏسي وسامي ويندو هو. هن جي ڀيڻ صدوري هڪ ڳوٺ
۾ پرائمري اسڪول ۾ پڙهائيندي هئي. اسڪول هنن جي ڳوٺ کان
ايترو پري هو جو سراسر اڌ پگهار بسن ۾ رڪشا جي ڪراين ۾ پوري
ٿي ويندي هئس. ٻنهي ڀاءُ ڀيڻ جي معمولي پگهار مان گهر جو خرچ
مشڪل سان ئي پورو ٿيندو هو. ڳاتي پڳي دوائن جي اگهن ۾ ڊاڪٽر
جي فِي لاءِ اڪثر صدوري پريشان رهندي هئي.

مسجد جا خطابي سچي پاڙي منجهان الله نانءَ جي ماني وٺندا
هئا. پر صدوري انهن خطابن کي خرچي ڏيندي هئي تہ مسجد ۾
جيڪا سُڪل ماني بچيوَ اها ڪيس آٽي ڏيندا ڪيو. هوءَ مهيني جي
پوئين تاريخن ۾ اها سڪل ماني کپائي ماءُ جي لاءِ دوا خريد ڪندي
هئي.

هن هفتي جيئن ئي هو گهر موٽيو تہ سندس ماءُ ساڳيو ئي سوال
ڪيو "ابا رشيد (ٽي.وي) ۾ ڪم ٿو ڪرين. پنهنجي صاحب کي نہ
ٿو چوين تہ صدوريءَ جي، آفيسر کي چئي بدلي ڪرائي ڏئي، هن
ڳوٺ ۾ بہ تہ اسڪول آهي."

امان صاحب آ مصروف ماڻهو هو اسان خسيس ملازمن سان

ڪٽي ٿو ملي. ڪڏهن ڪڏهن اوچتو ملي ويندو آ. سوبہ ڊرامي جي ڊائريڪٽر سان بہ چار ڳالهيون ڪري هليو ويندو آ.

ابا وري بہ مَنَ مالڪ چڱائي ڪري، تون آفيس ۾ وڃي مليس تہ سهي.

پوءِ رشيد ٻئي ڏينهن وري پنهنجي ڪم تي هليو ويو.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ شوٽنگ ۾ چئنل جو مالڪ اچي نڪتو موقعو مهل ڏسي هن پيءُ جي بدليءَ لاءِ صاحب کي عرض ڪيو.

صاحب بہ ان ڏينهن سُٺي بُرج تي هيو يڪدم پنو ڪٽي انگريزيءَ ۾ بہ اکر DEO ڏي بدليءَ لاءِ لکي ڏنائينس.

پر سائين مهرباني ڪري هڪڙي فون ڪيوس. رشيد نماڻو ٿي صاحب کي چيو ۽ صاحب موبائيل ڪڍي DEO جو نمبر ملائي، کيس تاڪيد ڪيو ۽ چوڪريءَ جو نالو ۽ اسڪول بہ ٻڌايو.

رشيد خوشيءَ ۾ نہ ٿي ماپيو ٻئي ڏينهن DEO آفيس ۾ وڃي صاحب کي چٺي بہ ڏنائين ۽ فون واري ڳالهہ بہ ياد ڏياريائينس.

DEO صاحب هن کي اهو چيو تہ تنهنجي ڳوٺ واري اسڪول ۾ جاءِ خالي ڪونهي. مان هي چٺي رکي ٿو ڇڏيان، جيئن ئي جاءِ خالي ٿي اول تنهنجو ڪم.

پوءِ ان ڳالهہ کي ڇهہ ست مهينا ٻيا بہ گذري ويا. پر صدوريءَ جي بدلي نہ ٿي.

اڄڪلهہ هڪ نئين سيريل جي ريڪارڊنگ هلي رهي آهي. ان ۾ هڪ نالي واري خوبصورت ماڊل کي پهريون ڀيرو هيروئن جو رول ڏنو ويو آهي. جهڙو ان جو نالو آهي مُسڪان، تهڙي سندس چپن تي مرڪ سجايل هوندي آهي. سڄي اسٽاف سان سهڻو سلوڪ رکڻ واري. جڏهن بہ سيٽ تي ايندي آهي. ٻئي مرڪندي آ. سيٽ تي رکيل هزار، هزار وولٽ (واٽس) جون (7) ئي لائيٽون هن جي آڏو جهيڻيون ٿي ويندڙيون آهن.

هڪ ڏينهن ڳالهين ڳالهين ۾ هن ڪيس چيو.

”ميڊم.... هڪڙو عرض هيو......

وڏي صاحب کان بہ DEO ڏي فون ڪرائي اٿم. پر هو تڏهن بہ منهنجي پيڻ جي ڳوٺ ۾ بدلي نٿو ڪري ۽ امڙ بيمار رهندي آ. گهر ۾ آمدني بہ ٻي ڪانهي. نوڪري ڇڏي بہ نہ ٿي سگهي، اسڪول ايترو پري اٿس جو اڌ پگهار هن جي ڀاڙي ۾ پوري ٿي وڃي ٿي. اوهان جي جيڪڏهن چاڻ سڃاڻ آهي تہ......“

مُسڪان هڪ گهڙي هن جي اکين ۾ نهاريو. ڪجهہ پل لاءِ سوچيائين ۽ بنا دير جي موبائيل پرس مان ڪڍي DEO جو نمبر ملائي هن کي رڳو ايترو چيائين تہ سڀاڻي صدوريءَ جو ڀاءُ بدليءَ جو آرڊر ڪڻڻ ايندو. مسڪان جو آفيسر تي حڪم ڏسي هن کي حيرانگي ٿي پوءِ هو ٻئي ڏينهن DEO آفيس ويو ۽ معمول موجب پي.اي سان مليو. اڳين پيري پندرهن منٽن جي انتظار کانپوءِ پي.اي کيس اندر ڇڏيو هو پر هاڻي پي.اي، رشيد کي صاحب تائين ڇڏي پوءِ موٽيو.

ڪرسيءَ تي ويهڻ کان اڳ ئي DEO صاحب ٽيبل تان آرڊر کڻي کيس ڏنو.

هي وٺ پٽ، تنهنجي ڀيڻ جي بدليءَ جو آرڊر... ۽ ها پنهنجي باس کي چئجانءِ، تہ ايتري دير ان ڪري ٿي جو جاءِ خالي نہ هئي. جيئن ئي پوسٽ ويڪنٽ ٿي تہ بنا دير جي تنهنجو حڪم مڃيو اٿم.

رشيد مسڪرائي DEO صاحب جي اکين ۾ نهاريو. جن ۾ مسڪان مُرڪي رهي هئي ۽ ٻي نظر هٿن ۾ جهليل آرڊر کي ڏنو.

جي سائين پنهنجي صاحب کي ضرور چوندم.

❋❋

# ويساھہ گهاتي



جڏهن شاهده مير جي گهر آئي هئي ۽ ڪيس پسند ڪري پنهنجي ٻيو نمبر ڏيۓ نازي ڪيس ڏيڻ جي مير ماءُ ڪي پڪ ڏني هئائين تڏهن مير ذري گهٽ ڪپڙن ۾ نہ ٿي ماپيو ۽ ان ڏينهن کان ئي مير شاهده جي گهر تاني ڪيڻ شروع ڪئي هئي. نازيۓ جي نازن تہ ويتر مير جي من تي تير تي هلايا، مير رڳو تي ڏينهن ڳڻيا تہ ڪڏهن تي نازان جوان ٿئي؟ شاهده جو گهر هيو تہ سادڙو پر گهر ۾ هر شئي موجود هين، ايتري قدر جو پنهنجي شوق پوري ڪرڻ لاءِ تازو ڊش اينٽينا بہ گهرائي گهر ۾ لڳرائي هئي. سڄي دنيا جو فيشن سندس گهر ۾ اچي ويو. هوندئن بہ شاهده اصل نہ لڳندي هئي تہ ڪا ٻارن جي ماءُ آهي. سندس هائي پالش ٿيل تاريۓ جهڙي هئي، مڙس جي سموري ڪمائي هوۓ ٻارن کان وڌيڪ پاڻ تي ۽ پنهنجي جوڀن ۾ نکار آڻڻ تي خرچ ڪندي هئي. هار سينگار ڪرڻ ڪو سکي تہ شاهده کان. مير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کو پيو تہ ناهين. ڪنوڻ ٺڪاءُ ڏنو مير سيني حواسن کي گڏ ڪري اهو آواز سڃاتو، اهو آواز نازان جو نہ پر شاهده جو هئو. نہ چاهيندي بہ اوتيل شراب جو پيگ مير چپن سان لائي سڄي بوتل خالي ڪري ساڻو ٿي ڪري پيو.

مير پٺي ڏني سوچن جي سمنڊ ۾ ڪاهي پيو. ذهن ۾ هاڻي ڪرب ۽ ناسن ۾ ڏپ محسوس ڪرڻ لڳو. شاهده بہ نہ سوچيو تہ جنهن کي مان پنهنجي ڏيءُ ٿي پرڻايان. ان سان ڪهڙي راند پئي ڪيان. شاهده جي وجود مان مير کي وڏيڪ ڏپ اچڻ لڳي هئي. هو ذهني ڪشمڪش ۾ ڦٿڪندو رهيو. هي .... هي سڀ ڇا ٿي ويو شاهده آخر مونکي هتي ڇو رهايو؟ هن تہ مون کي پنهنجي ڏيءُ آفر ڪئي هئي، پر .... پڪ هن جي نيت پهرين ڏينهن کان ئي خراب هوندي جنهن ڏينهن هن مونکي پسند ڪري امان کي پڪ ڏني هئي تڏهن تہ هوءَ اڪثر مونکي گهوري گهوري ڏسندي هئي، پر مون تہ ڪڏهن بہ سندس جي باري ۾ نہ سوچيو هو ها اهڙي عورت جو مڪر سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

هن کي ان وقت يوسف ۽ زليخا ياد پيا جنهن زليخا يوسف کي پنهنجي خواهش خاطر ستن ڪوٺين ۾ بند ڪيو هو پر يوسف جي ارادي تي هوءَ حاوي نہ ٿي سگهي ۽ يوسف پاڻ کي بچائي ورتو هو. پر .... پر مان تہ يوسف نہ هوس. ڪاش مان پنهنجي نفس کي سڃاڻان ها، هاڻي .... ڇا ٿيندو؟ .... ؟

اها ... منهنجي زندگي جي پهرين غلطي آ.

ڪافي ڏينهن گذري ويا مير شاهده جي گهر ڪونہ ويو پر شاهده جا هر روز نياپن مٿان نياپا ٺڪاءُ پيا ڪن تہ اچين ڇو نٿو. قرب ڪر اچ پنهنجن سان ايڏي ڪاوڙ ماڻس بہ سمجهايس پر مير ڪجي نہ ٿي سگهيو. شاهده هڪ ڪپڙن جو وڳو وٺي اهو بہ سبرائي

مير ڏي موڪليو تہ جيئن ڪجھ ڪاوڙ لهيس. ڪپڙن سان گڏ وري هلڪا ڦلڪا تحفا, ڪڏهن سينٽ ڪڏهن واچ, ڪڏهن پين. مڙئي پيو جهان هلي, جيئن جيئن شاهده ڪيس پرچائڻ جو پئي ڪري تيئن تيئن مير کي ڪاوڙ لڳي, هو ڪائنس هينئر بلڪل نفرت ڪرڻ لڳو هو ۽ سندس مڙس بابت سوچڻ لڳو ڪيڏو نہ غريب آ ويچارو سڄو ڏينهن پنهنجي ڌنڌي ۾ نہ ڪنهن جي ٻن ۾ نہ ٽن ۾.

صبح جو آفيس ۾ ڪم ڪري منجهند جي ماني ڪائي وري شام جو بہ آفيس ۾ پارٽ ٽائيم ڪري جيڪا پگهار مليس سا اچي شاهده جي قدمن ۾ رکي پوءِ بہ شاهده جي ڪِر ڪِر پر هو سڀ سهيون پنهنجي ڌنڌي ۾ مشغول رهندو هو. هڪ دفعو شاهده منهنجي سامهون ڪيس ٻڌايايو پئي تہ نازان جي مٽيءَ لاءِ هن ڇوڪري کي پسند ڪيو اٿم ۽ سندس ماءُ سان بہ پڪ ڪري آئي آهيان, تڏهن ويچارو صرف مرڪيو هو هن تہ سيڪجھ شاهده کي ارپي ڇڏيو هو ۽ هڪ هيءَ هئي جو پنهنجي مڙس سان ويساهہ گهاتي پئي ڪري, ڪيڏي نہ ڪريل ذهنيت جي آ. پر مان ائين ڇو ٿو سوچيان, ها مونکي سوچڻ گهرجي هن مونسان ائين ڪيو آ, مونکان اڳ ڪنهن ٻئي سان .... ها ٿي سگهي ٿو هن جا ٻئي ڪنهن سان بہ تعلقات هجن. بلڪ ضرور هوندا. تڏهن تہ هن عمر ۾ بہ هوءِ پاڻ کي ايڏو پئي تاهي. مان هن جي مڙس کي سڀ ڪجھ ٻڌائيندس.

مونکي شاهده جي مڙس سان ملڻ گهرجي, هن جي سچائيءَ جو بدلو ڪيس ڪهڙي طرح ملي رهيو آهي. ان ڪان پهريون جو دنيا وارا هن جي زال کي بدڪار چون, ڇونہ سندس نااليج ۾ اها ڳالھ آڻجي, مڙس جي ٻوَ ڪان من مڙي پوي, پر ٿي سگهي ٿو شاهده جو مڙس اها ڳالھ برداشت نہ ڪري سگهي, هن جي ڏاڍي دل آهي پنهنجي زال سان. سمورو ڏينهن ٻہ ٻہ نوڪريون ڪري جڏهن واپس ورندو آهي,

تڏهن رڳو ٻارن جي مک تي مرڪ ڏسي هن جا سمورا ٿڪ لهي ويندا آهن. جڏهن سندس گهر واري هن جي آڏو ٿلندي آهي تہ هن جي چڙ هنيانءَ تي برف پوندي آهي پر ڪيس ڪهڙي خبر تہ، سندس من ڪيڏو پوائنٽو آهي. مير مسلسل سوچن جي ڪُنَ ۾ هو تہ اوچتو سندس ڪمري جو دروازو کليو ۽ شاهده ڪمري ۾ هلي آئي.هوءَ هيترا ڏينهن نہ ملڻ جي ڪري هڪ ساهيءَ ۾ مير مٿان ڏاڪا ٻڌي شروع ٿي وئي. اڄ وري هوءَ شيطاني سوچون جي ذهن جي بئنڪ ۾ جمع ٿيل هئس، مير وٽان ڪيش ڪرائڻ لاءِ آئي هئي، جڏهن شاهده پنهنجون سموريون چيڪون ڪينسل ٿيندي ڏٺيون تڏهن ٻيو حربو هلايو پلا ٻيو رستو ڏيانءِ سوچي وٺ زندگي ٺهي ويندئي. تون .... تون مونسان شادي ڪر، هونءَ بہ منهنجي پيٽ ۾ تنهنجو ئي ٻار آهي اهو ٻڌي مير جي جسم ۾ رت ٿهڪڻ لڳو.

جسم ڏڪڻ لڳس هو پاڻ تي ڪنٽرول ڪندي سوچڻ لڳو ڪيڏي نہ گندي ذهنيت اٿس ۽ پوءِ ڏڪندڙ آواز ۾ چوڻ لڳو ان کان اڳ مان ڪجھ ڪچان, مهرباني ڪري منهنجي ڪمري مان هلي وڃ.

ٻاهر آگر مان مير جي ماءُ جو آواز ٻڌي، شاهده تڪڙ ۾ ڪمري کان ٻاهر نڪتي، پر چڙ اکين ئي اکين ۾ چوندي هجي تہ مان وري اچان ٿي، مير هڪ پيرو وري پنواٽي ڪائي سوچن جي پولار ۾ ڪاهيندو ويو اڙي حيف آ تنهنجي حال تي، لعنت آهي تنهنجي ڪردار تي، گهڙي کن جي لذت حاصل ڪرڻ لاءِ تون پنهنجي مجازي خدا جي اعتماد کي ڪيڏو نہ چيهو ڏنو آهي. لعنت آ. .... لعنت آ ..... لعنت آ، مونتي بہ جو .... هو خاموش ٿي وري سوچي ٿو اهي بہ تہ عورتون آهن نہ، جيڪي پنهنجي سَتَ کي قائم رکڻ خاطر جان ڏئي ڇڏينديون آهن، پنهنجي پيءُ يا مڙس جي عزت تي حرف اچڻ نہ ڏينديون آهن.

تون عورت نہ پر عورت جي نانءَ تي گارِ آهين. تون اها سهٽي

آهين جا اڌ رات مڙس جو پاسو ڇڏي درياهہ ٽپي پنهنجي لذت لاءِ يار سان ملڻ ويندي هئي، تون سيڪس جي ٻلي آهين ۽ فرسٽريشن جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل هڪ وئشيا آهين.

تون بہ انهن عورتن مان آهين جيڪي جنن ڀوتن جو بهانو ڪري پيرن فقيرن تي لهر ڪري، ڇوڪرد ٻيٺل نوجوانن مان ڪنهن بہ هڪ کي دسي گهڙي ڪن لاءِ جنسي تسڪين حاصل ڪنديون آهن.

جي تو ۾ حياءَ جو ذرو بہ هجي تہ ان فرشتہ صفت مڙس جا پير ڌوئي پيئين، جنهن تنهنجي خوشين خاطر پاڻ کي وقت جي چڪيءَ ۾ پيڙهي تنهنجي هر فرمائش پوري ڪئي آهي.

مير جي رڳ رڳ ۾ ڪروڌ گندرف جيان ٻوڙڻ لڳو ڇڻ هو بارود جو ڍير ٻڌجي ويو هجي.

ٺوري جهٽ ۾ وري شاهده سندس ڪمري ۾ هلي آئي. پوءِ منَ ڇا ٺو چوين، مونسان شادي نہ ڪندين تہ مان پنهنجي مڙس کي زهر ڏيندس ۽ اهو سڄو الزام توتي ڏياريندس. هن جي دل چيو تہ سندس منهن تي زوردار چماٽ وهائي ڪڍي، سندس پيٽ ۾ لت هڻي اهو حرامي ٻار ڪيرائيس جيڪو پيءُ جو پٽ ناهي.

هن جي ڳڇيءَ ۾ رسو ٻڌي شهر جي چوٽنڪ تي ٽنگي ڇڏي تہ جيئن وري ڪابہ اهڙي عورت پنهنجي مڙس سان ويساهہ گهاتي نہ ڪري

ايتري ۾ شاهده جو مڙس مير جي ڪمري ۾ گهڙي آيو. پل ۾ شاهده جي چهري تان رنگ متجي ويا. مير شاهده جي مڙس کي سلام ڪيو تہ شاهده يڪدم ڳالهايو ها پٽ پوءِ ڪڏهن ٿو اسان جي گهر اچين ابا-مان اڄ تنهنجي نازان سان ڳالهہ پڪي ڪرڻ ڪانسواءِ ويندس ئي ڪونہ.

شاهده جو نئون روپ ڏسي مير خاموش ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

***

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏاڪڻ



بيوٽيفل، ونڊرفل،

ڇا تہ تنهنجي سونهن آ، جهڙوتئي قد تهڙي تئي هائي.

تنهنجا اليهر انسر جهڙا زلف تہ ڏنگن تا ڏنگن. تون ملڪ جي وڏي هيروئڻ ٿيندينءَ. لڪين ماٺهو تنهنجا مداح ٿيندا ۽ تون شوبز جي دنيا ۾ راج ڪندينءَ.

سعيد گوڏا ڪوڙي نوجوان ماسات سمٽيءَ آڏو پنهنجي خاص انداز سان اهي جملا چئي رهيو هو.

سعيد زندگيءَ جا 45،40 سال شوبز جي دنيا ۾ وڃايا هئا. ڪراچيءَ جي فلمي اسٽوڊيو کان لاهور جي اسٽوڊيوز تائين رُليو هو. پر ايڪسٽرا ڪانسواءِ هن کي ڪو بہ چڱو رول نہ مليو هو. پاڪستان

ٽيلي ويزن تي بہ پاڻ کي آزمايو هئائين پر اتي بہ ڪو خاص ڪڙ تيل نہ نڪتو هئس. هن جي سيالٽپ تہ ٽي چڪي هئي پر جنهن مقام تي ٻيا وڏا وڏا اداڪار هئا، انهن سان ڪلهو ملائي نہ سگهيو هو. انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌيءَ جا بہ ڪجهہ پرائيويٽ چئنل اچي ويا هئا.

نون پراڻن اداڪارن جي ڀرمار لڳي پئي هئي. ان ڊوڙ ۾ هن بہ قسمت آزمائي پر جيڪا ڳالهہ هن شدت سان محسوس ڪئي اها هئي تہ جنهن اداڪار سان گڏ ڪا خوبصورت ڇوڪري ساڻ آ، تہ ان جا مڙئي وارا نيارا ٿين ٿا. هن جي زال تہ هن کان بہ عمر ۾ وڏي ۽ گهريلو عورت هئي. ان کي تہ هيءَ دنيا سمجهہ ۾ ئي نہ اچي ها. ان ڪري سعيد پنهنجي ماسيءَ وٽ هليو ويو ۽ نئين نندي ماسات سهڻيءَ کي بيوٽيفل، ونڊرفل جهڙن جملن سان خيالي پلاءَ کارائي ڏوَ ڪرايائينس تہ ماسيءَ اکيون پٽيون.

نياڳا .... مرحيات ڀيڻ جي نشاني سمجهي رهڻ ڏنوسونءِ توکي تہ تون سهڻيءَ جو مٿو خراب ڪري ڇڏيو آ. ڇوري آ جو ڇير پايون بيٺي آ. ڪهڙي پٽي پڙهائي اٿسين؟ سڄو ڏينهن ٽي ڇوي تہ ٽي. ويءَ تي ڪم ڪيان. گانو ڀرايان ڊرامہ پرايان، مهرباني ڪري اسان جي گهر مان هليو وڃ. سنڌس ماسي صبا هڪ ساهيءَ ۾ سعيد کي سيڪجهہ چئي وئي. پر سعيد ڪٽي ٿو ماسيءَ کي ڪٿڻ ڏي، هن سهڻيءَ کي سڏي هن جي مرضيءَ سان شاديءَ جو اهڙو تہ وڪڙ وڌو جو ماسي سهڻيءَ جي ضد کي ڏسي ٻنهہ هارجي وئي ۽ سادگيءَ سان نڪاح وجهي سعيد جي حوالي ڪري زهر جو ڍڪ ڀري ڇڏيو. سعيد ڏاڍو خوش هو. شاديءَ کي چار ڏينهن بہ نہ گذريا تہ هو هڪ ڊائريڪٽر کي دعوت ڏئي گهر وٺي آيو. پرائيوٽ چئنل جو ڊائريڪٽر سهڻيءَ کي ڏسي حالي تہ دل هاري ويٺو ۽ تڪڙ ۾ گاني جو ماڊل ڳولي سڄو خرچ ان کان وٺي سهڻيءَ جو گانو تيار ڪيائين.

سعيد جو ارمان پورو تہ ڪونہ ٿيو جو هو اسڪرين تي ان گاني ۾ نہ اچي سگهيو پر خاموش رهيو جو سهڻيءَ کي اسڪرين تائين پهچڻ ۾ لوڪ آڏو اچڻ لاءِ هي موقعو هن نہ ٿي وڃائڻ چاهيو.

گانو هليو تہ هر طرف سهڻيءَ جي سونهن جي هاڪ هُلي وئي. سعيد تي جڻ برف ٿي پئي ڪِلي تڙي ۾ هر محفل ۾ ٺهڪ ويٺو ڏي، ڇو جو هڪ تہ سهڻي هن جي زال هئي، ٻيو هن جو تير صحيح نشاني تي لڳو هو. هن ڏاڪڻ جي پهرين ڏاڪي تي پير رکيو هو. هاڻي باقي ڏاڪا هن کي سؤلا نظر آيا.

پر ٿيو ائين جو جيئن پو تيئن جيڪي بہ ڊائريڪٽر سهڻيءَ کي ڪاسٽ ڪرڻ تي آيا. ماڊل ڇوڪرا بہ انهن سان گڏ وٺي تي آيا. ڇو تہ ميوزڪ چئنل وارن شوقينن کي واهہ جو سڃاتو هو اهي شوقين هڙئون وڙئون ڏئي گانا گلوڪارن کان وٺي ماڊلنگ ڪرائي سڄي رڪارڊنگ جي خرچ کانپوءِ هلائڻ جا پئسہ بہ پاڻ ڀرين.

پروفيشنل ڳائڻا ۽ اداڪار ٻاڻون کائڻ لڳا. سعيد تہ ويتر جڪ ڪائيندو رهيو جو سهڻي وڃي مشهور ٿيندي ۽ سعيد وٽي ساڻ هرويرو لئي ڪندو. نيٺ زال کي ماڊلنگ کان روڪي ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ جو چيائين. سعيد جي خوشيءَ خاطر هن ائين ئي ڪيو جنهن سان سعيد کي بہ ڊرامن ۾ ڪم ملڻ لڳو. سعيد هينئر ڏاڍو خوش هو پر چئن ڏينهن جي چاندوڪيءَ کانپوءِ وري ڪيس ايڪسٽرا رول ملڻ لڳا ۽ سهڻيءَ کي مرڪزي ڪردار.

بہ مهينا مس گذريا تہ وري سعيد اسڪرين تان آئوٽ ٿي ويو. هن کي بنهہ قرار نٿي آيو اداڪاري ۽ شهرت جي چوس بہ لاعلاج بيماري آ. هاڻي هو رات جو اڪيلو گهر ۾ سهڻيءَ جي اچڻ جو انتظار ڪندو هو ۽ جڪ ڪائيندو هو. اهڙي ئي هڪ رات جا ٻہ ٽين پيا

دروازي تي گهنٽي وڳي ۽ هلڪا هلڪا ٺڪ سعيد جي ڪنن تي پيا. هن در کوليو تہ ڊرامي جو هيرو سهڻيءَ کان موڪلائي سعيد سان بنا ملڻ جي ڪار اسٽارٽ ڪري هليو ويو. اڄ سهڻيءَ شوٽنگ تان دير سان اچڻ ڪري ميڪ اپ بہ نہ لاٿو هو ۽ ڊريس بہ ڪيس بنان ٻانهن واري بغير رئي جي ٽنگ ٽرائوز واري پاتل هئس.

سعيد ان حالت ۾ هن کي ڏسي مچرجي پيو. اڳ ۾ ئي ٽتل ويٺو نندي نيٺي زال غير مرد سان جو ڪار ۾ آئي تہ سعيد سهڻيءَ کي ڊرامن ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏيو.

سهڻي چوي تہ مان سڀ سمجهان ٿي، تون هاڻي منهنجي ڪاميابيءَ تي سڙڻ لڳو آهين. ماڊلنگ بہ تنهنجي چوڻ تي ڪيم. اها ڇڏرائي ڊرامن لاءِ چيئي تہ، اها بہ تنهنجي مرضي هئي، ظاهر آ شوٽنگ ۾ دير تہ ٿي وڃي ٿي نہ ان ۾ تنهنجي ڪاوڙ جو ڀيو ڪوبہ سبب ڪونهي. سواءِ ان جي تہ ڊائريڪٽر توکي ڪاسٽ نہ ٿا ڪن.

سهڻيءَ اهڙي وقت تي سچ ڳالهايو جو سعيد جي جسم ۾ پريل پيٽرول کي تيلي لڳي وئي. هو تپي ڳاڙهو ٿي ويو ۽ سخت جملن جي ڏي وٺ کانپوءِ آخري فيصلي تي پهتا تہ اڄ کان پوءِ هُوءَ ڊرامن ۾ ڪم نہ ڪندي سهڻيءَ کي ان ڏينهن جو ئي ڊپ هو جو تہ اهو هن بہ محسوس ڪيو هو تہ سعيد جيڪا ڏاڪڻ استعمال ڪئي هئي، ان تان پاڻ چڙهي ڪونہ سگهيو هو. ويتر ڏاڪڻ ڊگهي ٿيندي پئي وئي. ٻئي ڏينهن صبح جو تيار ٿي هو بنا نيرن ڪرڻ جي سهڻي کي اهو چئي حيدرآباد هليو ويو تہ مان شام جو موٽي ايندس.

سهڻي رات جو دير تائين شوٽنگ جي اوجاڳي جي ڪري سمهي رهي ۽ منجهند جو تيار ٿي اسڪرپٽ کڻي ڊائريڪٽر راشد کي موٽائي ڏيڻ لاءِ سندس آفيس هلي وئي، جتي سُهڻيءَ جو ماڊلنگ

ٽيل استاد بخاريءَ جو گانو ٽي وي چينل تان هلي رهيو هو.

پيار درياهہ آ، درياهہ بہ لَنگهي تو وڃي،

نيٺ انسان آ، انسان بہ مَڃي تو وڃي.

اسڪرپٽ واپس ڪرڻ تي ڊائريڪٽر ڪيس ڏاڍو سمجهايو تہ تون هن وقت شهرت جي بلندين تي آهين. ڇو ٿي پنهنجو مستقبل هڪ بيوقوف ماڻهوءَ جي ڪري تباهہ ڪرين. پر سهڻيءَ پنهنجي مڙس جي خوشين کي اوليت ڏني ۽ شوبز کي الوداع چئي، جيئن ئي شام جو گهر موٽي تہ گهر ۾ هڪ نئين نوجوان ڇوڪريءَ کي ويٺل ڏٺائين ۽ ساڳيا جملا هن جي ڪنن تي پيا.

بيوٽيفل، ونڊرفل، ڇا تہ تنهنجي سونهن آ، جهڙو ٽئي قد، ٿهڙي ٽئي هائي، تنهنجا ال اليهر انسرن جهڙا زلف ڏنگن تا ڏنگن. تون ملڪ جي وڏي هيروئڻ ٿينديئن. لکين ماڻهو تنهنجا مداح ٿيندا. ۽ توں شوبز جي دنيا ۾ راڄ ڪندينءَ.

سعيد چانهہ جو هڪ ڪوپ هٿ ۾ جهلي بيو ڪوپ ان ڇوڪريءَ کي ڏيندي گوڏا ڪوڙي اهي جملا چيا. سهڻي اهي جملا ٻڌي پنڊپاهڻ ٿي وئي. اکين مان لڙڪ وهڻ لڳس، اڳتي وڌي تہ ان ڇوڪريءَ سعيد کي چيو تہ گهر ۾ نوڪراڻي ڪونهي ڇا جو توهان پاڻ چانهہ ناهي آيا آهيو.

سهڻيءَ کي ڏسي سعيد چيو.

اڄهو هاڻي آئي آهي،

توں چانهہ پي وٺ تہ ٽي. وي اسٽيشن تي هلون.

❋❋

# اتر لڳا آءُ پرين



اڄ ماما ڪراچيءَ لاءِ سيٽون بڪ ڪرائي آيو آهي ۽ سياٽي پنهنجي مڪمل تياري آهي.

ريڪا ......ريڪا تون ائين ڇو تي ڪرين .اڳ ۾ تہ مون تنهنجي ڳالهہ کي مذاق پئي سمجهيو. پر سوچ تنهنجي وڃڻ سان منهنجو ڇا ٿيندو. ڇا تون پنهنجي مرضي پوري ڪرڻ لاءِ ايترو خود غرض ٿينديءَ؟ تنهنجو مون تي يقين ڪونهي يا مان تو سان زندگي گذارڻ جي قابل ناهيان.

اهڙي ڳالهہ ناهي بس مان وڏي شهر ۾ رهڻ تي چاهيان، مان وڌيڪ پڙهڻ تي چاهيان في الحال منهنجو شادي ڪرڻ جو ڪو ارادو ڪونهي.

ان جو مطلب تہ هيترا سال تنهنجي دوستي محض هڪ ڊرامو هئي. جيڪڏهن تنهنجي مون سان محبت صرف وقت پاس ڪرڻ لاءِ هئي ۽ شادي ڪنهن ٻئي سان ڪرڻ لاءِ سوچيوهيئي تہ منهنجي زندگي ڇو برباد ڪيئي. ڇا تون منهنجي خوابن جي تعبير نہ آهين؟

ضروري ناهي تہ منهنجا تنهنجا خواب ساڳيا هجن...... ريڪا

جي رُکي جواب ماڻڪ جي من کي چيري ڇڏيو. گڏ گهمڻ، پڙهڻ ۽ هيترا سال ٿهڪي ٽلڻ واري ريکا ماڻڪ کي زندگيءَ جي بن ۾ اڪيلو ڦٿڪڻ لاءِ سوچي ورتو. ريسٽورنٽ جي مرٽينگ روشني ۾ ماڻهن جي سس پس جڙ هن تي ٺٺوليون ڪرڻ لڳا، هن کي پنهنجي محبت جي تاج محل جو سرون هوا ۾ وکرنديون نظر آيون. ماڻڪ ذهن کي جهٽڪو ڏئي سڀ ڪجهه سموئڻ جي ڪوشش ڪندي ريکا جي گول ڇهري ۾ التجائي نظرون کُپائي چوڻ لڳو، تو سدائين مون سان مذاق ڪري مهنجي ڦٽن تي لوڻ ٻُرڪيو آهي. پرمون سڀ ڪجهه ان لاءِ سَٺو آهي تہ مون پوڇڻ جي حدتائين تو سان پيار ڪيو آهي.

مون کي يقين هو تہ تون هڪ ڏينهن منهنجي ٿينديئ. جڏهن ڪنيو وڳو پهري سهاڳڻ جو روپ ڌاري منهنجي سامهون ويهنديئ تڏهن مان تنهنجي رئي جي ڪنڌيءَ تي سجدا ڪندس. ۽ منهنجا سڀ سور لحظي ۾ لهي ويندا. تڏهن مان پاڻ کي دنيا جو خوشنصيب آرٽسٽ سمجهندس.

ريکا ماڻڪ جي چرپائپ تي ٺٺول واري مرڪ ڇپن تي آڻي. پرس کڻي اٿي بيٺي. مونکي تياري بہ ڪرڻي آهي، مان هلان ٿي. ماڻڪ جو جسم ٺري ويو. ريسٽورنٽ ۾ نظر ڦيرايائين تہ تقريبن خالي ٿي چڪو هو. ريکا جي اڻنگي رويي تي پريشان ٿي سندس ٻانهن کان جهلي چوڻ لڳو.

تون ......جائي بہ هميشہ لاءِ وڃي ٿي ! پاڻ وري ڪڏهن نہ ملنداسون. تون ....... تون مون کان گهڻو پري روشنين جي شهر ۾ گم ٿيو ويندينءَ ۽ مان تنهنجي راهہ تڪي تڪي....نہ نہ ... تون تصور تہ ڪر. منهنجو اهو سوچي هيانءُ ٿو ڦاٽي تہ هي پنهنجي ڪا آخري

ملاقات آهي ، ٻڌاءِ ڇا تون مون سان وري نہ ملندينءَ. ائين ٿي سمجھہ..
ريڪا ٻانهن ڇڏائيندي چيو. ماٽڪ جو رت ٿهڪڻ لڳو. هن جهٽڪوڏئي ريڪا کي ڪرسيءَ تي ڦِٽو ڪيو ۽ سچو ڏڪڻ لڳو. ڇا جي لاءِ آئي هئينءَ منهنجي زندگيءَ ۾؟ ڇو ڏنو هيئي مون کي پيار؟ ڇاجي لاءِ منهنجي اکين جي صحرا ۾ برکا وسائي هيئي ، ڪهڙو رشتو هو تنهنجو مون سان ڪير آهيان مان؟
ريڪا ماٽڪ جي اکين ۾ وحشت ڏسي ٿڌي ٿي وئي ۽ هن هي هٿن ۾ هٿ وجهي چيو ، ماٽڪ تنهنجي طبيعت صحيح ناهي تون هلي آرام ڪر. هل تہ مان توکي گهر ڇڏي اچان.
ناهي ضرورت مون کي سهاري ڏيڻ جي ، ڇڏي ڏي مون کي اونداهين ۾. وڃ هلي....... وڃ.
ريڪا ڪرسيءَ تان اٿي ۽ بنا ڪجھ ڪڇڻ جي ريسٽورينٽ مان نڪري وئي......
ريڪا ۽ ماٽڪ جي ان آخري ملاقات کي اڄ نَو سال ٿي ويا هئا. نَو سال هن پيڙائن ۾ پچندي گهاريا ها. اڪيلائيءَ جو احساس ۽ ريڪا جي جدائي هن جي وارن کي چاندي ڪري ڇڏيو هو. هن ريڪا کان سواءِ ڪنهن کي بہ جيون ساٿي بنائڻ لاءِ نہ سوچيو هو. هن جي منزل ريڪا هئي جيڪا ڪڏهن بہ اچڻي نہ هئي . پوءِ بہ هو انتظار ڪري رهيو هو ڪنهن پاڇي جو. ڪنهن فون جو، ڪنهن خط جو، پر ايترن سالن ۾ ڪجھ نہ ٿيو . اڄ الائي ڇو هو وري پنهنجي دل ، انهن رنگن سان ريجهائڻ لڳو جن کي هن نَو سال هٿ نہ لڳايو هو. هو ڪمري ۾ ريڪا جي اڻپوري پورٽريٽ ڪٺي مڪمل ڪرڻ ويٺو.
پورٽريٽ ۾ ريڪا کي ڳاڙهو رئو، ڳلي ۾ هار، متي تي ٽڪو ۽ ڪنن ۾ جهالا پاتل هئا. سندس ڪنڌ حياءَ کان جهڪيل هو. ماٽڪ ڦڪي رنگ ۾ هلڪو رائسانہ ڪلر پرگزا قلم سان مڪس ڪري

ريکا جي نڪ تي نٿ ناھڻ جي ڪوشش ڪئي پر ھن جا ھٿ ڌڪڻ لڳا . تھ سيارو ۽ تيز ھوائن ھن جي جسم ۾ ڌڪٽي وجھي ڇڏي، ھن قلم رکيو ۽ سگريٽ دکايو.

سگريٽ جو دونھون ھوا ۾ جھومڻ لڳو ۽ ماڻڪ دل ئي دل ۾ دونھين سان ڳالھائڻ لڳو.

ڪاش مان تو کي ھوا ۾ استل ڪري ڇڏيان . تنھنجي مست لڪيرن مان جڙندڙ تصويرن کي محفوظ ڪري ڇڏيان. پر تون بہ پنھنجي مرضيءَ وارو آھين منھنجي سوچن کي ڇڙ وڇڙ ڪري تو ڇڏين، ھون بي وفا . ماڻڪ ڪجھ دير دونھين کي ڏسندو رھيو ، جيڪو آھستي آھستي ھوا ۾ ٻزالو تي ويو . ماڻڪ نظرون ڦيرائي ريکا جي اڻ پوري پورٽريٽ کي گھورڻ لڳو. ڇا تون بہ مھنجي ذھن جي ڦرھيءَ تان آھستي آھستي ميسارجي ويندين ءَ ...... نہ تون پل مون کان ڪيڏو بہ پري ھج ، پل تہ مون کي پلجي بہ ياد نہ ڪر، پر تو کي ڪھڙي خبر تہ تون منھنجي احساسن ۾ شامل آھين . ذھن جي ھرزاويي ۾ تون تي وسين. پر تون ناھين تہ تنھنجي تصوير بہ مڪمل نہ تي ٿئي تو کان سواءِ منھنجا سڀ رنگ بي رنگ تي ويا آھن . منھنجا ھٿ منھنجي ذھن جو ساٿ نٿا ڏين.

ماڻڪ سگريٽ جا وري بہ ڪش ھٽي ڪمري ۾ لڳل ريکا جي فوٽوءَ کي ڏسڻ لڳو جنھن ۾ ھوءَ ماڻڪ سان گڏ ھڪ باغ ۾ ڪلي رھي آھي.

تو کي ياد آھي ريکا جڏھن ساوڻ جي مند ۾ ٻئي خيرپور ھلون ، ڪيڏي نہ مستي ھئي موسم ۾ ، ائين پيو لڳي ، ڄڻ موسم جي ملائڪن خاص اسان تي مھرباني ڪي برڪا وسائڻ شروع ڪئي ھئي. چئوطرف ڪجين جا ڪليل وار ھوا ۾ ڪر ڪٽي ، اسان جي دلين جي ڌڪ ڌڪ تي نچي ھو جمالو ڳائي رھيا ھئا . برسات جي بوندن

تنهنجي جوانيءَ جاسپ روپ تنهنجي چهري مان ٻاهر ڪڍيا هئا ۽ پنهنجو نينهن نيڻن مان آتش جيان اُيامي پيو هو. تنهنجا ڀنيا وار اليهر ۾ انسرن جيان تنهنجي ڪلهن تي سرڪي رهيا هيا. ڪيڏو نہ خوبصورت لڳي رهيو هو سڀ ڪجهہ هر طرف تنهنجي ساهن جي سرهاڻ هئي ، خوشبو هئي تنهنجي ڀنل جسم جي . تو ن ان ماحول کان بي خود تي ، پنهنجي ڪونج جهڙي ڳچي منهنجي ڪلهي تي لاڙي هئي. ياد اٿئي نہ.هان........

رات جا ٽي پهر گذري چڪا هئا . ماڻڪ ڪرسيءَ تان اٿي دريءَ ڏانهن وڌيو ۽ پردا هٽائي ڪاري اُڀ جي سيني تي چنڊ کي اڪيلو ڪڪرن سان چِلولايون ڪندي ڏسي مُرڪڻ لڳو. تون بہ پنهنجيءَ ۾ پورو آهين . ڪيترا نياپا ڏنا هئم توکي ، هڪ بہ پيغام جو جواب نہ ڏنئي، پرينءَ جي اڱڻ تي اُپري هن کي احساس نہ ٿو ڏيارين؟ منهنجي من ۾ تہ مچ ٿو مچائين، هن کي قرب جي ڪتڪتائي بہ نہ ٿو ڪيين؟ هن جي يادن جي سهاري تہ مان جيئان ٿو، اهو ڄاڻندي بہ تہ هو ڪڏهن نہ ايندي ، پوءِ بہ اڪين مان اوسيئڙي جا پاڇا لڙن ئي نہ ٿا . ذهن ڪجهہ مڃي ئي نہ ٿو. تون. تون ..تون درد وارن کي دلاسا ڏيڻ بجاءِ ڪڪرن ۾ مُنهن ٿو لڪائين. تون ئي منهنجين اڪيلائين جو ساٿي آهين. تون بہ مون کان منهن ٿو موڙين. ماڻڪ ڳيت ڏئي واپس اچي ڪرسيءَ تي آهلي ٿو ۽ ريکا جي پورٽريٽ ۾ تصوير کي ڏسي سوچي ٿو. تون منهنجي نہ هوندي بہ منهنجي هئينءَ. تڏهن تہ ايترو وقت مون کي ڏيندين هئينءَ. ڀلا جي تنهنجي مون سان محبت نہ هئي تہ هيترن مائٽن کي ڇڏي مون سان ملڻ جو مطلب ڪهڙو هو؟.

ماڻڪ اکيون ٻوٽي ماضيءَ جي عڪسن کي هڪ جاءِ سموئڻ

لڳي ٿو. ريڪا جيڪڏهن تنهنجي جاءِ تي مان هجان ها تہ تو کي رڻ ۾ رولي نہ ڇڏيان ها.

ڪراچي بہ ڪو شهر آ جنهن جي چمڪ تو کي ديوانو ڪيو آهي، تنهنجي بدلي ۾ مونکي جيڪڏهن زندگيءَ جون سڀ لذتون ۽ خوشيون ملن تہ اهي سڀ ڦٽيون ڪري تنهنجي پوڇا ۾ پاڻ فنا ڪري ڇڏيان. هڪ دفعو ڇا ڪراچي گهمي آئي آهين، بس زندگيءَ کي ان پيڙهہ ۾ وڃائڻ تي چاهين. پاڻ هتي بہ وڏيڪ پڙهي سگهون ٿا. هي ننڍڙي دنيا جنهن ۾ سچ سونهن جا پوڄاري ٿا رهن، ميٺ ۽ محبت جا مڻ آهن. ان ڪوڙ ۽ فريب جي دنيا کان ڀلي نہ آهي؟ ڇو تي سچائيءَ کان منُهن موڙين، ڇا تون بہ ان ماحول ۾ ڇهري تي ماسڪ چاڙهي هلڻ تي چاهين، جتي رشتا ۽ ناتا پيار نہ پر پئسن جي تارازيءَ ۾ تُرندا آهن، جتي اهنج سهنج ۾ ڪو ڪنهن جو واهرو ڪونهي.

ماڻڪ اکيون کوليون ۽ وري سگريٽ دکايو. اوچاڳيل اکين ۾ تصور هيو تہ ريکا جو هو وري پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو پر جڏهن تون منهنجن ايترن ايلازن جي باوجود نہ مڙينءَ تو کي ڪو بہ احساس نہ ٿيو تڏهن مون سوچيو تہ تنهنجو اسٽار ليو (Leo) آهي تون آهي ئي خوابن جي شهزادي، حقيقت کي ڇڏي خوابن جي دنيا ۾ رهڻ تنهنجي فطرت آهي.

پوءِ تون پنهنجو ضد پورو ڪندي مون کي ڇڏي هلي وئينءَ ۽ مان اڄ تائين ٽٽل سپنن کي ڳنڍڻ لاءِ ويٺو پاڻ پتوڙيان. ڪيڏو نہ چريو آهيان مان بہ. ڀلا جنهن جي دل ۾ منهنجي يادبہ نہ رهي آ. جنهن ڪڏهن ڀلجي خط بہ نہ لکيو آ. نہ ئي فون ڪرڻ جي زحمت ڪئي آ. تنهن لاءِ ڪيئن سمجهان تہ هوءَ مون کي ساريندي هوندي. ڪيئن

يقين ڪريان تہ سمنڊ ڪناري لهندڙ سج جي شعاعن ۾ هن کي منهنجي پيار جا رنگ نظر ايندا هوندا .ڪاش هن کي منهنجن اڌمن جي سڌ هجي، ڪو هن کي ٻڌائي ، تہ مان اڄ بہ پنهنجا وار اڇا ڪري تنهنجي انتظار ۾ تنهن جي راهہ پيو تڪيان.

سج جا ڪرڻا دريءَ مان ٽپي ماڻڪ جي چانديءَ جهڙن وارن کي ويتر چمڪائڻ لڳا. دروازي مان چاچو بخشو چانهہ جو مگ کڻي آيو ماڻڪ گهڙيال کي هڪ نظر ڏسي ريڊيو آن ڪيو. چاچي بخشوءَ مگ رکندي چيو ، سائين اوهان رات بہ ڪجهہ نہ کاڌو آهي. ڪجهہ بسڪوت کڻي اچان؟نہ چاچا ضرورت ناهي ماڻڪ مگ چپن تي آڻيندي چيو ۽ چاچو بخشو ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو. ريڊيو ۾ شاهہ جا بيت صالح محمد شاهہ جي آواز ۾ هلڻ لڳا.

سي ئي جوين ڏينهن ،
جڏهن سجڻ سفر هليا.
روئان رهن نہ سپرين،
آيل ڪريان ڪيئن،
مون کي چاڙهي چيئن،
ويو وڻجارو اوهري

*

سر نسريا پاند ، اتر لڳا آءُ پرين ،
مون تو ڪارڻ ڪانڌ.
سهسين سڪائون ڪيون.

*

جيڪر اچي هاڻ تہ
ڪيانس روح رچنديون.
آيل ڍولي ساڻ،
هوند ڳر لڳي ڳالهيون ڪريان .

ڦي هيو سيد صالح محمد شاهہ جنهن جي آواز ۾ شاهہ صاحب جو ڪلام اوهان تحت الفظ ٻڌي رهيا هئا ، هاڻي خبرن جو.......

ماڻڪ خالي مگ رکي، ريڊيو بند ڪري دريءَ کان هيٺ نهاري ته. سڀ دوڪان بند لڳا پيا آهن. هڪ ٽانگو ٽم ٽم ڪندو خاموشيءَ کي چيري هليو ويجي ٿو. ماڻڪ وري دل ئي دل ۾ ڳالهائي ٿو.

تنهنجي وڃڻ کان پوءِ مون ڪڏهن هن شهر کي مرڪندي نہ ڏٺو آهي . هي شهر ڄڻ موهن جو دڙو ٿيو آهي. هن شهر جا سڀ ماڻهو ڪوماڻل گلن جيان ٿا لڳن. ڄڻ تہ هنن کان بہ هنن جي ريکا رُسي وئي آهي. ريکا....تون تہ هن شهر جي قسمت هئينءَ ، تو کان سواءِ تہ ڄڻ هر شئي مان ساهہ نڪري ويو آهي ، تنهنجي جدائيءَ جا نوَ سال نوَ صديون بڻجي ويا آهن .وقت بيهجي ويو آهي ، هوا مان آڪسيجن ختم ٿي وئي آهي ، ۽ ماڻهو روبوٽ ٿي ويا آهن .

ماڻڪ کي هيڏي سرديءَ ۾ پوسٽ ٿيڻ لڳو هو قميص جو ڳلو کولي واپس ڪرسيءَ تي ڌهي پيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ اکيون پٽي ريکا جي مرڪندڙ تصوير کي ڏسندي، وري ڳالهائڻ لڳي ٿو.

هڪڙو پيرو ، صرف هڪڙو پيرو منهنجي مئل من کي آٿت ڏئي وڃ. هڪ پيرو پنهنجو اجايو ضد ڇڏي ، رڳو ايترو چئي وڃ تہ مان تنهنجي آهيان. ها ريکا مان تنهنجي واتان اهر لفظ ٻڌڻ لاءِ آتو آهيان. تنهنجي انهن اکرن جي سهاري مان جبل جيڏو جيون مُرڪي گهاري ويندس. تنهنجي هڪڙي ها منهنجي بي رنگ جيون ۾ اندلٺ جا رنگ پکيڙي ڇڏيندي. هلي آ ريکا..... هلي آ .......... هڪڙو دفعو هلي آ ...... ڏس مان تنهنجي راهن ۾ اجان بہ اکيون اٽڪايو ويٺو آهيان. هلي آ ..... هلي آ.......

ماڻڪ سوچن جي ڪُنن ۾ ٻولاٽيون کائيندو رهي ٿو سندس اکيون پرين پسڻ لاءِ ٻوتجن ٿيون . سڄي ڪمري ۾ سانت جو

راڪاس گهميل آهي گهڙيال جي ڪانٽن جي ٽڪ ٽڪ جو آواز ۽ هوا جي سَرِ سَرِ ماڻڪ جي من ۾ وري سيڪارا پيدا ڪري ٿي.

ٿوري دير ۾ گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ ۾ هڪ ٽڪ ٽڪ جو آواز بہ شامل ٿي ويجي ٿو جيڪو ماڻڪ جي دل جي ڌڪ ڌڪ بہ وڌائي ڇڏي ٿو. هن جون سوچون ڪمري جي ديوارن ۽ تصويرن سان ٽڪرائجي هن جي دل جي ڌڙڪن کي وڌيڪ تيز ڪن ٿيون . دروازو آهستي آهستي کلي ٿو . ماڻڪ جهٽڪو ڏئي اٿي ٿو . تيز هوا دروازي کان زوزاٽ ڪندي اندر داخل ٿئي ٿي جنهن سان ڪمري ۾ سرديءَ جي هڪ لهرپکيڙي ڇڏي ٿي . ٻاهر روڊ تان ٽانگن، موٽر سائيڪلين ۽ رڪشن جا آواز بہ عجيب شور پيدا ڪن ٿا . ماڻڪ جون اکيون اسٽل ٿي ريکا جي اَڇن وارن ۾ اٽڪي پون ٿيون. ريکا دروازي وٽ بيساکيءَ جي سهاري هڪ ڄنگهہ تي ماڻڪ جي آڏو ڪنڌ جهڪائي بيٺي هئي.

❊❊

پندرهن روزه ”عبرت مئگزين“
فيبروري 1992ع ۾ڇپيل.

# نانگڻ



شفيق جيئن ئي دبئيءَ کان موٽيو تہ سندس چاچي پير بخش پنھنجي ڌيءَ سلميٰ جي سادگيءَ سان ھن سان شادي ڪرائي ڇڏي، ڇو تہ پوڙھو ڏٽي بخش مرڻ ڪنڌيءَ تي ھو. شاديءَ رات، شفيق جي ننڍي ڀاءُ رفيق لائن ويل پوڳ نڪاءَ تي ڪيا تنھن ويل گھونگھٽ مان سلميٰ رفيق کي ڏسي مرڪي ھئي ۽ پوءِ رات جو ڪمري ۾ گھونگھٽ کڻڻ سان ھن شفيق کي ڏسي روئي ڏنو. شفيق پندرھن سالن کان دبئيءَ ۾ رھيل ھو،سلميٰ جڏھن ننڍڙي ھئي،تڏھن کيس ڏٺو ھئائين. شاديءَ رات شفيق کي ائين لڳو ڄڻ ننڍي ھوندي پاڙي جي دوڪان تان صورتيءَ ۾ رانديڪي جي بجاءِ گل بيدو ڪڍيو ھجي. عمر ۾ تہ شفيق سلميٰ کان وڏو ھئو ئي پر اھا خبر شاديءَ رات پيس تہ سلميٰ پاڳل بہ آھي شفيق جا ڇھ ڇجي پيا زھر جو ڍڪ پري خاموشيءَ سان سمھي پيو پر ڪنوار چيس تہ تون ھيٺ سمھ ، تون جن آن. مون کي پئو تو ٿئي.

ائين ٿي شاديءَ جي حَسين رات شفيق وهاڻو ڪٽي بيٺو ڪان هيٺ سمهي پيو ۽ پنهنجي قسمت تي سوچڻ لڳو. پاسو ٿي ورايائين ته سلميٰ کي جاڳندو ڏٺائين. ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائين ته تون آرام سان ننڊ ڪر مان تنهنجي ويجهو ڪو نہ ايندس. تہ بہ هوءَ خوف ۾ جاڳندي رهي.

صبح ٿيو تہ شاديءَ ۾ مليل ميڪ اپ ڪڍي پنهنجي مُنهن کي ٺاهڻ ويٺي. آيو جو سندس ڏير رفيق تہ ان کي پڪڙي ان جي مُنهن تي سرخي ۽ پائوڊر سان ڪجھ عجيب نشان ٺاهي ڇڏيائين. رفيق آئينو ڏسي چيس ڀاڄائي جهڙو ميڪ اپ پنهنجو ڪيو اٿئي تهڙو منهنجو، هاڻي هل تہ ٻئي هلي شهر ۾ پنئون.

هوءَ کلندي رهي ۽ رفيق کي ٽوڪيندي رهي ٿهڪ ۽ عجب نخرا پر شفيق جي اچڻ سان هن جو برج ساڳيو. تون جن آن. مون کي پئو تو ٿئي. تون ڪمري ۾ نہ اچ. تون مونکي هتي ڇو وٺي آيو آن؟ منهنجو بابو ڪيڏانهن ويو. وغيره جهڙا سوال ڪندي رهي. شفيق نهايت پيار سان هن کي جيڪو ڪجھ سمجهائيندو هو. هوءَ بنھ ڪو نہ سمجهندي هئي. مطلب ۽ معنائون ٿي پنهنجون ڪيڏندي هئي. شفيق جي ٻاهر نڪري وڃڻ تي رفيق جي ڪمري ۾ هن جا رکيل مرداڻا ڪپڙا پائي هن کي ڊيڄا ريندي هئي. ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿڻ تي ڀاڄائي جو اهڙو روپ ڏسي رفيق بہ گهڙي کن لاءِ پريشان ٿي ويندو هو.

هو پاڻ کي بهادر مرد ماڻهو ۽ ملھ پهلوان سمجهندي رفيق کي ملھ وڙهڻ لاءِ چوندي هئي. رفيق جي لنوائڻ باوجود هوءَ ڪيس پلنگ تي دسي وجهندي هئي پر رفيق جان ڇڏائي وٺندو هو س.

گهر ۾ ڪا بہ عورت نہ هجڻ ڪري ڀاءُ شفيق جا ۽ پنهنجا

ڪپڙا رفيق ئي واشنگ مشين ۾ وجهي ڌوئندو هو. اهڙي موقعي تي سلميٰ هن کان ڪپڙا ڪسي پاڻ ڌوئڻ لاءِ چوندي هئي ۽ ميرا ڪپڙا واشنگ مشين ۾ وجهڻ بجاءِ ٽب ۾ وجهي پاڻ بہ ان ۾ ويهي رهندي هئي. جنهن تي هن جو سڄو جسم آلو ٿي ويندو هو ۽ رفيق چادر کڻي ان کي ويڙهي کيس ڪمري ۾ ڇڏي اچي پاڻ ئي ڪم ڪار ڪندو هو. مهينو گذري ويو نيٺ شفيق واپس دبئي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. هو جيئن ئي ڪمري ۾ داخل ٿيو تہ سلميٰ ننڊ پيل هئي. هن جي خوبصورت گلابي چهري تي وارن جون ڇڳون ڪِريل هيون. گلاب جي پنکڙين جهڙا گلابي چِپَ، پورا ڳل ۽ جاڙين ٽڪرين جهڙو اپريل سينو ننڊ جي ڪري هن جو چولو ڇيلهہ وٽان ہيٺو ٿي ويو هو. شفيق ڪن پل لاءِ اهو وساري ويٺو تہ هوءَ پاڳل آهي. هن آڏو هن جي زال جيڪا حُسن جو شيش محل لڳي رهي هئي، ستل هئي. هن وقت هن دروازي تي دستڪ ڏيڻ بجاءِ محل ۾ پاڻ کي گم ڪرڻ جو سوچي سلميٰ جي مُک تي ڪريل وارن جي ڇڳن کي آهستگيءَ سان هٽايو تہ سلميٰ ڇِرڪ ڀري، اباڙي ڇرڪ ڀري ڪري اٿي پئي.

شفيق اهڙو ڇرڪ ڀريو جو پاڻ کي محل جي مٿين منزل تان هيٺ ڦهڪو ڪندي محسوس ڪيائين. پاڻ سنڀالي ورتائين تہ سلميٰ جا ساڳيا جملا. تون منهنجي ويجهو نہ اچ. هوڏي هيٺ وڃي سمهہ...... وغيره. ٻئي ڏينهن شفيق کي پاسپورٽ ملي ويو هن ننڍي ڀاءُ رفيق کي ٻڌائڻ کانپوءِ سلميٰ کي پنهنجي ٻيوسي، چاچي آڏو نہ ڪچڻ ۽ صبر جو دامن نہ ڇڏڻ جي ذڪر سان گڏ دبئي موٽي وڃڻ جون ڳالهيون بہ ڪيون. پر سلميٰ بي پرواهہ پنهنجي ڌن ۾ مگن، جڏهن شفيق ڀتين سان پيو ڳالهائي. آخر مٿو هٽي هٽي ساڳيو وهاٽو کڻي جيون ساٿيءَ سان ڪمري ۾، آخري رات بہ هيٺ سمهي پيو.

هئي ڏينهن صبح جو شفيق ۽ رفيق هئي ايئرپورٽ تي ويا.
ايئرپورٽ تي فلائيٽ ليٽ هجڻ ڪري رفيق ڪانئس موڪلائي موٽي آيو جيئن هو پنهنجي ڪمري ۾ در کولي داخل ٿيو تہ بيڊ تي سلميٰ انڊين فلمي اداڪارائن جهڙا تنگ ۽ نيم عريان ڪپڙا پايون ڳچيءَ واري سوني زنجيريءَ کي چپن ۾ چيپٽ ڏيون دلفريب ادا سان رفيق جي پلنگ تي ابتي ليٽيل هئي، جو ڏسڻ واري جو وضوئي ڀڃي پوي.
رفيق جي زبان ئي سُڪي وئي، لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيس ....
يا ... يا .... ياڃائي ..... تون ... هن روپ ۾ ۽ هتي؟
ها، مونکي هِن ڏينهن جو تہ انتظار هو ويو تنهنجو ياءُ. بيڊ تان اٿندي سلميٰ چيو.
رفيق منهن ٻئي پاسي ڪندي چيو ها ياڃائي ادا تہ ويو. پر هي ڇا ناٽڪ آ.
سلميٰ رفيق جي ويجهو ايندي چيو تہ ناٽڪ تہ مون ايترو وقت اڳ ڪيو هو هاڻي نہ. هاڻي منهنجي منزل تہ تون آهين.
ڇا مذاق آ .... رفيق جو لهجو کهرو ٿي ويو.
مذاق نہ پر سچ آهي، مون جڏهن لانوَن ۾ ڦيريون پيرو توکي ۽ شفيق کي ڏٺو هو تہ ان ويل فيصلو ڪيو هئم تہ زندگي شفيق سان نہ پر توسان گذارڻي آهي. ان ڪري مون ڇري تي ايترا مهينا ناٽڪ ڪيو ۽ تنهنجي ياءُ کي پنهنجي ويجهو اچڻ نہ ڏنو پر مان سئو بهانا ڪري تنهنجي ڪمري ۾ ايندي هئس پر ظالم توتي ڪوئي اثر ئي نہ ٿيندو هو. حيف تي، سلميٰ پنهنجون ٻانهون رفيق جي ڳچيءَ ۾ وڌيون تہ هن جهٽڪو ڏئي ٻانهون پري ڪندي چيو پري ٿي مونکان. مونکي اڄ خبر پئي تہ تنهنجي خوبصورتيءَ پٺيان ڪيڏي نہ بدصورت عورت لڪل آهي. مان اهي ڇِلولايون ان ڪري نہ سهندو هوس تہ تون

پاڳل آهين پر وڏي ڀاڄائي هئڻ جي ناتي تنهنجا انگل برداشت ڪندو هئس ۽ وڏي ڀاڄائي ڀيڻ برابر هوندي آهي، ماءُ هوندي آهي. مان هينئر ئي ادا کي فون ڪري تنهنجي ناٽڪ جو راز فاش ٿو ڪيان.

ان جي ڪابہ ضرورت ناهي ادا .... مون سڀ ڪجھ ٻڌي ورتو آ. شفيق جي اوچتو آواز رفيق ۽ سلميٰ کي ڇرڪائي وڌو.

رفيق يڪدم چيو ادا توهان؟

ها رفيق، فلائيٽ ڪينسل ٿي وئي، تنهنجي پويان ئي ٽيڪسي ڪرائي پهتس ۽ سلميٰ جو هي رنگ بہ ڏسي ورتم.

سلميٰ اهو ڏسي يڪدم پلٽو کاڌو ۽ شفيق جي پيرن تي ڪِري پئي.

مونکي معاف ڪر. مونکان غلطي ٿي وئي.

رفيق ڪاوڙ ۾ چيو نہ ادا هن کي هرگز معاف نہ ڪجانءِ، اهڙي مڪار عورت صرف طلاق جي ئي لائق آهي. هن کي گهر مان ڪڍيس تہ خبر پويس. هاراڻيل سلميٰ ٻانهون ٻڌندي چيو نہ شفيق مونکي گهر مان نہ ڪڍ. مان ڪيڏانهن ويندس، هاڻي تہ بابا بہ هن دنيا ۾ ناهي رهيو. پوءِ تي تہ منهنجو ڪوبہ ڪونهي. خدا جو واسطو ٿئي، پنهنجي امڙ جي ٿڃ جي صدقي مونکي معاف ڪر.

شفيق هڪ نظر رفيق کي ڏنو جيڪو ڪنڌ جهڪايون ڪاوڙ ۾ ٻيٺل هو. شفيق کيس اٿاريندي چيو سلميٰ اها امڙ جي ٿڃ ئي تہ هئي جنهن اسان ڀائرن ۾ شُناس قائم رکي. باقي نہ تہ تنهنجو مڪر تہ ٻڌرو آ. مون توکي پنهنجي جيجل امڙ جي صدقي معاف ڪيو. پر آئينده ڪڏهن بہ اهڙو ڇَمند نہ ڪجانءِ. نہ تہ ڪوبہ شريف مڙس ڪنهن بہ سچي سائيڪو عورت تي اعتبار نہ ڪندو.

❋❋

# موتئي جهڙو من



تيليويزن جي پرائيويٽ چئنلز تي ڪم ڪرڻ وارا ڊائريڪٽر ته گهڻا هئا پر مسٽر جمال جو انداز ئي نرالو هو. هن پندرهن سالن کان ان فيلڊ ۾ نوان نوان تجربا ڪري نيون شيون پيش ڪيون هيون ۽ ان جي فن ۽ ذهانت جو هن کي جتان ڪٿان داد ملندو هو. هن جڏهن پرائيويٽ چئنلز لاءِ شروعات واري دؤر ۾ ڪم ڪو هو تڏهن في ميل آرٽسٽن جي کوٽ سبب بازارِ حسن جون اسٽيج تي ڪم ڪندڙ اداڪارائن کي اسڪرين تي آندو هو. پر جلدئي انهن تي پابندي مڙهي وئي ۽ پوءِ ڪافي گهرن جون ڇوڪريون شوبز جي رنگين دنيا ۾ اچڻ لڳيون هيون.

جمال جي ڊائريڪشن ۾ ڪيل ڊرامن جي ڪاميابي، هن جي ڪهاڻين جي چونڊ هوندي هئي. هو پاڻ به اديب ۽ شاعر هو. هن جي ڪهاڻين ۽ شاعريءَ جا مجموعا مارڪيٽ ۾ آيل هئا.

هن ڪيترن ئي نون ڪهاڻيڪارن ۽ نوجوانن کي روزگار ۽ ڪم جو موقعو ڏئي پنهنجي محبت ڪرڻ وارن جو ويڙهو وڏائي

چڏيو هو. هو پنهنجي مائيٽي طبيعت ۽ ڪم جي حوالي سان سچاتو ويندو هو. هو نئين ڇوڪرين کي مثال ڏيئي سمجهائيندو هو تہ ڪنول جو گل چڪڻ ۾ رهڻ جي باوجود پنهنجي سونهن کي سلامت تو رکي. توهان بہ هن گندي ڍير مٿان پنهنجي سونهن کي ميرو ٿيڻ نہ ڏجو. پر اڪثر ڇوڪريون هن جي ڏنل سبق کي يار نہ رکنديون هيون ۽ بس گهڻيون شو بز جي اداڪارن ۽ ٻين ڊائريڪٽرن جي چنبي ۾ ڦاسي پنهنجي عزت وڃائي، پوءِ ڪنهن سينئر آنٽيءَ گروپ ۾ شامل ٿي، بنگلن ۽ گاڏين جا خواب، حقيقت ڪرڻ جي چڪر ۾ راتيون اوجاڳا ڪنديون هيون ۽ ٻئي ڏينهن جي شوٽنگ ۾ سيٽ تي ننڊ ڪنديون هيون. اهڙي بدبودار گند واري ماحول ۾ جمال سدائين خوشبودار گل پوکيندو هو پر فنڪارن جي دنيا ۾ سچائي بہ ڪوڙ لڳندي هئي، توڙي جو جمال تي فني دنيا جا ماڻهو تهمتون بہ هڻندا هئا پر هو دنيا کان بي پرواهہ پنهنجي ڪم کي عبادت سمجهندو هو.

هڪ ڏينهن هڪ اداڪاريءَ جو شوقين نوجوان پنهنجي ڪزن انعم کي ساڻ ڪري جمال جي اسٽوڊيو تي آيو. انعم کي ڏسي پهريون ڀيرو جمال ڇرڪي پيو هو ڇو تہ هوءَ جنهن گهر سان تعلق پئي رکي اهو گهر علم ۽ ادب سان سڃاتو ويندو هو. جمال انعم جو معصوم چهرو ڏسي ڪجهہ دير تہ ماٺ ٿي ويو هو. ڊرامي لاءِ هيروئن جي تہ ڪيس ضرورت هئي پر بلڪل نئين گهريلو ڇوڪريءَ کي شروعات ۾ ئي وڏو ڪردار ڏيڻ رسڪ بہ هئي هن انعم کي سيني جي سامهون ڇئي ڏنو تہ اوهان واپس گهر وڃو تہ تنهنجي معصوميت کي شو بز جا بگهڙ ڇيڙي ويندا، تو کي سونهري خواب ڏيکاريندا ۽ توکي ايشوراءِ کان بہ وڏو مرتبو ڏئي آخري منزل تان هيٺ ڦٽو ڪندا.

انعم مُرڪي پئي ۽ جمال جي چهري ۾ هڪ نظر وجهي

ڇيائين ، مان سوچي سمجهي توهان وٽ آئي آهيان .

مان اسڪول ۾ پڙهائيندي بہ آهيان ، ان ڪري ٽورو گهٽو ڇهرو بہ پڙهي سگهندي آهيان . مان توهان جي حڪمن جي انحرافي نہ ڪنديس .

سڀ ڇوڪريون پهريون اهڙي حام هٽنديون آهن ، مون کي پنهنجو خير خواهہ ڄاڻڻ جي باوجود منهنجا ئي پير ڪڍنديون آهن . جمال چيس.

پر انعم پنهنجن ارادن ۾ مظبوط هئي هن پنهنجي ڪزن کي بہ ڪم وٺي ڏيڻ جو ارادو ڪيو هو اصل شوق ان کي هئو تہ اسڪرين تي اچي، پوءِ جمال ہنهي کي ڪم ڏنو. ڊرامو هليو تہ هيڊ آفيس کان فون آئي تہ ان ڇوڪريءَ کي ڪراچيءَ موڪليو جو هتي نئين سيريل ۾ ان جي ضرورت آهي. جمال کي اڳ ۾ ڪڏهن بہ هيڊ آفيس کان اهڙي فون نہ آئي هئي، ڇوڪريون پاڻ ئي جمال جي ڊرامي ۾ انٽري ڪري هيڊ آفيس وارن جون سلامي ٿينديون هيون . هي پهريون دفعو هئو جو جمال کي انعم جي لاءِ فون ڪري چيو ويو هو.

جمال ڄاڻي پيو تہ جيڪڏهن انعم اتي پهتي تہ هيءَ بہ ان درياهہ جي وهڪري جو شڪار ٿي ويندي جنهن ۾ ہيڙيون رنگين سڙهہ سجائي اڳين ڇولين کان بي خبر هونديون آهن .

جمال پنهنجي باس سان ڪوڙ ڳالهايو ۽ چيو تہ سائين اها تہ توهان جي ٽيڻ واري ياڄائي آهي . اها ايڏانهن ڪيئن ايندي؟ آفيس وارن ماٺ ڪئي پر جڏهن اها ڳالهہ انعم کي ٻڌائي وئي تڏهن هوءَ خاموش ٿي وئي . هن کي جمال جي شرافت جا بہ روپ نظر آيا . هڪ سندس جو بچاءُ ۽ ٻيو جمال جي ڳالهہ جو وڪڙ.

انعم کي جمال بار بار اهو يقين پئي ڏياريو تہ آني منهنجو تو

سان شادي ڪرڻ جو ڪو بہ ارادو ڪونهي بخدا مون صرف تو ڪي بچائڻ لاءِ اهو ڪوڙ هنيو آهي. ڪجهہ هفتا انعم غير حاضر رهي پوءِ هڪ ڏينهن اڪيلي، اسٽوڊيو تي هلي آئي. هن جي دماغ ۾ خلل پيدا ٿيو. جمال کي هوءَ شريف ماڻهو سمجهي هن فيلڊ ۾ آئي هئي پر هن جو شاديءَ وارو ڊرامو ڪيس حقيقت لڳو. هن سوچيو هو تہ دنيا ۾ ڪوڙ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي مٿي تي ٽوپي ۽ هٿ ۾ تسبيح کڻي سونهاريءَ جي سونهن سان ماڻهن کي ٺڳيندا آهن.

جمال بہ انهن ماڻهن جهڙو آهي ضرور هن جي من ۾ مير آهي. تڏهن تہ هن اها ڳالهہ ڪري مون کي بي چين ڪيو آهي. پوءِ هن شوٽنگ دؤران فيصلو ڪيو هو تہ ڪهڙي بہ ريت جمال جي شرافت جو ويس لاهي ڪيس بي نقاب ڪندي، هن جي اندر جي چور کي پڪڙي سيني کي بڌائيندس تہ رهبر سڏائڻ وارو رهزن بہ ٿيندو آ.

رات جو شوٽنگ ختم ٿي تہ دير ٿيڻ جو بهانو ڪري جمال کي چيائين تہ هن مهل شهر کان ٻاهر ڳوٺ وڃڻ مناسب ناهي، اوهان جي مون کي هوٽل ۾ ڪمرو وٺي ڏيو تہ مهرباني.

جمال تہ هن جي معصوميت تي دل جي حضور سان اعتبار ڪندڙ هو، هن ائين ئي ڪيو. جڏهن ڪيس هوٽل جي ڪمري ۾ ڇڏي واپس وڃڻ لڳو تہ انعم چيس، پرائي هوٽل ۾ اڪيلو. ڪنهن جي سهاري ٿو ڇڏي وڃين؟. توهان تہ منهنجا خير خواهہ آهيو. پوءِ بہ ڦٽي ڇو ٿا ڪري وڃو؟

جمال ڪجهہ سوچي مسڪرائي چيو ٺيڪ آ، جنهن ۾ تنهنجي خوشي.

انعم الڳ بيڊ تي وڃي ويٺي ۽ ٻي بيڊ تي جمال ٽيڪ ڏئي سوچن ۾ گم ٿي هيو تہ انعم ڳالهايو. سر! مون توهان جي شاعري

ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تان ٻڌي آهي . ڪو نئون گيت يانظم ڪو نہ لکيو اٿوَ؟ .

جمال هن کي ڏسي چيو. اني مصروفيت جي باوجود مهينوا ڳ هڪ نظم لکيو هئم چئو تہ ٻڌايان؟

ها سر چو نہ . انعم اتساهہ سان چيو ۽ جمال جي واتان نئون نظم ٻڌڻ لڳي، منهنجي نظم جو عنوان آ "شرافت جو ويس".

انعم واهہ واهہ ڏاڍيان ڪئي . ۽ "اهو تہ تون بہ ڍڪي ويٺو آن " دل ۾ چيو. جمال اکيون چنجهيون ڪري پت کي يڪ ٽڪ ڏسندي نظم پڙهڻ لڳو.

"جڏهن کان ٽي وي وارن،
بازارِ حسن جي ڇوڪرين تي پابندي وڌي آ ،
تڏهن کان گهرن ۾ رهندڙ ڇوڪرين ،
پنهنجو نئون جَهانُ جوڙيو آ .
نياڻين جا انگل ،
ماءُ جي معرفت ،
پيءُ کي ميڻ ڪري،
ٽي ويءَ جي چائنٹ ٽپي ،
شوبز جو تاج سجائي ،
مارڪيٽ ۾ پنهنجو نالو پيدا ڪيو آهي،
ٿن مهينن جي قليل عرصي ۾ ،
XLI گاڏيءَ جي مالڪياڻي ٿيندڙ،
ڊرائيونگ ڪندي پنهنجي والدين کان ،
هاڻي اکيون چورائڻ سِکي ورتيون آهن،
انهيءَ روڊ تي بازار حسن جي بي روزگار اداڪاره.

هن جي گاڏيءَ کي هٿ ڏئي بيهاري اکيون اکين ۾ وجهي،
پُڇي ٿي تہ اهڙو شرافت جو برقعو پائڻ مون کي بہ تہ سيکار!!"
انعم ڪجهہ دير چپ رهي پڇيس ٿي تہ. سر ضرور اوهان کي ان جي نالي جي خبر هوندي؟ ڪير آ؟

جمال مسڪرائيندي، چري ڇوڪري، ڪنهن جو نالو ڪٺي ڪنهن جا عيب ظاهر ناهن ڪبا. باقي خيال آيو. جيڪو ڪاغذ تي اوتي ڇڏيو هئم. خير تون آرام ڪر. مون کي بہ ننڊ ٿي اچي. صبح جو شوٽنگ بہ ڪرڻي آ.

پوءِ جمال بيڊ تي سمهي پيو. ٻن اڍائي ڪلاڪن کان پوءِ پاسو ورائي ڏٺائين تہ انعم جاڳي پئي.

تون ڇو ٿي جاڳين؟ ننڊ ڇو نہ ٿي ڪرين؟ جمال ڪنڌ مٿ ڪري اتان ئي ڳالهايو.

سر الائي ڇو ننڊ نٿي اچي. توهان جي پرسان اچان؟ انعم معصوميت سان چيو. نہ نہ منهنجي ننڊ نہ ڦٽاءِ مون کي سڀاڻي سڄو ڏينهن ريڪارڊنگ بہ ڪرڻي آ، تون آرام ڪر. ايڪويهہ دفعا الحمد شريف پڙهہ، پاڻئهي ننڊ اچي ويندينءِ، ائين چئي جمال وري سمهي پيو.

صبح جو ڪليل دريءَ مان آذان جو آواز آيو تہ جمال اکيون پٽي ڏٺو تہ انعم دريءَ وٽ ٺونٺيون رکيون تازي هوا جو مزو وٺي رهي هئي.

ننڊ نہ ڪيئي نہ؟ ........ اتي ڇا ٿي بيٺي ڪرين؟ جمال جي آواز تي هوءَ ڇرڪي پئي.

سر. ڏسي رهي آهيان تہ صبح ڪيئن ٿو ٿئي. انعم وري ٻاهر نظرون وجهندي چيو. او چري ڇوڪري صبح ائين ئي ٿئي پيو. جيئن روز ٿيندو آ. جمال اٿي دريءَ پرسان آيو تہ هوا جو ٿڌو جهوٽو ٻنهي کي

واسي ويو انعم جي اوجاڳي وارين اکين ۾ عجب جو خمار هو. هن انعم کي ڏسي چيو اني هن ٽڏي هير تي استاد بخاريءَ جون سٽون ياد تيون پون. ٻڌايانءِ.

ارشاد...... انعم مسڪرائي چيو.

صبح جي هير يار جي خوشبو
منهنجي چاهت جو ناشتو
سامهون آهين حادثو آهي.

جمال ڏاڍي سهڻي انداز ۾ اهي سٽون چئي واش روم ڏانهن هليو ويو. انعم ويٺي سوچيندي رهي تہ هي ايترو رومانٽڪ هجڻ جي باوجود بہ مون کا ن پري چو آهي؟ سڄي رات آرام سان ننڊ ڪيائين ۽ مان جاڳندي رهيس. فقط ان ڪري تہ ڏسان تہ ڪهڙي مهل ٿو نفس هن تي حملو ڪري. مون تہ رات جو وارن کي بہ ڇاڻي واڻي کولي ڇڏيو هو چوندا آهن تہ کليل وارن جو عاشق مزاج ماڻهوءَ تي حملو جلد ٿيندو آهي. انهن سوچن ۾ ئي هئي تہ جمال هوٽل جي ڪمري ۾ رکيل الماڙيءَ مان مصلو ڪڍي فجر جي نماز پڙهڻ شروع ڪئي. سنت پڙهي ، فرض ۾ ايتري تہ عاليشان قرآت ڪيائين جو انعم حيران رهجي وئي. سلام ورائي جڏهن دعا لاءِ اکيون ٻوٽي جهليائين تہ ٻڪ آڌو انعم مصلي تي اڳيان ويهي رهيس. ڪجهہ دير هوءَ جمال کي ڏسندي رهي. جمال اکيون ٻوٽيون دعا ۾ مشغول هئو تہ انعم چيس مهنجي حق ۾ بہ دعا گهرو. اکيون کوليائين تہ ٻڪ جي سامهون انعم جو معصوم چهرو ڏسي ازخود سبحان الله چئي ڏنائين. ان وقت خبر ناهي ڪهڙي طاقت هئي جنهن انعم جي دل کي ڌچڪو ڏئي ڇڏيو ۽ هن جي اکين مان پاڻي وهي آيو. جمال هن جي اکين مان ڳوڙها اگهڻ چاهيا پر ائين نہ ڪيائين ، صرف ايترو چيائين تہ جنهن

مالڪ توکي ايترو سھڻو نا ھيو آ ، اھو پاڻ ڪيترو حسين ھوندو.

ائين چئي ھن مصلو ويڙھيو ۽ ھوٽل جي بيل وڄائي ، ٿوري دير ۾ ويٽر آيو ڪيس ناشتي جو چئي انعم کي اسڪرپٽ ياد ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪيائين.

انعم ھن آڏو پُري پيئي ھئي پر اندر وارو ڪيس ھارائڻ نہ پيو ڏئي.

انعم پنھنجي بيڊ تان اٿي ھن جي بيڊ تي ويٺي . سر اوھان مون سان سچ ۾ شادي ڪندؤ؟

ڇري ڇوڪري صبح صبح سان کھڙيون ڳالھيون ٿي ڪرين؟ مان شادي شده آھيان ، ٻار بہ آھن ۽ مان جوان نياڻين جو پيءُ آھيان .تون ھڪ سٺي ، خاندان جي پڙھيل لکيل ۽ معصوم ڇوڪري آھين . مان تنھنجي اندر کي ڄاڻان ٿو. تون ھي سڀ ڪجھ مون کي آزمائڻ لاءِ ڪيو آھي ائين نہ ؟

نھايت پاٻوھ مان جمال انعم کي چيو انعم سانت ٿي وئي ۽ ھڪ جادو ئي نظر سان جمال کي ڏسي اچان سندس ويجھو ٿي ويٺي .انعم تون ڇا ٿي سمجھين، مان ايترو ڪِري پوندس جو تنھنجي ادائن تي پنھنجي نفس جي چنبي ۾ اچي ويندس، اني تو ضرور ٻڌو ھوندو تہ ماڻھو منھنجي لاءِ عجيب رايا رکندا ھوندا سيٽ تي ويٺل اداڪارن مان ئي ضرور ڪنھن توکي ڪجھ نہ ڪجھ چيو ھوندو ۽ ممڪن تہ اڄ شوٽنگ ۾ انھن سيني جي دل تي مچندو جڏھن کين خبر پوندي تہ تون اڄ رات مون سان ھوٽل ۾ رھي آھين پر مان اھي سڀ ملامتون ڄاڻي واڻي بہ کڻندو آھيان ان ڪري جو مون دنيا وارن جي پرواھ ڪرڻ ڇڏي ڏني آھي ۽ ھميشہ مالڪ جي پرواھ ڪئي آھي . ھو جيڪو مون سان گڏ آھي ، منھنجي ساھ جي رڳن کان ويجھو آھي ، ڇا مان پنھنجو ڪو ڪرتوت ھن کان لڪائي

سگهان ٿو؟

انعم ڪيس ڏسندي رهي. جمال اٿي دريءَ وٽ بيٺو.

ڏس اني مالڪ جو ڪيڏو وڏو جهان آهي ۽ اسين پنهنجي دل ڪي سوڙهو ڪيون ويٺا آهيون.

توکي بہ سٺو گهوٽ ملي ويندو بلڪ منهنجي تہ صلاح اٿئي تہ هن ڊرامي ڪان پوءِ تون شوبز کي ڇڏي شادي ڪري پنهنجو گهر وساءِ پنهنجي امڙ ۽ بابا جي مرضيءَ تي شادي ڪندينءَ تہ سچي زندگي سُکي گذرندئي. هي لَوِ مئريج وارو چڪر ڪجهہ ڏينهن جو کيل هوندو آ. ان جي جهنجهٽ ۾ نہ پئجانءِ هوءَ اٿي جمال جي پرسان اچي بيهي ٿي. جمال هن جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي ٿو تہ هوءَ يڪدم اکيون کڻي کيس نهاري ٿي. هن کي جمال جي اکين ۾ نہ محبت نظر آئي نہ نفرت. بلڪ هن جون اکيون شفقت جي ڳوڙهن سان ٽمٽار ٿي ويون ۽ هن جي نرڙ تي چپ رکي چُمي ڏئي چيو پياري اني توکي خبر آ منهنجو هڪڙو پيو نظم بہ آهي جنهن ۾ مون لکيو آهي تہ.......

جــي نــيــاڻــيــن وارو آهــيــن تــہ

دنــيـــا جـــي هـــرنـــيـــاڻـــيءَ ۾،

پنهـنـجي نيـاڻـيءَ جي صـورت ڏسـنـدو ڪـر.

❊❊

# آڏو ٽَڪرَ ٽَرُ



هن جو سرٽيفڪيٽ ۾ نالو تہ رابعہ هو پر پاڻ کي پنهون سڏائيندي هئي . اهو تڏهن جڏهن هن پاڻ سنياليو ۽ پرائيويٽ اسڪول ۾ نوڪري ڪرڻ لڳي هئي ڪجهہ سال اڳ هن تي سڪتو تاري ٿيل هو . هوءَ ڪنهن سان بہ نہ ڳالهائيندي هئي . سڄو ڏينهن گهر ۾ اونڌي ڪنڌ پئي هوندي هئي ، جي ٻاهر نڪري ويندي هئي تہ پيرين اگهاڙي رئو ڪڏهن ڳچيءَ ۾ ڪڏهن بنان رئي جي وار وکريل _ اڻ ڌوتل مُنهن، هوءَ اڪثر ان جاءِ تي وڃي ويهندي هئي جتي هن جي پهرين ملاقات ساجن سان ٿي هئي . ساجن سان رابعہ جي محبت وڌندي وئي ۽ ڳالهہ شآديءَ تائين پهتي . شاديءَ کي ڇهہ مهينا مس ٿيا هئاتہ ساجن ٻاهرين ملڪ هليو ويو ۽ ڪيترائي سال گذري ويا پر ساجن جونہ ڪو خط آيو نہ ڪوئي پيغام.

رابعہ ماندي ٿي پئي هوءَ سوچي سوچي روئڻ لڳندي هئي ۽ پوءِ هڪ ڏينهن ننڍ مان اٿي تہ هن جو آواز بند ٿي ويو هن جي ڪيفيت بدلجي وئي ۽ بيتاب ٿي پئي. هوءَ ڳالهائي نہ سگهندي هئي، وڇوڙي سان گڏ چُپ جي مُهر هن کي بيحال ڪري ڇڏيو پاڙي جي سهيلي ساجده هن وٽ ايندي هئي ۽ کيس ماني کارائيندي هئي ۽ کيس دلداريون بہ ڏيندي هئي. هوءَ ڪري ڪنڌ ٿي وئي پر ساجن نہ آيو.

انگريزي ڳالهائڻ ۾ سڄي ڪلاس ۾ هن کان وڌيڪ ڪو بہ پڙ نہ هئو. ادب سان بہ گهڻي دلچسپي هئس ڳالهين ۾ ساجن کي بہ سوڙهو ڪري ڇڏيندي هئي ۽ ساجن ٻانهون ٻڌي چوندو هئس تہ صحيح سرڪار عورت کان اسان جهڙو عاشق مزاج مرد هر گز گوءِ؟ نہ تو کٽي سگهي.

اها مرد کي مات ڏيڻ واري رابعہ مرد هٿان مات کائي وئي هئي. حسن حيرت جي سمنڊ ۾ غوطا کائي کائي سونهن جي سُرت وڃائي ويٺو هو. رستي ۾ مٽيءَ جي ڍِڳَ تي ويٺي هوندي هئي تہ ٻار کيس چيڙائيندا هئس. ڪي کيس پٿر بہ هڻندا هئس پر هوءَ انهن کي ڏسي پئي صرف مسڪرائيندي هئي. ڪو واٺهڙو ٻارن کي دڙڪا ڏيندو هو تہ ان کي ڪجهہ نہ چئي سگهندي هئي پر دل ۾ چوندي هئي تہ توهان جو ڪهڙو ڪم جو ٻارن کي دڙڪا ٿا ڏيو. اهي سڀ منهنجا ٻار آهن.

ائين ئي رستي ويندي ٽَرو ڇورا ملي ويندا هئس تہ انهن جي بيهوده گفتگوءَ جو ڪو بہ جواب نہ ڏئي سگهندي هئي ،صرف دل ئي دل ۾ مالڪ سائينءَ کان شيطاني سوچ رکڻ وارن جي پناهہ گهرندي هئي.

سندس سهيلي ساجده هڪ ڏينهن نفسيات جي ڊاڪٽر ڏي

وٺي ويس جنهن کيس چيو تہ هن کي سڪتي جي بيماري آهي. هفتو دوا کارايوس ۽ دل جي بار هلڪي ڪرڻ لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪرايوس.

رابعہ جي سور جي سُڌ ساجده کي تہ هئي پر رابعہ هن سان بہ نہ تي ڳالهائي سگهي. هڪ ڏينهن ان ئي جاءِ تي وڻن جي جهڳٽي هيٺان ويٺي هئي جتي ساجن سان هن جي پهرين ملاقات ٿي هئي تہ ساجده جو مڙس راجہ رابعہ کي چڱيءَ ريت سڃاڻندو هيو پيو ان جو دوست شفيق حيدر آباد کان آيل هيو.

شفيق هن خوبصورت ڇوڪريءَ جي اهڙي حالت تي راجہ کان پڇيو تہ ڇا هيءَ پاڳل آهي؟ جنهن تي راجہ سڄو قصو هن کي رابعہ جي سامهون ويٺي ويٺي ٻڌايو. جنهن تي شفيق رابعہ کي ڏسي چيو تہ جيڪڏهن هي ڇوڪري شاهہ سائينءَ جي رسالي جو سُر سسئي ۽ سامونڊي پڙهي ها تہ چري نہ ٿئي ها.

اهو ٻڌي رابعہ اتان تڪڙي تڪڙي اُٿي وئي ۽ وڃي ساجده جي گهر ۾ پيل ڪتابن مان ڪجهہ ڳولڻ لڳي، رابعہ جي اهڙي حرڪت تي ساجده حيران ٿي وئي.

رابعہ ڳولي ڳولي اُتان شاهہ جو رسالو ڪنيو ۽ چپ چاپ پنهنجي گهر ۾ ڪمري ۾ پيل کٽ تي ويهي شاهہ جي رسالي جو سُر سامونڊي کولي دل ئي دل ۾ پڙهڻ ويٺي.

تن جنين جي تانگ، سي سڄڻ سفر هليا،
لئنج لات لطيف چئي، ڪڏهن ايندم؟ ڪانگ،
ڪنهن ستائي سانگ، پرين پرڏيهي ڪيا.

هوءَ سوچي ٿي تہ شايد ڪنهن خاص ڪم جي مصروفيت جي ڪري ساجن پرڏيهہ ۾ رهي پيو آهي. نہ تہ هو تہ سڀاجهڙو آهي.

وري ورق ورائي ٻيو بيت پڙهيائين.

اندر اندريون ، جيئن سي وانجهيءَ لٺ ۾ ،
مون تن تيتريون ، تہ ڪئين ملبو سڄڻين ؟

هن ”ڪئين ملبو سڄڻين“ واري سٽ کي وري وري پئي اُچاريو. هن کي ڪو ڏک نظر نہ آيو ۽ وري پڙهڻ لڳي.

هينئڙو ٻيڙيءَ جان، ڏتڙ پئي ڏيهين ٿيا !
پڇيو تان نہ پريان ، ڳرَ لاهو ٿي ڪڏهين .

وري ٻيهر بہ ٻي سٽ کي پڙهي سڏڪا ڀرڻ لڳي .پوءِ هن سسئيءَ جو سُر کوليو.

ڪجھ بيتن پڙهڻ کان پوءِ جنهن بيت تي اٽڪي بيٺي اهو هو.

پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ ،
نڪي ڏونگر ڏيھ ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻ ،
پنهون ٿيس پاڻ ، سسئي تان سُور هئا.

هان ..... هي ڇا سسئي تان سور هئا . پنهون ٿيس پاڻ . جي پنهون پاڻ کي فرض ڪجي تہ پوءِ سور ڇاجا. سور تہ سسئي آهن . جن سان پئي تي جهيڙي. مان پاڻ پنهون آهيان. مون وٽ سور ڇو آهن؟ مان پنهون آهيان.

پنهون ٿيس پاڻ سسئ تان سُور هئا . هن جي اکين ۾ عجيب مقناطيس هو. هن هو دماغ روشنيءَ جي رفتار کا وڌيڪ تيز ڊوڙي رهيو هو ۽ ا ن ڊوڙ ۾ هوءَ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي ۽ اهي سڏڪا رانيات ٻڌجي هن جي روح کي ڌوئڻ لڳا .رابعہ جي رانياڻن تي ساجده ڊڪندي هلي آئي جنهن کي ڏسي ياڪر پائي رابعہ ڳالهائڻ لڳي .

ساجده جي حيرانيءَ جي حد نہ رهي هن هڪ نظر رابعہ کي ڏنو ۽ ٻي نظر شاهہ جو رسالو جيڪو رابعہ پنهنجي سيني تي رکيو ن

روئي رهي هئي .ساجده کي شاهہ جي بيتن زبان بخشي هئي اهو ڏسي ساجده، رابعہ کان رسالو وٺي اکين تي رکي چُمي ڏئي رابعہ کي ڏنو جنهن،

وهـنـجـي سـهـنـجـي وڳـو مـٽـائـي،
چـــنـــڊي آلا وار ســــڪــــائـــي،
لال لـــبـــن جـــو حســـن وڌايـــو
ڳـــل تـــي نـــنـــڍڙو تـــر لڳـــايـــو
هســـڙي والا جـــهـــومـــڪ پـــائـــي،
ڪـجـل ڪـارا نـيـڻ سـجـائـي،
آئـــيـــنـــي ۾ عـــڪـــس ڏســـي پـــو
مُـرڪـي مُـرڪـي هُـن شـرمـايـو
پـنـهـنـجـو پاڻ تـي عـاشـق ٿـي پـئـي،
ڪـاري پـرس ڪـلـهـي ۾ پـائـي،
روز وجـــي تـــي ٻـــار پـــڙهـــائـــڻ،
درس لـــطـــيـــفـــيءَ کـــي ڦـــهـــلائـــڻ.

❊❊

# پيوند



باجي وڄائڻ ۾ استاد روشن جو ڪو بہ ثاني نہ هو، هن زندگيءَ جا 28 سال، حسن جي بازار ۾ مختلف وقتن تي مختلف تولن سان شادين، مرادين، پارٽين ۽ نجي محفلين ۾ باجو وڄايو هو. طبلي جي تال تي هارمونيءَ تي اهڙو تہ هٿ هڻندو هو جو ڇيرن جي ڇمڪي تي تماشبينن جي جسم جا وار بہ ايا ٿي ويندا هئا، جو 12 سالن جو هو تہ استاد سفيدي وٽ هن باجو سکڻ شروع ڪيو هيو. سفيدي خان جو تعلق بہ بازار حسن سان هئو. ان ڪري استاد روشن جيڪو ان وقت استاد نہ پر شاگرد هو تنهن کي باجي سکڻ جي شوق ۾ اتي ديدارن جي لذت بہ نصيب ٿيندي هئي.

جڏھن ھن باجي تي باقائدي عبور حاصل ڪيو تڏھن استاد سفيدي ھن کي نيلم ہائي جيڪا لاھور کان نئين نئين آئي ھئي ان جي حوالي ڪيو. نيلم جي ادائن ۽ ڊانس جي نرالي انداز ڪيس سڄي بازار ۾ مشھور ڪري ڇڏيو ھو . استاد روشن بہ ھن جي سونھن ڏسي ، دل ئي دل ۾ ھن کي پنھنجي من ۾ ويھاري پوڇڻ لڳو ھو . ٿوري عرصي ۾ جتي ڪٿي نيلم جي ھاڪ ٿي وئي .

محفل ۾ استاد روشن ھن جي ادائن تي مست ٿي جو باجو وڄائي تہ ماڻھن جا ھوش ئي خطا ٿيو وڃن. چڱا ڀلا معتبر ماڻھو بہ گگ ڳاڙيندي ڏٺائين.

رات جو دير تائين محفلن ۾ نچڻ ڪري نيلم ٿانءِ ٿي ڪري پوندي ھئي تہ استاد روشن ھن جي ڄنگھن کي زور ڏيندو ھو.

استاد روشن نيلم کان عمر ۾ سال کن ننڍو ھو ۽ نيلم شروعاتي ڏينھن ۾ ئي استاد روشن جي اکين ۾ عشق جي جوت ڏٺي ھئي . ان ڪري ھن کان حجاب گھٽ ڪندي ھئي .

ھڪ رات ڪجھ دير ڇھند ڪري سمھي رھي تہ پلي روشن صاحب دل کولي کيس زور ڏئي ۽ زندگيءَ جو مزو وٺي .

ان قصي کي ڀاويھ سال گذري ويا ھئا . نيلم ھن جھان ۾ نہ ھئي پر سندس سھڻي ڌيءَ نرگس استاد روشن جي ننڍڙي سادي گھر ۾ رھندي ھئي.

نرگس جڏھن 9 سالن جي ٿي ھئي تڏھن نيلم گذاري وئي ھئي ۽ انجو مامو نيلم جي وصيت تي نرگس کي استاد روشن جي گھر ۾ ڇڏي ويو ھو تہ ھو ھن کي راڳ سيکاري ، باقي ان جو خرچ پکو ھر مھيني وڏيرو بچل خان استاد روشن کي موڪليندو رھندو.

بچل خان بہ انھن ڏينھن ۾ ھڪ دوست جي پٽ جي شاديءَ ۾

شريڪ ٿيو هو. رات جو محفل ۾ بچل خان نيلم کي جو ڏنو تہ اصل آپي کان ٻاهر نڪتو ٿي. نيلم اهڙا سٺيا مرغا هٿئون ڪو نہ وڃائيندي هئي. هن جو تہ ڪم ئي ادائن جي هٿيارن سان وڏيرن جي دولت لٽڻ هئو ۽ پوءِ بچل خان هن تي اهڙو عاشق ٿيو جو هن کي محفلون ڪرڻ کان روڪي ڇڏيائين. پوءِ هوءَ بازار ۾ موج سان رهندي هئي جو روز جو خرچ هن کي ضرورت کان وڌيڪ وڏيري وٽان پيو ملندو هو. پوءِ هڪ ڏينهن بچل خان جي مُنهن جو پنو لهي ويو جڏهن حمل پڪو ٿي ويو.

نيلم هن کي ڇاٽي واٽي دير سان ٻڌايو هو نيلم جي آڏو بچل خان جي هڪ بہ نہ هلي ۽ پوءِ معصوم نرگس اک کولي بازار ۾ پلجڻ لڳي.

استاد روشن ماضيءَ جي کولين مان نڪري ٽڏو ساهہ پريو تہ نرگس هن آڏو ماني رکي هڪ فرمائش ڪئي، جنهن تي استاد روشن خاموش ٿي ويو.

ڇو بابا مون غلط فيصلو تہ نہ ڪيو آهي. مان پنهنجي آواز کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائڻ چاهيان ٿي. ٽي ويءَ تي ڳائڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي. اڄڪلهہ تہ بي سُرا بہ سي ڊي رڪارڊ ڪرائي پيا ٽا نالو ڪمائين . مان تہ سڄي عمر تو وٽ سِکي آهيان. راڳ جي ڄاڻ رکان ٿي . نرگس پنهنجي مخصوص انداز سان استاد روشن کي قائل ڪرڻ لڳي .

پر ڌيءَ مونکي تنهنجي ٽيليويزن تي ڳائڻ ۾ ڪو بہ اعتراض ناهي . متان ڪو ٻيو اعتراض ڪري............ استاد روشن مانيءَ جي گرهہ ڀڃي ڪائڻ لڳو.

ڪو ٻيو اعتراض ڪندو ؟ ! نرگس حيران ٿيندي پڇيس ،

ڪير آهي ڪوپيو؟ جيڪو منهنجي ڳائڻ تي اعتراض ڪندو؟

ڏيءَ تون جيڪو شادين ، مرادين ۾ ۽ عورتن جي پروگرامن ۾ ڳائيندي آن ، ان جي اجازت بہ ان جي ڏنل آهي . ٽيليويزن تي ڳائڻ جي موڪل تہ ڇا ، پر مان تو کي ريڊيو تي ڳائڻ جي اجازت بہ نہ ٿو ڏئي سگهان.

پر بابا اُها شخصيت آهي ڪهڙي ؟جنهن جي هٿ ۾ منهنجي قسمت جي ڏور آ . نرگس تجسس مان پڇيو.

استاد روشن گرهہ ڳيت سان اندر لاٿو پر هنيانءَ تي چڙهي پيس. ڏيءَ اهو تنهنجو پيءُ آهي.

منهنجو پيءُ........... ڪير آ؟ منهنجو پيءُ.......؟ نرگس اچانڪ ٻئي پيءُ جي پيدا ٿيڻ تي حيران ٿي وئي هن تہ سڄي زندگي استاد روشن کي ئي پنهنجو پيءُ سمجهيو هو.

استاد روشن هٿ ڌوئي انگوشي سان اگهڻ لڳو ۽ نرگس ڏي مُنهن ڪري چيائين تہ ، ڏيءَ جيڪو شخص مهيني ٻي ڪار تي پئسا ڏيڻ ايندو آ ۽ تون ڪڏهين ڪڏهين دريءَ مان ان کي ڏسي سوال ڪندي هئينءَ تہ اهو ڪير آ ۽ مان ڳالهہ ٽارائي چوندو هئس تہ ان وڏيري مون کان زمين پئسن تي ورتي هئي، ان جي قسط ڏيڻ ايندو آ. تنهنجي قسمت جي ڏور ان جي هٿ ۾ آ.

تہ ڇا اهو وڏيرو منهنجو پيءُ آهي ......؟!

جواب ڏيڻ بدران استاد روشن خاموش ٿي ليٽي پوي ٿو. نرگس پريشانيءَ جي پگهر ۾ مٺل قدم کڻندي ڪمري ۾ هلي وڃي ٿي. ٻئي ڏينهن هوءَ رياض بہ نہ ٿي ڪري ، استاد روشن جي سڏڻ تي بہ هوءَ سڏ نہ ٿي ڏئي پوءِ استاد روشن کان پڇڻ بنان ئي هوءَ ٽيليويزن اسٽيشن تي پهچي ميوزڪ جي پروڊيوسر سان ملي ٿي. سُريلي تہ اڳ ۾ ئي

هئي ، پرڊيوسربہ دير نہ ڪئي ۽ نرگس کان پورو پروگرام ريڪارڊ ڪرايائين . پروڊيوسر لاءِ اعزاز هئو تہ هن نئين سُريلي گلوڪاره کي متعارف ڪرايو آ.

وڏيري بچل خان تي وڄ تي ڪرنڊڙ. ان پروگرام هن جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي پروگرام ڏسندي ئي باڊي گارڊن کي ساڻ ڪري استاد روشن جي گهر ۾ ڪاهي پيو.

استاد روشن گهڻو ئي کيس سمجهايو تہ مون هن کي ٽي ويءَ تي ڳائڻ جي اجازت نہ ڏني هئي. اهو نرگس جو پنهنجو ضد هو پر وڏيري بچل خان ڪنهن جي بہ نہ ٻڌي نہ نرگس جي نہ استاد روشن جي ، هو نرگس کي گاڏيءَ ۾ کڻي هليو ويو.

استاد روشن بي وس ۽ هاڻي بي سهارو ٿي پٽ کي ٽيڪ ڏئي زمين تي روئيندو رهيو ان گهڙيءَ سندس هم عمر طبلي نواز استاد دلدار خان ٻاهر باڊي گارڊ ۽ گاڏيءَ ۾ نرگس کي ويندو ڏسي اندر هليو آيو.

ڇا ٿيو؟ استاد روشن روئين ڇو ٿو؟ ۽ نرگس ڪيڏانهن وئي .

استاد روشن ڳوڙهن سان ڀريل اکين سان طبلي نواز کي ڏنو ۽ پوءِ چيو، دلدار خان نرگس کي ان جو پيءُ وٺي ويو.

نرگس جو پيءُ! نرگس جو پيءُ تہ تون آن . ڪير وٺي ويس ؟

وڏيرو بچل خان سڏڪو ڀيئندي استاد روشن چيو .

دلدار خان ڪلهي تي هٿ رکي هن جي پر ۾ ويهندي چيو .

استاد تو هن کي ٻڌايو ڪونہ ، تہ نرگس جو پيءُ هو نہ ، پر تون آهين .

استاد روشن پٽ ۾ مٿو هڻندي اکيون آسمان ۾ اٽڪائي چيو.

دلدار خان ..............غريب باجي واري جي زبان تي ڪير اعتبار ڪندو.......!!؟؟

❋❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سادي پرفيوم



تانگي وارو هادن روزانو وڪيل سليمان صاحب کي گهران ڪٽي ڪورٽ ڇڏي بہ ايندو هو ۽ واپسيءَ تي بہ ڪٽي ايندو هوس. تانگي واري جو نالو هادن هو پر وڪيل صاحب ڪيس پيار مان پپو چوندو هئس. ڪيترائي مهينا ٿي ويا هئا . هي تانگي وارو وقت جو نهايت ئي پابند ۽ گسُ گسر ڪائڻ وارو هو. نہ تہ هن کان اڳ بہ تانگي وارا وڪيل صاحب تبديل ڪري چڪو هو. هڪ ڏينهن وڪيل صاحب جئين ئي وڪيلن جي بار ۾ ويٺل هو تہ سندس پاڙي جو نوجوان ڇوڪرو خيرو آيس.

سائين توهان سان ڪجھ ڳالهائڻو آ. خيروءَ پرسان ويهندي آهستي چيو.

وڪيل مُرڪندي چيس ڇا ڳالهہ آ خيرل .. ڪئين پلجي پيو آهين ؟ خيرل هيڏي هوڏي نهاري بار ۾ ويٺل ٻين وڪيلن ڪي ڏٺو ۽ رازدارانہ انداز ۾ چيو. سائين غيرت جو مسئلو آهي سو توهان سان پاسي تي ڳالهائڻو آهي . وڪيل صاحب سمجهيو تہ شايد ڪو ڏوهہ ڪري آيو آ. جو اهڙي انداز ۾ ٿو ڳالهائي ، هو ٻئي بار ما ن ٻاهري نڪري آيا ۽ هڪ پاسي ڪنداٽا تي ويٺا ، تڏهن خيرل وڪيل صاحب کي چيو تہ سائين ، مون توهان جي گهران تانگي واري هادن کي نڪرندي ڏٺو آ . وڪيل جا پگهر وهڻ لڳا . اڳ ۾ ئي ڪوٽ پاتل هئس ويتر وڪيل جي جسم کي باهہ وڪوڙي وئي . هو خاموش اچي پنهنجي چيمبر ۾ ويهي رهيو. جڏهن واپسيءَ جو ٽائيم ٿيس تہ تانگي وارو حسب معمول ڏهہ منٽ اڳ ۾ اچي ويهي رهيو. وڪيل درٻءَ مان کيس ڏسي. ٻاهر نڪري آيو هادن تانگي واري کيس سلام ڪيو پر هو بنان سلام جي جواب ڏيڻ جي چپ چاپ تانگي م ويهي رهيو. هادن گهوڙي کي هڪليو تانگو هلڻ لڳو. هن چيو تہ سائين اڄ پلا ڪيس ۾ اڳيرائي نہ ٿي ڇا جو سلام جو جواب نہ ڏنوَ.

وڪيل صاحب هوا ۾ گهوري رهيو هو. تنهن بنان تانگي واري کي ڏسڻ جي ڳالهايو.

اڄ هڪ نئون ڪيس آيو هو ، پيو ........ ان پريشان ڪري ڇڏيو آ . ڇا جو ڪيس هو سائين؟ تانگي واري ڇهبڪ هوا۾ ڦيرائيندي چيو. وڪيل هڪ نظر تانگي واري کي ڏنو ۽ پوءِ چيو. غيرت جو.

سائين اهڙا ڪيس تہ توهان جي ڪبي هٿ جو کيل آهن . پريشان ڇو ٿيا آهيو.

ها........... ائين ئي ٿيندو.

وڪيل جو موڊ جيئن پهريون هوندو هو ائين نہ هجڻ ڪري هادن ٽانگي وارو بہ ٿورو محتاط ٿي ڳالهائڻ لڳو ۽ پوءِ دروازي وٽ چپ چاپ وڪيل پنهنجي بيگ کڻي لهي هليو ويو.

ٽانگي وارو ڪجهہ دير هن کي ويندي ڏسي دروازي ڏانهن بہ ڏسندو رهيو ۽ پوءِ ٽانگو هڪلي هليو ويو.

ڊائننگ ٽيبل تي ماني کائيندي وڪيل کي اهي پل ياد اچڻ لڳا ، جڏهن هو روز صبح جو ٽانگي تي چڙهندو آهي تہ سندس زال حميده دروازي تائين کيس ڇڏڻ ايندي آهي جنهن کي ڏسي ٽانگي وارو مُرڪندو آهي . حميده سليمان کي خاموش ڏسي چيو تہ تون پلا گهر ۾ ڪيسن متعلق سوچيندو آهين ڇا؟ مانيءَ تي ويٺا آهيون . گهٽ ۾ گهٽ هن وقت تہ دماغ کي فارغ ڇڏ. حڪم ڪر ڇاتي چوڻ چاهين . وڪيل صاحب مُنهن تي ڪوڙي مُرڪ سجائي ڳالهايو.

تو کي ڪيئن خبر پئي تہ مان ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيان.

وڪيل جو ڪم ئي آهي چهرا پڙهڻ ، مان تو کي گهٽ نہ سهي ٿورو ئي سهي سمجهان تہ اٿو. وري بہ پنهنجي زبان سان چئہ . تو سان ڪهڙو مسئلو آهي ؟ حميده پاڻيءَ جو گلاس هٿ ۾ جهليندي چيو مسئلو ڪو بہ ڪونهي، مان صبح سوناري وٽ نئون هار ڏسي آئي آهيان موجوده هار واپس ڪري باقي ڪجهہ پئسہ وجهي مون کي اهو وٺي ڏي.

بيوقوف عورت سونارن کي تو جهڙين عورتن کي ڦُرڻ ڏاڍو آسان لڳندو آهي . موجوده هار مان ٻُڌا ، قيمت ۾ محنت ڪٽ ڪرڻ جي بهاني اڌ رقم لڳائيندا ۽ نئون هار بہ پنهنجي مرضيءَ واري قيمت تي ڏيندا . ڪهڙي ضرورت آ.

بس مون چيو نہ مون کي ڪپي . ڊائننگ ٽيبل تان اٿي حميده

واش بيسن وٽ هٿ ڌوئڻ لڳي.

وڪيل بہ ماني ۽ مان هٿ ڪڍيا ۽ اٿي هن جي پرسان اچي ويٺو. تو ڪي پلا فرمائشن ۽ خواهشن کان سواءِ ٻيو ڪم ڪونهي. ڪهڙي تو منهنجي خواهش پوري ڪئي آهي هان؟ هجين ها عورت تہ خبر پوئي ها.

وڪيل ڳالهہ پروڙي ويو تہ هاڻي هيءَ ويندي ڳالهہ کي وڌائيندي ڇو تہ هن کي پنهنجو ضد پورو ڪرڻ جي پراڻي عادت آ. ان ڪري هن هڪ جملو اچلائيندي چيو. جيڪڏهن نہ مان عورت هجان ها......... تہ ڪڏهن بہ مڙس سان اڻنگيون فرمائشون نہ ڪيان ها نہ وري پنهنجي مڙس سان ڌوڪو ڪيان ها.

پوئين سٽ حميده جي اندر ۾ ڪنڊو بڻجي چُڀي وئي. وڪيل سليمان بہ اهو ئي پيو چاهي تہ هن کي تورو گرم ڪيانس تہ جيئن هن جي ڇهري کي پڙهي سگهجي، پر حميده ويتر اهڙو موڊ ٺاهيو جو وڪيل ڪجهہ بہ سمجهي نہ سگهيو ۽ حميده ڪمري ۾ هلي وئي.

ٻئي ڏينهن وڪيل ڇا ڪيو جو ڪورٽ مان سوير ئي ٻي سواري ڪري گهر هليو آيو اچان پنهنجي محلي جي گهٽيءَ ۾ ئي پهتو تہ هادن جو ٽانگو گهٽيءَ ۾ بيٺل ڏٺائين. هو اتي ئي لهي ان تاڙ ۾ رهيو تہ ڏسان تہ هادن عرف پپو ٽانگو ڇڏي ڪيڏانهن هليو ويو آ. اچان ان سوچ ۾ ئي هو تہ هادن پرسان اچي سلام ڪيس. هن کان ٻي خياليءَ ۾ ذري گهٽ ڇرڪ نڪري ويو.

سائين ڇو پلا اڄ سوير آيا آهيو. صبح مون کي ٻڌايو ها تہ مان اوهان کي وٺڻ اچان ها.

وڪيل ٽانگي واري کي صرف هڪ نظر ڏٺو ۽ ڏسي گهر ڏانهن مُنهن ڪندي چيو بس پپو اوچتو ڪم ياد اچي ويو. ڇڱو تيوجو

ملي وئين ، واپسيءَ ۾ نہ تہ توکي اجايو پنڌ ڪرڻو پوي ها. رڪا جملا چئي وڪيل صاحب پنهنجي گهر ڏانهن هليو ويو ۽ ٽانگي وارو ڏڪندو ڏڪندو پنهنجي ٽانگي تي اچي ويٺو شڪر ٿيو مالڪ سائينءَ بچائي ورتو نہ تہ اڄ خبر ناهي ڇا ٿئي ها .

هادن ٿڌو ساهہ ڀري ٽانگو هڪلي هليو ويو.

وڪيل سليمان معمول موجب شام جو پنهنجي گهر واريءَ آفيس ۾ ڪيس اسٽڊي ڪري رهيو هو تہ اندران گهر وارو دروازو کليو ۽ حميده چانهہ جا ٻہ ڪپ کڻي اندر آئي، هي هنن جو روز جو معمول هو. شام جي چانهہ ٻئي گڏ پيئندا هئا.

حميده ٻاهرين در جي ڇاريءَ واري دروازي کي اندران ڪڙڪي ڏئي ڇڏي.

وڪيل چانهہ جا ٻہ ڍڪ ڀري حميده کي چيو تہ مان اڄ رات ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾ حيدرآباد وڃي رهيوآهيان ٻہ چار ڏينهن لڳندا، تون چاهين تہ ڀلي پيڪن ڏي هلي وڃ.

حميده چانهہ جي ڪوسي ڍُڪ کي ٿڌو محسوس ڪندي چيو پيڪن ۾ ڇا وڃي ڪنديس گهر تہ مهنجو هي آهي. ڀلي تون ٿي آ. مون کي ڇا جو ڊپ آ.

وڪيل صاحب دل ۾ چيو تہ اهوئي تہ مان چاهيان ٿو تہ تون اتي هجُ.

ڇا ٿو سوچين ؟ هُن کي چپ ڏسي حميده پُڇيو.

ڇا سوچينديس . ٽانگي واري پيوءَ کي ڇئي ڇڏيو اٿم، هو مون کي رات واري گاڏيءَ ۾ اسٽيشن تي ڇڏي ايندو.

حميده خالي ٿيل ڪپ کڻي ڇاريءَ واري در جي ڪڙڪي کولي اندر هلي وئي.

رات ٽي تہ ٽانگي وارو وڪيل صاحب جي ٻڌايل ٽائيم تي اچي پهتو ۽ پوءِ هادن هن کي اسٽيشن تي نہ صرف ڇڏي آيو پر ٽرين ۾ ويهاري ٽرين جي هلڻ تائين پليٽ فارم تي بيٺو رهيو ڇاڪاڻ ۾ بسڪوٽ جي بهاني هن جي خدمت ڪندو رهيو. جڏهن ٽرين رواني ٿي وئي تڏهن هو دلجاءِ سان واپس موٽيو . وڪيل سليمان اڳلي اسٽيشن جي انتظار ۾ سوچن جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندو رهيو جيئن ئي پهرين ننڍي اسٽيشن تي، گاڏي بيٺي مس، تہ سليمان ٽرين مان لهي ٽيڪسيءَ ڪرائي واپس هليو آيو ۽ پنهنجي گهر جو دروازو کڙڪائڻ بجاءِ پاڙي واري مسٽر علي بخش جو در کڙڪايائين. جيڪو اڌ رات جو وڪيل کي در تي ڏسي پريشان ٿي ويو.

ياٿو توهان پريشان نہ ٿيو دراصل مان ٻاهر ويل هئس، هينئر گاڏيءَ مان لٿو آهيان پنهنجي گهر جو دروازو ڪافي دير تائين کڙڪايو اٿم شايد گهرواري کي گهري ننڊ ورتي وئي آهي. جي اجازت ڏيو تہ توهان جي ڪوٺي ۽ اسان جي ڪوٺي جي ديوار بلڪل ئي ننڍي آهي مان توهان جي گهر جي ڏاڪڻ مان ڪوٺو ٽپي پنهنجي گهر وڃان . وڪيل صاحب جي جوڙيل ڳالهہ تي علي بخش کيس پنهنجي گهر جي ڏاڪڻ مان ڪوٺي تي ڇڏيو ۽ سليمان صاحب آرام سان ڪوٺو ٽپي پنهنجي گهر جي ڏاڪڻ ۾ اڌ تي اچي ويهي رهيو.

هو سوچن ۾ پئجي ويو تہ جي منهنجو شڪ ۽ پلان غلط ٿي ويو تہ حميده کي ڇا چوندس . ڇاڪاڻ تہ هن حميده کي هر طرح سکيو رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ڪڏهن بہ هن تي ٻي جا تهمت نہ هئين هئي، پاڙي جي ڇوڪري خيروءَ جي ٻڌائڻ جي باوجود هن ڪڏهن بہ سڌو سنئون حميده کي ڪو نہ ڇيو هو تہ تون بدڪار آهين هو الزام هڻڻ کان اڪين ڏني ڳالهہ تي اعتبار ڪرڻ وارن مان هو.هو .

خيروءَ واري جملي کان پوءِ مسلسل ثبوت هٿ ڪرڻ جي چڪر ۾ هئو ۽ اڄ جو حيدرآباد وڃڻ وارو سمورو پلان ۽ واپسيءَ ۾ پاڙي جي ڪوٺي تان ٽپ ٽپي گهر ۾ داخل ٿيڻ ، سڀ ثبوت حاصل ڪرڻ جي ڪڙي هيا. هو انهن سوچن ۾ ئي هئو تہ هن کي حميده جا ٿهڪ ٻڌڻ ۾ آيا ، هن جي خيالن کي دلجاءِ ملي ۽ هن بريف ڪيس کي ڏاڪڻ مان هيٺ ڦٽي ڪيو ، رات جي سانت ۾ گهرم ۾ ايترو کڙڪو ٿيڻ تي اندران هادن ٽانگي وارو ۽ حميده ٻاهر نڪري آيا.

وڪيل سليمان هڪ ڳيت ڏئي حميده کي ڏنو جنهن ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

سليمان ڪجھ ڳالهايو ئي نہ تہ يڪدم هادن ٽانگي وارو ڊڪي وڃي سليمان جي پيرن تي ڪريو، هن هادن کي ٺڏو هڻي پنهنجي پيرن کان پري ڪيو.

سائين خدا جوقسم منهنجو ڪو ڏوھ ڪونهي، بيگم صاحبہ پاڻ مون کي گهرائيندي آ. هادن ٻانهون ٻڌندي آزيءَ سان چيس، وڪيل سليمان حميده کي ڏنو جيڪا بدستور ڪنڌ جهڪايون بيٺل هئي. وڪيل نظر ڦيرائي ڪاوڙ ۾ هادن کي چيو، پيوءَ جا پُٽ......هن سان شادي ڪندين ؟

ٽانگي وارو هادن صفا حيران ٿي ويو ڪيس ڪجھ سمجھ ۾ نہ آيس.

سليمان حميده کي چيو ان کان پهرين جو سڄو پاڙو ڪلائي، توکي خوار ڪري پنهنجي عزت وڃايان ، هن گهر مان جيڪو تو کي کپي کڻي وڃ . منهنجي تو کي طلاق آهي ، طلاق آهي ۽ هوش ۽ حواس سان توکي ٽيهر چوان ٿو تہ منهنجي تو کي طلاق آهي. منهنجي گهر مان هينئر ئي نڪري وڃ.

پوءِ خاموشيءَ سان هوءَ ڪجھ ڪپڙا ۽ زيور کڻي ٽانگي واري سان هلي وئي .

سال گذري ويا . وڪيل ٻي شادي تہ ڪو نہ ڪئي پر پاڻ کي ريجهائڻ ۾ مصروف رکڻ لاءِ امتحان ڏئي جج ٿي ويو. مٿي ، خيرپور ۽ حيدر آباد کان پوءِ پنهنجي شهر ۾ جڏهن جج مقرر ٿيو تڏهن هڪ ڪيس ۾ جوابدار کي ڪٽهڙي ۾ بيٺل ڏسي سڃاتائين. سالن گذرڻ کان پوءِ هن جيئن ئي ملزم کي پپو ڪري مخاطب ڪيو تہ ٽانگي وارو هادن حيران ٿي ويو. ڇو تہ پپو ان کي صرف وڪيل سليمان صاحب ئي ڪوٺيندو هو.

ها مسٽر هادن عرف پپو ٽانگي وارا تو پنهنجي زال مسمات حميده کي خون ڪيو آهي ان ڏوهہ ۾ تہ هوءَ بدچلن هئي ۽ هن توسان ويساهہ گهاتي ڪئي، جج سليمان ٿڌي لهجي ۾ هادن ٽانگي واري سان مخاطب ٿيو.

تڏهن هادن ڪنڌ جهڪائي صرف ”ها“ جواکر چيو.

مسٽر هادن اهوئي فرق آهي تو ۾ ۽ مون ۾......... مان علم وارو ماڻهو هئس الله جي ٻڌايل قانون تحت هلي، هن کي طلاق ڏني پر تو جهالت جو ثبوت ڏيندي هن جو خون ڪيو. هوءَ سٺي نسل جي، خوشبودار پرفيوم نہ هئي، هوءَ هڪ سادي پرفيوم هئي جنهن جي لڳائڻ سان جسم بدبودار ٿيو پوي.

❀❀

# بائونس ٿيل چيڪ



شازيہ هئي تہ ليڪچرار پر هئي ڏاڍي مغرور. هوءَ ڪاليج ۾ ٻين سيني کان منفرد ڪپڙا پائيندي هئي ، روزانو سينڊل واچ ۽ پرس تہ مٽائيندي هئي پر هوءَ جيڪا ڊريس پائيندي هئي ان جو وارو بہ ڇهن مهينن کان پوءِ مس ايندو هو. ٻيون سندس ڪُليگ ڪٽي ساڙ ۾ ڪجھ بہ چون پر شاگردياڻيون بہ هن جي انداز تي تبصرا ڪنديون هيون.

هوءَ شادي شده هئي هنجو مڙس راشد گهٽ پڙهيل ۽ سادي زندگي گذاريندڙ سندس مائٽ هو. ننڍپڻ جي طئي ٿيل شادي مان هوءَ بلڪل ئي خوش نہ هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪري هوءَ راشد کي هر معاملي ۾ نظرانداز ڪندي هئي. جڏهن بہ شاپنگ ڪرڻ ويندي هئي تہ مڙس کي ساڻ نہ وٺي ويندي هئي.

پيو تہ ٺهيو پرجڏهن امتحان جي ڊيوٽيءَ جي سلسلي ۾ شهر کان ٻاهر ويندي هئي تہ بہ مڙس کي ٻڌائڻ بجاءِ نوڪر کي چٺي ڇڏيندي هئي تہ هو راشد کي اطلاع ڪري ڇڏي. راشد حيثيت ۾ گهٽ هجڻ ڪري چپڙي ڪري سڀ ڪجهہ سَهندو رهندو هو. ڀلا جنهن جي حيثيت هن آڏو زيرو هجي اهو ڪري بہ ڇا سگهندو.

راشد جا دوست جيڪي هن سان اڪثر پنڌ گهمندا هئا انهن سان راشد کي ڏسي ايتري تہ لاپرواهيءَ سان ڪار ڊرائيو ڪندي انهن جي ڀرسان گذري ويندي هئي ڄڻ هن جو راشد سان ڪو رشتو ئي نہ هجي. راشد جا دوست هن کي توڪيندا هئا تہ يار ڀاڄائي ءَ توکي ڏنو بہ، پر گاڏي جهلي تو کي لفٽ بہ نہ ڪرايائين. پر راشد سدائين ڳالهہ ٽارائي ويندو هو.

بوائز ڪاليج جي پرنسپال سان ملڻ وئي تہ پرنسپال گيٽ تي رسيو (Receive) ڪرڻ آيس. سڀ ڳالهيو ن ڏسي راشد اکيون هيٺ ڪري گهمڻ جو عادي ٿي ويو هو. هڪ ڏينهن گهر ۾ داخل ٿيو تہ بنگلي جي لان ۾ هڪ اجنبي شخص سان شازيہ کي چانهہ پيئندي ڏٺائين. شازيہ کي گلابي ساڙهي پاتل هئي. جنهن مان هن جي پيٽ ۽ پٺيءَ جو چڱو حصو ظاهر ٿي رهيو هو. هوءَ ان شخص سان ٽهڪ ڏئي گفتگو ڪري رهي هئي. پل لاءِ راشد بيهجي ويو تہ زندگيءَ جي ايترن سالن ۾ شازيہ ڪڏهن بہ مون سان ائين ٽهڪ ڏئي ناهي کِلي ۽ نہ ئي گڏجي ڪڏهن چانهہ پيتي اٿائين. هو گيٽ ڏئي نڙي آلي ڪري اڳتي وڌي آيو تہ شازيہ ان اجنبي شخص جو راشد سان تعارف ڪرايو.

راشد هي مسٽر زمرد خان آهي ڪجهہ سال اڳي اسان جي ڪاليج ۾ اسپيشل سبجيڪٽ پڙهائڻ ايندو هو پر ليڪچراري ڇڏي پوليس ۾ صوبيدار ٿيو آهي. ڏاڍي خوشي ٿي اوهان سان ملي، راشد مُک تي ماسڪ چاڙهي مُرڪي زمرد خان سان هٿ ملايو ۽ پوءِ شازيہ کي چيائين تہ مان اهو ٻڌائڻ پئي چاهيو تہ هڪ دوست جي شادي ۽ تي ويٺو آهي. نوڪرياڻيءَ کي منع ڪجو تہ منهنجي رات جي ماني نہ ڪري.

شازيہ راشد ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ ئي چيو ٺيڪ آ ۽ وري زمرد خان سان ڳالهائڻ ۾ شروع ٿي وئي، راشد پنهنجي بيهڻ کي فضول سمجهي اتان هليو ويو.

منهنجي خيال ۾ مان توهان جي مڙس سان اڳ۾ ڪٿي مليو آهيان. زمرد خان ياد ڪندي چيو.

مليو هوندوَ، وتندو آ سڄو وقت روڊ ڳڇيندو،شازيہ مڙس کي اهميت نہ ڏيڻ واري انداز سان چيو.

۽ پوءِ هفتو مس گذريو شازيہ ۽ راشد ۾ اٽبٽت شروع ٿي وئي. راشد شازيہ جو موبائيل تي رات جو دير دير تائين جي ڪچهرين مان ڳڪ ٿيندي پئي ڪمري ۾ سمهندو هو.

راشد هن کي مڙس هجڻ جو جيئن جيئن احساس تي ڏياريو شازيہ تيئن تيئن ڪائنس تيز ٿيندي پئي وئي. نيٺ معاملو طلاق تائين وڃي پهتو ۽ ٻنهي ۾ طلاق ٿي وئي .شازيہ طلاق وٺي صوبيدار زمرد خان سان رابطو ڪيو. هن بہ دير نہ ڪئي مولوي ۽ ڪجهہ دوست گهرائي نڪاح وجهرائي ڇڏيو.

هونئن بہ صوبيدار شادين جا شوقين ٿيندا آهن ۽ ڪجهہ عورتون بہ هنن وٽ حرام جو گهڻو مال ڏسي يوڪرجي ويندیون آهن

۽ اڳ پُٽ کان اڻ ڄاڻ تي سٽيي گرهہ کي وات ۾ وجهنديون آهن جيڪو اڳتي هلي اڪثر نڙيءَ ۾ اٽيو تي اٽڪندو اٿن.

خير هفتو بہ تہ زمرد خان شازيہ کي ٽائيم ڏنو پر پوءِ ڪيترن ئي مهينن کان هو گهر کان وڌيڪ ڊيوٽيءَ کي ٽائيم ڏيڻ لڳو. صرف هفتي ۾ هڪ رات بنگلي تي ايندو هو ۽ ٽڪجي سمهي پوندو هو. نہ تہ ٽاٽو ۽ ڪوارٽر . شازيہ پنهنجي غرور سبب پنهنجي اڳلي مڙس راشد کي پنهنجي ويجهو اچڻ نہ ڏيندي هئي ڇو جو هن مان ڪيس غريبيءَ جي ڌپ ايندي هئي پر هتي زمرد خان مان جيڪا ڌپ محسوس ڪيائين ان کي هوءَ ڪو نالو بہ نہ پئي ڏئي سگهي. عياش ، راشي، ظالم ، بي حس ۽ شراب جي بدبوءِ هن جي ناسن کي ساڙڻ لڳي پر پنهنجي وڏيءَ جو نہ ويج نہ طبيب.

هوءَ سوچڻ لڳي تہ ڇا هن جي نئين زندگي صرف هڪ يا ٻہ هفتن لاءِ هئي ، جڻ ڪنهن سئنيما تي نئين فلم وڏي پبلسٽيءَ سان لڳي ۽ هفتي ۾ فلاپ ٿي وئي.

شازيہ کي راشد ياد اچڻ لڳو. جنهن کي هن ڪيترائي سال اُڃيو رکيو هو درياهہ مٿان بيٺل مالڪ رڳو دعويٰ ڪري ٿي سگهيو تہ هي درياهہ منهنجو آهي پر پاڻ ڍُڪ نہ ٿي پي سگهيو.

هو مسڪين پرمر جي ٻاروڙي ٻائي لوڪ ۾ لڄ بچائيندو رهيو پر ٻڙڪ بہ نہ ٻوليائين.

هينئر معاملو الٽو ٿي ويو هو. صاحب ڪوارٽر تي رهڻ لڳو هو بيگم صاحبہ بنگلي ۾ اڪيلي .

هفتي جي آخري رات معمول مطابق صاحب پهتو تہ شازيہ تڙي پئي.

هن جي ذهن ۾ بيدل مسُرور جو ڳايل ڪلام گونجڻ لڳو هڪڙي ٻاڪر سان وسريل واعدن جا سارا ٽڪ لهي ويا.

پر جيئن ئي زمرد خان رات جا ڪپڙا پائي بيڊ تي پھتو تہ ڪيس ننڊ وٺي وئي.

شازيہ گھٽائي ناٽ نخرا ۽ حيلا هلايا تہ ڪنهن طرح سان صاحب جا خمار لهن پر شراب جو نشو ۽ ليڙو جسم ڪٽي تو صاحب کي سُرت بخشي. صبح جو صاحب تيار ٿي آفيس وڃڻ کان اڳ نيرن ڪري رهيو هو تہ هن جي موبائيل جي گھنٽي وڳي. هن مختصر ڳالهايو ۽ صرف جي ، جي ، جي ڪندو رهيو ۽ پوءِ اڄ حاضر ٿيان ٿو چئي فون بند ڪئي.شازيہ پڇيس تہ ڪنهن جي فون هئي ؟ان تي ڪروڌي لهجي ۾ پنهنجي آفيسر کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي چيائين، ڇا ڪجي بيگم نوڪري آ تو ڪري صاحب جو حڪم آهي تہ اڄ 10 بجي سکر ميٽنگ ۾ پهچڻو آهي هاڻي تي ڏينهن تہ هنن جون ميٽنگس هلنديون. ڇُٽاسين...........

جائي ها توهان جي انهن گڏجاڻين تي ڳالهہ ياد آئي، توهان جيڪو ڪجهہ ڪيو ٿا ، مثلن ڌاڙيلن ، ڌوهارين يا ٽارگيٽ ڪلرز جي خلاف آپريشن ، تہ اهو سڀ ڪجهہ اڳ ۾ ئي اخبارن ۽ ٽيليويزن تي ٻڌايو ڇڏين . شازيہ سنجيده ٿيندي چيس .

پو........ زمرد خان پنهنجي مخصوص انداز سان رکو ڳالهايو.

پوءِ ڇا ؟ ان سان تہ توهان جڻ پاڻ انهن کي اطلاع ڏاڪيو تہ اسان فلاڻي فلاڻي تاريخ تي آپريشن ڪنداسون ۽ توهان رفو چڪر ٿي وڃون . ڪهڙو فائدو توهان جي ميٽنگس ۽ اجايو خرچ ڪرڻ مان. شازيہ جي جملن تي هو "ٺهڪ" ڏئي اُٿيو تون ان ڳالهہ کي ڪو نہ سمجهندين ۽ چئي واش روم ۾ هليو ويو.

شازيہ جو خيال موبائيل تي آيل رنگ ڏانهن ويو جيڪا ٿوري دير اڳ وڳي هئي ، هن مڙس جي موبائيل کڻي، اهو سندس صاحب

وارو نمبر پنهنجي موبائيل ۾ لکي ورتو ٿوري جهڙ ۾ زمرد خان ٻاهر آيو ۽ موڪلائي موبائيل کڻي سرڪاري گاڏيءَ ۾ روانو ٿي ويو.

شازيہ سوچيو تہ ڇو نہ هن جي صاحب کي فون ڪري چوي تہ ميٽنگس ڪري عوام کي بيوقوف ڪرڻ واريون ڳالهيون ڇڏي سنجيدگيءَ سان امن امان ڇو نہ ٿا ڪرايو. هن نمبر ملايو تہ ٻئي طرف گهنٽي وڳي ۽ پوءِ هلو جو آواز آيو.

شازيہ ڌيمي لهجي سان پڇيو تہ ڇا هي SPصاحب جو نمبر آهي؟ ٻئي پاسي کان هڪ ڳرو آواز آيو. ڪهڙو SP؟ اسان پاڻ SP لڳا پيا آهيون.

شازيہ فون بند ڪري سوچڻ لڳي...... ۽ پوءِ ڪنهن نتيجي تي نہ پهچڻ ڪري، تيار ٿي ڪاليج هلي وئي.

واپسيءَ ۾ ڪار ڊرائيونگ ڪندي رستي ۾ سياسي جلوس اچڻ ڪري شازيہ روڊ تبديل ڪري گهٽيءَ مان آهستي آهستي گذري رهي هئي تہ اوچتو هن جي نظر پنهنجي مڙس زمرد خان تي پئي جيڪو هڪ شاپر هٿ ۾ کنيو پنڌ وڃي رهيو هو.

هان !......... هن تہ چيو پئي تہ سکر ۾ميٽنگ آهي اوڏانهن ويٺو آ ۽ هِي هتي !؟ شازيہ حيرانگيءَ ۽ تجسس ۾ ڪار سائيڊ ڪري بيهاري ۽ پاڻ آهستي آهستي هن جي پويان هلڻ لڳي سنهين گهٽين مان گذرندي زمرد خان هڪ ڏاڪڻ چڙهيو . شازيہ آهستي آهستي پاڻ لڪائيندي هن جي ڪِيڏ هلندي رهي ٽين فلور تي هڪ فليٽ ۾ زمرد خان اندر هليو ويو. هوءَ ڪجھ دير سوچيندي رهي تہ هي ڪنهن جو فليٽ آهي ، هتي ڪير ٿو رهي؟ ۽ سندس مڙس هتي ڇو آيو آ.

ان سوچ ۾ هوءَ پيرُ پيرَ ۾ ڏيندي آهستگيءَ سان دروازو بنان

ڪنهن آواز ڪرڻ جي ڪولي اندر گهڙي وئي. فليٽ ۾ خاموشي هئي. هوءَ ساهہ منجهائيندڙ هڪ ڪمري ڏانهن وڌي جنهن مان زمرد خان جو آواز اچي رهيو هو.

هوءَ ڪجهہ دير ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجن حواسن کي ڪولي پوري توجهہ سان. پنهنجي زندگيءَ جي ساٿيءَ جي چونڊ ڪرڻ واري عمل تي، سوچي شڪ جي ڄيت دماغ مٿان ڇهليو بيٺي هئي تہ ڪٿي ڪنهن عورت جي چڪر ۾ تہ هتي ناهي آيو؟ جڏهن اندر خاموشي ٿي، تڏهن ليئو پائي هن اندر نهارڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن جي حيرت جي حد ئي نہ رهي، جڏهن هن ڏٺو تہ زمرد خان جي پاڪر ۾ هڪ 'ڪدڙو' هو!!!.

❊❊

# پلا ڙي پاڳ



مان جيئن ئي رضيہ جي گهر داخل ٿيس تہ سائين ڇمڪڻو شاهہ رضيہ کي ڦيٽا هڻي مڇن کي تاءُ ڏئي رهيو هو ۽ رضيہ جو گگدام مڙس ڪنڊ ۾ رلهي پايون الڳ بيڊ تي دنيا جهان کان بي خبر الوٽ ننڊ ۾ کونگهرا هڻي رهيو هو.

مون کي ڪمري ۾ اوچتو داخل ٿيندي ڏسي سائينءَ ڇمڪڻي شاهہ اکيون ابتيون ڪيون ، ڇو تہ هن لاءِ مان ڪباب ۾ هڏي بڻيو هئس ۽ ٻيو وري اڻ ڏٺل ڀوت ڏسي پرسان واري ڪمري ۾ هليو ويو ، جيڪو اوطاق طور بہ استعمال ٿيندو هو.

گهر ۾ ان وقت ٻيو ڪو بہ ڪو نہ هو، ان ڪري مان رضيہ جي

ڪمري ۾ آيو هوس، جتي هوءَ سائينءَ کان جهاڙ رڪرائي رهي هئي. سائينءَ جي ڪاوڙ ۾ مليل مِڻ مِڻ مان الائي ڇو مون کي لڳو تہ ڇڻ ڪو سگنل هجي جيڪو هن رضيہ لاءِ هوا ۾ ڇڏيو هو اُهو ان ڪري بہ محسوس ٿيو تہ ڪجهہ مهينن کان رضيہ ۽ سائين، ڇمڪٽي شاهہ بابت عجيب و غريب افواهہ ٻڌندو رهيو هوس، پر اسان جي ڳوٺ وارا سائينءَ ڇمڪٽي شاهہ خلاف هڪ لفظ بہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هئا. ان ڪري ايتري عرصي ۾ سائينءَ جا ڦيٿا پنهنجا ڦوڪٽ جاري رکندا رهيا ۽ اڄ جڏهن ڪافي سالن کان پوءِ رضيہ جي گهر ۾ اوچتو داخل ٿيس تہ سائينءَ ڇمڪٽي شاهہ کي اکين سان ڏسڻ جي سعادت نصيب ٿي.

رضيہ جو پيءُ بابا جو مائٽ هو، ان ڪري اسان مڙئي ڇئي ڇهہ ماهيءَ هڪ ٻئي ڏي ايندا ويندا هئاسين. اڄ بہ جڏهن ڪاليجي ٽيم سان گڏ شهر اچڻ لاءِ تيار ٿي رهيو هوس تہ امڙ زور ڀريو هو تہ ان ڪاليجي ٽوٽن سان نہ رهجانءِ. شهر ۾ رضيہ وارن جي گهر وڃي رهجانءِ، اهي بہ ٻيا ڪونهن پنهنجا آهن، پنهنجن سان اٽڻ ويهڻ گهرجي جو سڪ وڌندي آهي.

پر امان رضيہ جو گهر اسٽيڊيم کان گهڻو پري آهي، ٻيو تہ سپاٽي راندين شروع آهن، مان ڪجهہ پريڪٽس بہ ڪندم. مون ڪيس سمجهائيندي چيو هو پر امان نہ مڙي هئي ۽ مٿن مائٽن سان توڙ نڀائڻ لاءِ وري وري تاڪيد ڪندي رهي ۽ دعا بہ ڪندي رهي تہ هميشہ جيان تو ڀهريون نمبر ايندين، پوءِ مان بہ دل ٻڌي هتي آيو هوس ۽ اها هُر ڪُر بہ لاهڻ لاءِ وجهہ مليو تہ ڪجهہ رضيہ جي ويجهو وڃي جاچ ڪجي تہ سائين ڇمڪٽي شاهہ وارو قصو ڪيئن آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قصو جيڪو ڇهن مهينن کان مهنجي ذهن ۾ لامارا هڻي رهيو هو، سو هئين هو تہ رضيہ جي شاديءَ کي پنج سال ٿي ويا هئا ، پر کيس کو اولاد ڪو ٿيو هو . اسان جي معاشري ۾ ڏهن مهينن اندر جيڪڏهن ڪنوار کي ٻلونگڙو نہ ڄائو تہ گهوٽ يا ڪنوار ۾ ڪمي ليکي ويندي آهي ، هت تہ پنج سال ٿي ويا هئا پر ڪابہ چر پُر نہ ٿي هئي، جيترا وات اوتريون ڳالهيون . پر اڪثريت رضيہ کي ڏوهي پئي قرار ڏنو. جو هن جي مڙس سان صفا نہ لڳندي هئي ، هن جي نظر ۾ سندس مڙس اهو مڙس ماڻهو نہ هو . جيڪو فلمن ۾ اميتاب بچن هوندو آهي ، هي ويچارو سادو، نہ ڪنهن جي ٻن ۾ نہ ٽن ۾. سدائين سندس قميص جا بٽڻ ڇڳل يا پاچا ڦاٽل ، ڳالهائيندو تہ ڳالهہ ڳالهہ تي دل کولي کلندو. دل جو صاف پر رضيہ جي نظر ۾ ڇچرو، پنجن سالن ۾ هو ٻئي هڪ ٻئي تي نہ سگهيا، نہ ئي رضيہ کيس سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي پر لوڪ کي ڏيکارڻ لاءِ هڪ الٽو ڊرامو ڪيو ۽ انڊن جي ڪوهہ تي سائين ڇمڪٽي شاهہ وٽ باس باسي تہ پٽ ڄمي تہ ديڳ لاهيندس.

مائٽن جو ٻڌو تہ سڀ حيران ٿي ويا ، هرڪو سندس سچائيءَ جي واکاڻ پيو ڪري ۽ سندس مڙس کي ويتر واتڙو سمجهي رضيہ کي همدرديءَ واري نگاهہ سان ڏسڻ شروع ڪيائون . ڇون ويچاري اولاد لاءِ سڪي ٿي پر سندس مڙس ............ آهي ئي نِڪمو.

پوءِ باخبر ذريعن کان معلوم ٿيو تہ معاملو ئي الٽو آهي ۽ انڊن جي ڪوهہ تي باس هر سومر تي عشق جو روپ ورتو آهي. برابر ڇهہ سومر سائينءَ ڇمڪٽي شاهہ سان عشق هلندو رهيو. ڳالهيون وڌيون بهانا ٿيا ۽ ستون سومر پيندنگ ۾ رکي سائين ڇمڪٽو شاهہ رضيہ

جي گھر پھتو ۽ پوءِ آھستي آھستي ھو ھنن جي گھر جو ياتي ٿي ويو رضيہ جو رٽائر پيءُ سندس پڪو مريد ٿي پيو. عمر جون حدون عقل کي اورانگھي مرشد جي بيائيءَ کي عقيدي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. سٽيپي مچي ولايتي واپاري مريد چوي سائين مھربان آ. ست منزلون لتاڙي اچي ٿو رات رھي ، سندس خدمت دل تي تيڻ گھرجي. مرشد چوي سچو انڌن جو کوھہ اوندھہ آ. روشني آھي تہ رضيہ جي اکين ۾، جيڪي جوش سان جوت جلايو بيٺل آھن. سندس فولادي ارھہ ھالار کان بہ ارڏو ، جنھن کي سر ڪرڻ لاءِ سائين چمڪٽو شاھہ جتن ڪري رھيو ھو ۽ خبر پئي ھئي تہ سائين چمڪٽو شاھہ ھالار جي چوٽي سَرِ ڪري، ڪي ٿوءَ ڏانھن وڌي رھيو ھو. اھو سڀ ڪجھہ معلوم ڪرڻ لاءِ مان پنھنجي ٽيم کي ڇڏي رضيہ جي گھر رھيو ھوس ، رات جي ماني کائي ڏنل ڪمري ۾ وڃي سمھيس پر ننڊ نہ پئي آئي. اڻ تڻ وڌندي وئي. گھر ۾ چاچو ڪونھي. چمڪٽو شاھہ ڪمري ۾ چو ويٺو ھو. مون کان اڳ ۾ الائي ڇا ٿيو، رضيہ جو مڙس ڇو سمھيو پيو ھو، اھو اٿيو ڇو نہ .ان کي اٿاري مون کي ٻڌائڻ گھرجي. مان وڃي کيس ٻڌايان .... نہ نہ ......منھنجو ڪھڙو ڪم . مان تہ سياٽي اسٽيڊيم ۾ "ھيمر ٿرو" ڪندس. مان سدائين فرسٽ ايندو آھيان. اڳلي مقابلي ۾ منھنجو ھيمر 136 فوٽن تي ڪريو ھو، ھاٽي گھٽ ۾ گھٽ 140 فوٽ ھجڻ گھرجي. جيڪڏھن ھاٽي فرسٽ آيس تہ پوءِ مان سنڌ ليول تي کيڏندس ۽ پوءِ پاڪستان ليول تي .......

مون کي رضيہ جي باري ۾ ڪجھہ سوچڻ نہ گھرجي ، اھا ٻي ڳالھہ آھي تہ رضيہ مون کي وڻندي آھي .........

ڪافي دير تائين من ۾ ھورا ڪورا ھئي ،ننڊ بہ نہ پئي آئي ، نيٺ

هنڌ .مان اٿي ٻاهر آيس ۽ رضيہ جي ڪمري جي دريءَ کان جهاتي پاتم ، ٻئي زال مڙس ڏار ڏار بيڊن تي سَوڙ ۾ سُتا پيا هئا . مان اڳتي وڌي سائين چمڪٽي شاهہ جي ڪمري ۾ ويس ، جتي زيرو جو بلب ٻري رهيو هو ۽ سائين سَوڙ مان دوڏا ڦاڙي مون کي غور سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو . مون کي ڏسي ٽپو ڏئي اٿيو ، مون کيس پنهنجو تعارف ڪرايو، هن بہ پنهنجا ۽ پنهنجي وڏن جا وڏا ڪارناما ٻڌايا. پنهنجا معجزا بيان ڪيا ، پر مان کيس سندس معجزن کي مذاق ۾ اڏائي کيس ڏاڍو خوار ڪيو پوءِ تہ ڳالهہ ڳالهہ تي چڙي وڃي . منهنجي بہ اهائي ڪوشش هئي تہ هن کي هتان ڀڄايان تہ جيئن وري هي در نہ ڏسي . آخر چمڪٽو شاهہ ٻاهہ تي ويو ۽ مون کي گاريون ڏيندي هنڌ مان اٿي ڪڙو ٿيو ، مون بہ سندس بوچڻ ڪٽي ڏيندي چيو ، سائين هي وساريون پيان وڃون ، مهرباني .

اهڙي طرح سائين چمڪٽو شاهہ اوطاق ڇڏي خبر ناهي ڪاڏي هليو ويو ۽ مان شڪر جو ڪلمو پڙهي زيرو جو بلب وسائي سائينءَ چمڪٽي شاهہ جي بستري ۾ سمهي پيس ۽ هڪ ئي وقت رضيہ ، سائينءَ چمڪٽي شاهہ ۽ پنهنجي راندين جي بابت سوچڻ لڳس .

مون کي هتي سمهڻ نہ گهرجي ، مون کي پنهنجي ڪمري ۾ وڃڻ گهرجي ، پر مون کي هتي سمهڻ گهرجي، سائين چمڪٽو شاهہ هتي ڇو سمهندو آهي، مون کي پنهنجي راندم وري فرسٽ اچڻ گهرجي . منهنجو گولو 140 فوٽن تي ڪرڻ گهرجي . مان اٿان ٿو . مون کي پنهنجي ڪمري ۾ آرام سان ننڊ ڪرڻ گهرجي تہ جيئن صبح سان رليڪس هجان .... اهو سوچي سوچي اٿيس پئي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمري ۾ ڪنهن جي قدمن جو آواز آيو. مون منهن تان سوڙ هٽائي ڪجهہ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪجهہ بہ نظر نہ آيو پوءِ محسوس ٿيو تہ رضيہ جو وجود منهنجي سوڙ مٿي ڪري مون سان هڪ ٿي ويو آهي.

پنجن سالن ۾ مڙس سان هڪ نہ ٿيڻ واري رضيہ سائينءَ چمڪٽي شاهہ جي وجود ۾ پيهي وئي. مون ڪيس ٻڌائڻ ٿي چاهيو تہ مان سائين چمڪٽو شاهہ ناهيان، جو تو کي ريجهايان، مان تنهنجو اهو پراڻو عاشق آهيان، جنهن کي تون گاهہ بہ نہ وجهندي هئينءَ پر تيز تڏ ڪري منهنجا لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا ۽ مان برف ٿي ويس.

جڏهن صبح جو اسٽيڊيم ۾ "هيمر ٿرو" ڦيرائي ڦيرائي اڇلايم تہ منهنجون ڄنگهان نڪري ويون ۽ گولو هڪ سئو ڏهن فوٽن تي وڃي ڪريو.

❊❊

ماهوار "هزار داستان" ڊائجسٽ
حيدرآباد
جولاءِ 1994ع ۾ ڇپيل

# تنهنجي خوشيءَ خاطر



بيهي رهہ ڙي ڇٽ جا پٽ ، ڏسين نہ ٿو، اسين ڇا جي لاءِ بيٺا آهيون.

ادا قاسم سامهون ٻن وکن تي تہ منهنجو گهر آهي ، مون کي وڃڻ ڏي اصل ٻري ڳاتو ٿي ٻيجي. بڪواس نہ ڪر، حويليءَ مان پاڪ وڃن، پوءِ جاڏي وڻئي وڃجانءِ.

سائين ميول شاهہ جي خاص نوڪر قاسوءَ جي هيانءَ ڦاڙ رڙين تي عيدن ، مٿي تي گاهہ جي ڀري جهليو، ٻت جي سهاري پٺي ڏئي بيهي رهيو. ان کان اڳ گهٽيءَ مان لنگهندڙ ٽانگا ، سائيڪلون ۽ پنڌ وارا ماڻهو بہ ، جيڪو جاتي سو تاتي، بيٺو رهيو. ٿوري دير کان پوءِ سائين ميول شاهہ جا پاڪ ، ٻانهين جي جهليل چادرن جي اوٽ ۾

جيپ اندر داخل ٿيا ۽ جيپ جي پوئين سيٽ تي لڳل چادرن ۾ گم ٿي ويا. پوءِ ڊرائيور کي سڏ ٿيو اڳين سيٽ تي سائين ميول شاھہ ويٺل ھو. پر خاموش خاموش ، سندس چھري تي اھو رعب ۽ دٻدٻو ڪو نہ ھو جيڪو اڳي ھوندو ھوس.

اڄ سائين ميول شاھہ ڪنھن هارايل جواريءَ جيان لڳي رھيو ھو، جيپ ڊوڙ اڏائيندي شھر ڏانھن رواني ٿي ، پوءِ رستا ڪليا ۽ عيدن گاھہ جي ڀري مينھن جي واڙي ۾ سٽي، آڳر ۾ پيپل ڪٽ تي ڦانءِ ٿي ڪري پيو.

عيدن جي زال سياڳي ڪيس ڪيرو ڏسي ڀڄندي آئي ۽ تڪڙ ۾ پاڻيءَ جو وٽو ڀري عيدن جي مُنھن تي ڇنڊا ھنيا ۽ ڪجھہ پياريو بہ تڏھن عيدن ڪجھہ سامت ۾ آيو. ڇا ٿيو دشمنن کي؟ سياڳيءَ ٿڌو ساھہ ڀري چيو. عيدن بہ ھڪ وڏو ساھہ کنيو پوءِ سھڪندي چوڻ لڳو ڇا ٿئي خبر نہ اٿئي، حويليءَ وارا جڏھن بہ ڪاڏي ويندا آھن تہ رستا بند ڪندا آھن سو........ ڀريءَ سوڙو بيھاري ڇڏيائون. پوءِ اڃلين ھا نياڳيءَ کي، ڪھڙو زور ھو يڪو جھلڻ جو. سياڳيءَ وِنجڻو کڻي ڪيس جھلڪو ھڻندي چيو. اڃليان ھا تہ وري ڪٽائي ڪير ھا. اھڙي ڪا ماڻھن ۾ ھمدردي رھي آ؟!

ٻاھران سندس پٽ جعفر آيو ۽ ھڪ نظر پيءُ تي وجھي اندر ھليو ويو. ھن کي خبر ھئي تہ ٿوري دير اڳ ڇا ٿيو ھو. ھو ڪوٺيءَ ۾ رکيل کٽ تي، مٿي ھيٺان مُٺيون ڀڪوڙي سمھي پيو.

ھر طرف سانت لڳي پئي ھئي پر جعفر جي اندر ۾ ھُر ڪُر ھئي، ھن جي اندر ۾ ولوڙ ھئا ،

ڇت ۾ اکيون وجھي ماضيءَ جا منظر ڳولڻ لڳو ھن کي اھو زمانو ياد پيو، جڏھن ھُو ماءُ سان گڏ حويليءَ ۾ ويندو ھو ۽ سائين ميول

شاهہ جي ڏيءَصائمہ سان راند ڪيڏندو هو. جعفر جي ماءُ حويليءَ ۾ ٿانوَ ۽ ڪپڙا ڌوئندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سائين ميول شاهہ ڪي زور بہ ڏيندي هئي ۽ بيبي وڏي سڄو ڏينهن هار سينگار ڪري پلنگ تي پئي هوندي هئي.

جعفر چت جي پترن ۾ ماضيءَ جا عڪس ڳولڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هو. هن جي ذهن تان ٻيا عڪس ميسارجي ويا هئا. بيبي صائمہ ڪي در جي ٻيڪڙ وٽ لِڪي لِڪي ڏنل هٿ تي چُمي چتي طرح ياد هئي. جيڪا بيبي وڏيءَ دروازي جي چير مان ڏسي ورتي هئي۽ ڏاڍي مار ڏني هئائينس. اهو ڏينهن جعفر ۽ سندس ماءُ جو حويليءَ وجڻ جو آخري هو. پوءِ ڪيترا سال گذري ويا. جعفر شهر پڙهڻ هليو ويو. هو جڏهن بہ ڳوٺ ايندو هو تہ بيبي صائمہ هن کي ڏاڍو ياد ايندي هئي. هو سوچيندوهو تہ ڪو منهنجو پيغام حويليءَ ۾ پهچائي يا فون هجي تہ مان صائمہ ڪي ٻڌايان تہ مان اڄ بہ اهوئي جعفر آهيان جيڪو ڪلاڪن جا ڪلاڪ تو سان ڪيڏندو هو. تنهنجي هڪ هڪ شئي کي پنهنجي جان کا ن وڌيڪ پائيندو هو. حالانڪ مونکي ان وقت ڪوبہ شعور ڪو نہ هئو پوءِ بہ تو کان سواءِ رهي نہ سگهندو هوس. ڪهڙي چڪ هئي توهہ مون کي ڪا خبر ڪانهي. ڪاش.....ڪاش...تو سان مان اڄ ڳالهائي سگهان ها.

پوءِ هڪ ڏينهن جيئن ئي جعفر آخري سال جو امتحان ڏئي ڳوٺ آيو تہ ڪيس خبر پئي تہ سائين ميول شاهہ. بيبي صائمہ جو حق بخشرائي ڇڏيو آهي. جعفر جي اندر ۾ چڪ پوڻ لڳا. اندر ۾ ولوڙن هن کي سک سان رهڻ نہ ڏنو هن کي ڪا بہ واه نظر نہ آئي تہ ڪيئن سائين ميو ل شاهہ سان مهاڏو اٽڪائي. هڪ غريب هاريءَ جو پٽ پلا ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو. ۽ جي صائمہ لاءِ وڙهي بہ تہ ڪهڙي بنياد تي

هن جو بيبي صائمہ سان ڪهڙو رشتو هو؟ هن جي پنهنجي ڪهڙي حيثيت هئي. پوءِ جعفر من اندر هڪ فيصلو ڪري پيءُ کي چيو تہ مان هاڻي شهر ڪو نہ ويندس. اوهان سان گڏ ٻنيءَ تي ڪم ڪار پيو ڪندس. پر پٽس مڃي ئي نہ. چوي هيڏا خرچ خفا ڪري تو کي پڙهايم ان ڏينهن لاءِ تہ ساڳيو هارپو ڪرين. پر جعفر شهر وڃڻ کان صفا انڪار ڪري ٻيئو ۽ ڳوٺ ۾ ئي رهي پيو. پوءِ ٿورن ڏينهن اندر هن پنهنجي مقصد ۾ هٿ وڌو ۽ حويليءَ ۾ ڪم ڪندڙ ماسيءَ فتل کي هيٺاهيون مٿاهيون ڳالهيون ٻڌائي اهڙو تہ پنهنجو ڪري ورتو جو ماسي فتل جهڙي جعفر جي سڳي ماسي. پوءِ تہ جلد ئي جعفر تائين بيبي صائمہ جا نياپا سنيها پهچائڻ لڳي. جعفر ماسي فتل کي گهٽ نہ گهريو پئسي ڏوڪڙ سان سوڪڙيون پاڪڙيون بہ جام تي ڏنائينس. پلا ڪهڙي ڪتيءَ ڪنيو فتل کي جو ههڙا مزا ڇڏي. اصل ڪنهن کي ڪڙڪ پوڻ بہ نہ ڏنائين، وڏو سائين پنهنجن ڏاندن جي گوءِ ۾ پورو، بيبي وڏي سڄو ڏينهن پئي هئي پلنگ تي.

ماسي فتل کي نہ ڪنهن جو ڀئو نہ پولو نہ وري ڪنهن جو ڪو شڪ پلا پراڻي خدمتگار تي ڪنهنجو وڃي بہ تہ ڇو؟

هوڏانهن صائمہ تائين پهچندڙ جعفر جي خطن هن کي نئين زندگي ڏئي ڇڏي.

اڏمان ڪر ڪٽي جسم جي سَنڌ سَنڌ مان پنهنجي جوڀن سان اُڀري پيا. ڪوماڻل چهري ۾ چاشني پرجي آئي، اجهاڻل نيڻن ۾ جوت جرڪڻ لڳي، نبل ۽ سست قدمن ٻڌل جيان هلڻ شروع ڪيو. ڇاتي ڇلڪي، چوٽي جهومي، وڇ وراڪا ڏنا، ڪڪرن ۾ گجگوڙ ٿيو سينڌ ۾ سندور جرڪڻ لڳو. ريءَ سهاڳ صائمہ بيبي سهاڳڻ ٿي پئي، جيڏانهن اک کڻي، هر منظر حسين.

ڪالهہ تائين جنهن حويليءَ مان بدروحن جا آواز پئي آيا ، اڄ ان مان ڪوئل جون ڪوڪون ٻڌڻ ۾ آيون راڻي جي رهاڻ جا سرُ آلاپجڻ لڳا ، مستقبل جي انجام کان اڻواقف ، زندگي جي لطف ماڻڻ ۾ بيبي صائمہ گم ٿي وئي ، بيبي وڏي ، بيبي صائمہ ۾ اوچتي تبديلي ڏسي مام ڪي سمجهي ورتو . ڪالهوڪو ڪومايل چهرو گلاب جيان چو ٽڙي پيو هو ؟ آخر هن بہ حويليءَ ۾ عمرگهاري هئي ، سندس ڏيرياڻيون اڃا مٿا ڪري، پٿين ڪي ٽڪر هٽي هٽي ختم ٿي ويون هيون ، ۽ حق بخشرائڻ کان پوءِ بيبي صائمہ جي ذهن ۾ ڪوبہ خيال نہ اڀرڻ ڪيپي؟ هن اهو سوچي صائمہ کي پنهنجي ڪمري ۾ گهرائي ڪيس سمجهايو ، پر بيبي صائمہ سندس مٿان مڙهيل پابندي کي اڳ ۾ ئي ٽوڙي چڪي هئي ، تنهن وڏن جي پراڻن اصولن کي لت سان اڏائي ڇڏيو ، جعفر جي خطن، هن کي اهڙي زبان ڏني ڇڏي جو هن بجاءِ خاموش رهڻ جي پنهنجي وڪالت پاڻ ڪئي، اڄ صائمہ بيبيءَ جي زبان جا تالا ٽٽي پيا، غلاميءَ جا زنجير لاهي ڦٽا ڪيائين، ۽ چئي ڏنائين تہ، تو بابا سان شادي رچائي پنهنجي جواني ماڻي ۽ منهنجي اڏمن مٿان پنهنجا جاهلاڻا قانون مڙهي مون کي ستيءَ جو ويس ڍڪائي، هميشہ لاءِ گونگو ٻوڙو ۽ بي حس ڪري ڇڏيو. تون هن عمر ۾ بہ بابا سان ويٺي رهاڻيون رچاءِ ۽ مان ويهن سالن جي هوندي بہ پنهنجي ارمانن جا ويٺي خون ڪيان . تون ڇا ٿي سمجهين تہ حويليءَ اندر بابا جون نوڪرياڻين سان حرڪتون ۽ اڌ اڌ رات جو توهان جي سُس پُس کان مان بي خبر آهيان؟

تون ڇا ٿي سمجهين تہ منهنجي اکين ۽ ڪنن تي توهان جي طرفان لڳايل انڌ جي پٽيءَ مان ، مون کي ڪجهہ نظر نہ ٿو اچي . تون ڀُليل آهين امان. مان هاڻي اها بي زبان بيبي صائمہ ناهيان، جنهن

اوهان جي چوڻ تي ستيءَ جو ويس پهرڻ تي زهر بہ پيتو هيو هاڻي مون کي پنهنجو حق گهرجي. جي اوهين نہ ڏيندا تہ مان پنهنجو حق زوريءَ وٺنديس ۽ ها امان ! جي تون ماءُ بڻجي سوچين تہ مون کي بہ پنهنجو فرمانبردار لهندينءَ نہ تہ .........توهان کي پنهنجي فيصلي تي پڇتائڻو پوندو جو راڄ ڏسندا.

بيبي صائمہ ائين چئي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي ۽ بيبي وڏي ، سندس اهڙي گفتگو ٻڌي دنگ رهجي وئي . هن کي محسوس ٿيو تہ ڇوڪري هاڻي ڪنهن بہ طرح قابو ۾ اچڻ واري نہ آهي . هن سڀ ليڪا لتاڙي ڇڏيا هئا ، اهڙي حالت ۾ صرف هڪ ئي رستو آهي تہ تہ صائمہ جي شادي ڪرائي و ڇي . هن جو حق بخشرائي وڏي غلطي ڪئي سون.

جڏهن اها ڳالهہ بيبي وڏيءَ ، ميول شاهہ سان ڪئي تہ هو ٽپي باهہ تي ويو، پر بيبي جي ايلازن منٿن تي هو خاموش رهيو پوءِ آهستي آهستي بيبي وڏيءَ ميول شاهہ کي اهو احساس ڏيارڻ لڳي تہ سندس پيئرن سان ڪهڙو حشر ٿيو هو . هن جي وڏي پيڻ پوين ڏينهن ۾ جڏهن بيمار کٽ تي پئي هوندي هئي تہ ڪيس ڪو دوا پيارڻ وارو بہ ڪو نہ هو ڪيئن هڪ هڪ کي روئي روئي ايلاز ڪندي هئي ، انهن ڏينهن ۾ جيڪر ڪيس ڪو مڙس يا اولاد هجي ها تہ سندس پڇاڙي خراب نہ ٿئي ها . سياڻو ٿيءُ منهنجي منٿ مڃ ، ڇو تہ نياڻيءَ جا پاراتا ڪٺين ، رکيل شاهہ جي پٽ سان سندس شادي ڪرائي ڇڏ. پنهنجو ڇوڪرو آهي ، ٻيو تہ ڪونهي ، بيبيءَ وڏيءَ رئو لاهي ميول شاهہ جي پيرن تي رکيو.

پر ............ هاڻي مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي ، هن جو حق بخشرايو اٿم . ميول شاهہ پهريون ڀيرو ڪجهہ سوچي ڳالهايو.

حق بخشل آ تہ چا تي پيو . اسان جي نياڻي آ ۽ اسان جي مرضي، اجان بہ مهل اٿئي ان کان اڳ جو بيبي اسان جي عزت خاڪ ۾ ملائي ، ڪجھ ڪر . خدا جي واسطي ڪجھ ڪر . بيبي وڏي ليلائيندي چيو . ۽ پوءِ سائين ميول شاهہ ٿوري دير ۾ جيپ تيار ڪرائي ۽ زال کي ساڻ ڪري رکيل شاهہ وارن ڏي شهر روانو ٿو ويو.

جعفر جي سوچن جو سلسلو ٽٽي پيو. هو مسلسل ٻڏتر ۾ سوچن جي سمونڊ ۾ غوطا کائي رهيو هو. هن کي ڪيل محنت جو ڦل نہ مليو هو پر سندس محنت رائگان بہ نہ وئي هئي .اهڙي حالت ۾، چا بيبي صائمہ ڏانهن چوائي موڪلي تہ مون سان پڄي هل........ يا خاموش ٿي سندس شاديءَ ۾ شريڪ ٿئي! جعفر جو ذهن روشنيءَ جي رفتار جيان سفر ڪري رهيو هو.لکين ڪروڙين خاڪا سندس ذهن ۾ جڙيا ٿي ۽ سيڪنڊن ۾ ڍهندا ٿي ويا. پوءِ هن هڪ فيصلو ڪري ورتو " ضروري ناهي تہ ماڻهو سڀ ڪجھ پنهنجي لاءِ ئي ڪري، ٻين جي لاءِ جيئڻ ئي اصل زندگي آهي . بيبي صائمہ سان منهنجي شادي ناممڪن هئي ، ڪٿي هو ۽ ڪٿي مان! مون کي تہ اهو سوچڻ ئي نہ گهرجي. ڪنهن جي عزت کي لوٽڻ. مون کي نہ جڳائي پلا جي بيبي صائمہ جي شادي ڪنهن ٻئي سان ٿي وئي تہ اها تہ پاڻ منهنجي فتح آهي . هڪ حق بخشايل ڇوڪريءَ جي شادي! ڇا انهن جي انهيءَ غير اخلاقي رسم جي منهن تي چماٽ نہ آهي ؟ اهوئي تہ منهنجو اصل مشن هو . مان هينئر ئي وڃي ٿو ماسي فتل کان بيبي صائمہ ڏي مبارڪ چوائي موڪليان.

جعفر ڪوٺيءَ مان ٻاهر نڪري ويو. سندس پيءُ کٽ تي اٿيو ويٺو هو. جعفر پيءُ تي هڪ نظر وڌي پوءِ ڪلڻ لڳو تہ ماڻس سياڳيءَ رڌ ڪئي اڙي ڇورا . پٺين مس مس سامت ۾ آيو آ ۽ تون پيو ڏند

ڇيڪين . امان مان اڄ ڏاڍو خوش آهيان ، بابا توهان لاءِ هڪ خوشخبري آهي مان سياڻي شهر ويندس. جعفر عيدن جي پرسان ويهندي ڇيو. عيدن خوشيءَ مان ڇيو، ڇورا جائي تو ڇوين، يا منهنجا ڪن پيا لَنوَن. نہ بابا مان سچ پيو چوان مان اتي ڪا هلڪي سلڪي نوڪري هٿ ڪري اڃان وڌيڪ پڙهندس. منهنجو هتي رهڻ جو مقصد پورو ٿيو سائين ميول شاهہ شهر ويو آ ننڍي ٻيبي صائمہ جي شاديءَ جي سلسلي ۾، سياڳي جو ٻڌو تنهن جو وات ڦاٽي ويو ڇورا مٿو تہ جاءِ اٿئي ٻيبي صائمہ جو تہ حق بخشايل آ . نہ ڇئو ان نالي ڏوهہ ٿيندئي . مهنجي امان جيڪڏهن منهنجي ڏوهہ ڪرڻ سان ڪنهن جي زندگي ٺهي ٿي تہ مان اهڙا ڏوهہ پيا بہ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

ائين ڇئي جعفر ماسي فتل جي گهر ڏانهن ويڄ لڳو جتي ماسي فتل آخري خرچي وٺڻ جي اوسيئڙي ۾ هئي، هڪ نئين نياپي پهچائڻ لاءِ.

❊❊

پندرهن روزه "عبرت" مئگزين
جولاءِ 1992ع ۾ ڇپيل.

# ٻٽل جذبا



عليءَ پنهنجو چهرو آئيني ۾ ڏٺو، سندس چهري ۾ ڪجهه ڪڏا نظر آيا . هن هڪ نظر، وارن تي وڌي جيڪي ڪيس ڪجهه وڌيڪ اڇا نظر آيا آئينو تہ هونئن هو هر روز ڏسندو هو پر اڄ جئين ئي ٻڌائين تہ فوزيہ ڳوٺ کان سندس گهر پئي اچي تہ ڄڻ آئيني هن سان ڳالهايو هجي ، ڄڻ ڪيس چئي رهيو هجي تہ من دنيا ۾ رهڳو تون نہ پر هر ماڻهو هيرو آهي . ڪوئي بہ پارٽ ڪي ڪريڪٽر يا ولين ڪونہ مڃيندو آهي ، جيڪڏهن ڪو ولين بہ هوندو تہ پاڻ کي جان رامبو يا جيڪ چن سمجهندو هوندو.

تنهنجي عمر هيري ٽيڻ کان ٽپي وئي آهي ، تنهنڪري چپڙي ڪري لتا منگيشڪر جا پراڻا گانا ٻڌي ٽڏا ساهہ پريندو ڪر.

عليءَ سوچيو ان جو مطلب تہ مان دنيا جي اسٽيج تي ايڪسٽرا ڪردار بڻجي وڃان ، نہ هرگز نہ مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ ٿو چاهيان.

ڪرڻ لاءِ تہ هن گهٽو ڪجهہ ڪيو هو. هر هنڌ سندس نالو هو تعليمي چٽا پيٽيءَ ۾ اڳ کان اڳرو. ڊرامن ۾ هو سيني پراڻن توڙي نون ليکڪن ۽ هدايتڪارن کي پوئتي ڦٽي ڪري ويو. وڊيو فلمن جو بنياد وجهي ان ۾ نيون ٽيڪنڪس استعمال ڪري پاڻ مڃايائين. شاعري ڪيائين تہ ان کي نالي وارن ڳائڻن ڳايو.

اندر جا اُڌما ڪوري ڪاغذ تان ڪيسٽ جي پٽي تان منتقل ٿي فوزيہ جي ڪنن تي پيا تہ هوءَ ڇرڪي. ڇڻ موهن جي دڙي جي مورتيءَ ۾ روح ڦوڪجي ويو هجي، پر فوزيہ مصريءَ جي ڳنڍي جيئان مٺي ۽ پڪي هئي سا پُرڻ واري نہ هئي.

عليءَ جي آهُن فوزيہ جي دل تي دستڪ ڏني پر فوزيہ کي ذهن اڳتي وڌڻ لاءِ اجازت نہ ڏني. ڇاڪاڻ تہ علي شادي شده هو.

هن کي ننڍڙا ننڍڙا ٻارڙا هئا، گلن جهڙا ٻارڙا جن کي ڏسي هو پيو ٻهڪندو هو. ڄڻ عليءَ جي زندگي صرف ٻارن لاءِ هئي.

پر اڄ انهن کي يڪ ٽڪ ڏسي رهيوهيو، هن ائين محسوس ڪيو ڄڻ اُهي پنهنجو پاڻ پيدا ٿيا آهن پنهنجو پاڻ وڌندا وڏا ٿيندا ۽ پڙهي جوان ٿيندا.

هن کي اهو بہ ياد ڪو نہ هئو تہ هن جي شادي ڪيئن ٿي؟ ۽ ڪڏهن ٿي هئي. ٻين جون شاديون ڪيئن ٿيون ٿين سندن مرضيءَ سان يا مائٽن جي مرضيءَ سان. خوشيءَ سان يا ارهائيءَ سان. الائي ڪنوار نڪاح وقت "ها" ڪندي بہ آهي يا ڪا پوڙهي زوريءَ سندس ڪنڌ کي ڌوٽو ڏيندي آهي. اهو سسٽم صدين کان هلندو پيو اچي ۽ شايد هلندو رهي. چنڊ ۽ تارا پنهنجي رفتار سان هلندا ٿا رهن ڏينهن رات کي ۽ رات ڏينهن کي ڳهي پئي وڃي هن پنهنجو خيال انهن ڳالهين تان هٽائي وري سوچڻ لڳو.

اڄ پرين اڇي پيو مون کي هر هنڌ گلن جو ن چادرون وڇائڻ گهرجن . هن جي اچڻ سان تہ هر شئي ۾ ساهہ پئجي ويندو آهي مکڙيون مهڪنديون آهن ۽ پکي لاتيون لنوندا آهن .

۽ جڏهن هلي ويندي آهي تہ هرشئي وري ساڪت ٿي ويندي آهي سموريون شيون موهن جي دڙي مان لڌل ٿانوَ ڀڄي ويندڀون آهن اڄ هوءَ اچي پئي.

۽ چند گهڙيون گهاري وري ويندي هلي ، وري ساڳي اڻ تڻ ساڳي هورا کورا ........

اهو سلسلو جيتوڻيڪ ڪافي نہ هو پر تڏهن بہ عليءَ کي ان ملڻ ۽ وڇڙڻ واري عمل مان عجيب تسڪين ايندي هئي. ڇاڪاڻ تہ ملڻ سان محبت مائي تي وڃي ٿي سور اهو هجي جنهن ۾ سرور هجي ، وصال هجي پر وڇوڙي جي سرٽيفڪيٽ سان .

بي وس ۽ لاچار وقت جي چنبي ۾ جڪڙيل لاتعداد اميدون ۽ هزارين محروميون عجب ڪشمڪش ۾ هئي زندگي سڀ ڪجهہ هوندي بہ سڪون جي تلاش ۾ رولاڪ بادل جيان بن بن ۾ پيو ڀٽڪندو هو.

معاشي مجبورين ۽ شادي شده هجڻ جر ليبل هن کي ساڻو ڪري ڇڏيو هو. هن کي پنهنجو پاڻ تي خار ايندي هئي مائٽن جي چوڻ تي ننڍي عمر ۾ شادي ڪري هن سڪون جهڙي شئي کي ڪوري ڦٽو ڪيو هو. شادي کان اڳ هو پاڻ کي هر محفل جو راڻو ڀائيندو هو. پر شادي کان پوءِ هن اهو بہ محسوس ڪيو تہ هاڻي ڪا بہ اک مون ڏي ڏسي نہ شرمائيندي ۽ ڪي بہ چپ منهنجي چاهت ۾ ڪو نہ ڇُرندا ۽ ڪنهن جو بہ چهرو چتائي ڏسڻ سان ڳاڙهو ڪو نہ ٿيندو . ڇاڪاڻ تہ هاڻي هو شادي شده هو. هن ڪڏهن بہ گهر واري کي محسوس

جهڙا ٻارڙا . انهن جي مستقبل جو ڇا ٿيندو؟ اندر ۾ ولوڙ پوڻ لڳس .

ڪيترائي ڏينهن تارازيءَ جي ٻنهي پڙن ڪي ڏسندو رهيو جنهن ۾ هڪ طرف حياتيءَ جا اٺ سال ۽ ننڍڙا ٻار ۽ ٻي طرف سک سونهن ۽ موهن جي دڙي جي مورتي جنهن ۾ هن جي ئي شاعري جي پڙاڏن تي ساهہ پيو هو. ٻي جان مورتيءَ ۾ جان پوڻ ڪان پوءِ ان کي جدا ڪرڻ هن لاءِ ڳري ڳالهہ هئي.

هو سوچي سوچي ساٿو تي پيو نہل ۽ سست وکن سان مهراڻ جي ڪپ تي لهندڙ سج کي گهوري رهيو هو. جڻ سج بہ هن وانگر هلي هلي ساٿو ٿي ڏرتيءَ جي جهوليءَ ۾ پيهي ويو هجي ۽ هو بہ سڄو ڏينهن پنهنجي ساجن لاءِ سڙي سڙي واپس گهر ڏانهن پيو وڃي. جتي هن جا ننڍڙا ٻار ۽ زال هن جي انتظار ۾ هوندا . هن سوچيو مون وٽ پنهنجي اهميت تہ ڪو نہ آهي پر هنن وٽ منهنجي اهميت آهي ڇاڪاڻ تہ مان سرڪاري نوڪر بہ آهيان پهرين تاريخ جڏهن مان پگهار وٺي گهر ايندو آهيان تہ منهنجي زال جي مُک تي انيڪ مرڪون تري ايندي‌يون آهن هونئن مهيني جي ٽيهين تاريخن ۾ سندس چهري تي تاريڪي ڇانيل هوندي آهي صرف پهرين تاريخ چوڏهين جي سهائي نظر ايندي آهي. هو مونکان پگهار وٺي کير واري، سيڌي واري، بجلي، سوئي گيس ۽ ڪپڙن جي اوڌر جو حساب ونڊ ڪري باقي بچيل پئسا منهنجي ترىءَ تي رکي جڻ خرچي ڏيئي روانو ڪندي آهي ۽ مان اهي پئسا مٺ ۾ پڪڙي وري هڪ نئين پهرينءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندو آهيان. هوءَ پنهنجن جذبن کي درياهہ جي حوالي ڪري سج کي پٺي ڏئي گهرڏانهن موٽي آيو. جتي ننڍڙا ٻار هن جي اوسيئڙي ۾ هيا.

❊❊

”سنڌو“ ڊائجسٽ
مئي 1989ع ۾ ڇپيل

# چنڊ چهرو پرينءَ جو



ڪتابن جي چنڊ ڦوڪ ڪندي هڪ ڪتاب مان ڪجهه گلن جا سڪل پن هيٺ ڪريا ۽ هوا تي وڪرڻ لڳا. مون هڪدم پڪو بند ڪري وڪريل پن ميڙي ڪتاب ۾ ساڳيءَ جاءِ تي رکيا، ڄڻ مون پنهنجي سڪل ۽ پُريل ماضيءَ کي ميڙي محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي.

ڪرسيءَ تي آهلجي، ڪجهه دير اکيون بند ڪري ٿڌو ساهه پريم ۾ پوءِ هڪ نظر وري ڪتاب تي وڌم ٽائيٽل تي هڪ اک ۾ چپ

ٿهيل هئا. مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ اها اک صدين کان بند هجي ۽ اهي چپ ورهين کان وٺي اجايل هجن. ٽوٽ چپن جي پرسان لکيل هو "رات منهنجي روح ۾ "اهي اکر اچاريندي يادن جون ڇوليون هڪ پيرو وري ڪپرن تي ڪاهه ڪري آيون، ۽ مان وري انهيءَ رات جي پيٽ ۾ گم ٿي ويس. جنهن رات مومل منهنجي روح ۾ رڻ ڪيو هو.

سياري جي هڪ اهڙي رات جيڪا شايد وري اچڻي نہ هئي، ڄڻ اها رات مومل خدا کان خيرات ۾ گهري هجي. ۽ منهنجي لاءِ ڄڻ معراج جي رات هئي. وقت الائي ڪيئن گذريو ڇو گذريو؟

جيڪر اها گهڙي هزارن سالن جي ٿي پوي ها، وقت بيهجي وڃي ها. ۽ ان رات کان پوءِ ڪو بہ صبح نہ ٿئي ها.

ان رات چانڊوڪي بہ ٿهڪي رهي هئي. مومل چانڊوڪيءَ جو چندن پنهنجي سونهري بت تي لائي ڪير جيان جرڪي رهي هئي.

سندس سونهن جي ساک آڪاش تان ستارا بہ جهرمر ڪري ڏئي رهيا هئا، ڏکهو قد ۽ خوبصورت هائي ڏسي دل مان حورن جو خيال ئي نڪري ويو. ايڏي سندرتا جي تخليق وقت تہ خود مصور بہ هر ڪيو هوندو.

اهو سمورو جيڪو حقيقت هو سو سپ خواب لڳي رهيو هو. منهنجو من جيڪو هن وقت هڪ ڪنڌر هو تنهن مٿان چنڊ ڪڙيو هو. ۽ ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ هزارن سالن کان پوءِ وري موهن جي دڙي ۾ ديپ ٻريو هجي.

اهي يادن جا خوبصورت منظر اڄ بہ نگاهن ۾ اٽڪيل آهن ۽ اهڙي رات تہ ڇا ان رات جو ڇهاءُ بہ وري نصيب نہ ٿيو آهي. جي

نصيب ٿيا آهن تہ صرف اکين جا ڪوسا ڳوڙها ۽ گلن جا سڪل پن ، جيڪي "هن " ڪڏهن لڳايا هئا پنهنجي چوٽيءَ ۾ ، جڏهن لاهي ڏنا هئا ئين نشاني ڪري، تڏهن رکيا هئم ڪتاب جي ان ڪهاڻيءَ اندر جنهن ورتو هئو ٻيو جنم ، منهنجي جيون جي روپ ۾ ۽ پوءِ مومل هڪ ڏينهن منهنجي من ۾ ٻريل ڏيئي کي ڦوڪ ڏني هميشہ لاءِ اونده ڪري هلي ويئي هئي، انهن حويلين ۾ ۾ جت ارمانن کي گهٽو ڏئي ماريو آهي . منهنجي مومل مون کان رُسي وئي هئي ، پر ساهہ اڃان بہ ڪنهن خواب جي تعمير لاءِ اٽڪيل هئو انهن صليبن تي جتي اسان جي روحن کي ڦاسي ڏئي تنگي چڙهيو هو ماڻهن تہ واٽي تي .

سالن پڄاڻا جڏهن هر طرف خاڪ جا ڍير لڳي ويا ، تڏهن ڪتان چٽنگ ٻري پئي ، ۽ ڪنهن اچي ٻڌايو تہ مومل جنهن کي ڏيٺي ڪئي هئائون تنهن رشتي ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي جو مومل کي هڪ اهڙي بيماري ٿي پئي آهي ، جنهن سبب هن جي چهري تي داغ ٿي ويا آهن .

اسان جي معاشري ۾ جذبن کان ڏيک ٻاهرين ڏيکاءَ کي اهميت آهي . هتي "مُنهن " ڏسي رشتي ڪرڻ وارا وڏيڪ پر " مَنُ " ڏسي ڏاوڻ پائڻ وارا آڱرين تي ڳڻڻ جيترا آهن. هتي سر ورق ڏسي ڪتاب خريد ڪيا ويندا آهن.

منهنجي مومل جنهن جي سونهن جا مان قسم ڪٽندو هوس. تنهن جو چهرو داڳجي چڪو هو. سندس چهري جا نشان من پيڙا کي وڏيڪ ڳنڀير ڪري رهيا هئا. آئينو جيڪو سدائين سندس سونهن ڏسي جرڪندو هو. اڄ ان مان پواٽن روحن جا آواز نڪري رهيا هئا . سندس گهر جي ڪشادي اڱڻ وارو وڻ ، جيڪو هوا لڳڻ تي جهومندو هو ۽ من جا ساز سوريندو هو . اڄ ڪنهن راڪاس وانگر پيوت وار

ڪوليون ڏيجاري رهيو هو. هر ڏسندڙ جي اک ۾ چڻ هڪ تير لڪل هو. جيڪو اندر اندر مان چُڻي دل کي چيريندو ٿي ويس.

اهو سڀ ڪجهہ ڇو ٿيو؟ .......... منهنجي دل ڏڪائي هوءَ مون کان ڪاوڙجي وئي هئي، تڏهن بہ آئون هميشہ ڪيس دعائون ڏيندو هوس. منهنجي دل ڏڪائڻ جي بدلي ۾ جيڪڏهن هن کي ايڏي سزا ملي آهي تہ مان اها دل ئي ڪيڏي ٽڪرا ٽڪرا ٿو ڪيان. جنهن جي ڪري هن کي عذاب پهتو آهي. ياخدا هن جا ڏنل ڏنڀ مان تہ سهي ويندس پر هن مکڙيءَ کي نہ مرجهاءِ، سندس سونهن ميرانجهڙي نہ ڪر.

سندس سونهن چوڏهينءَ جي سهائي جيان جرڪاءِ منهنجي دعائن سان. منهنجي آهن سان پر ..............

چنڊ جي منهن تي داغ ڏسي عاشقن تہ چنڊ کي نيگليٽ نہ ڪيو آهي. چنڊ جهڙو آهي، سهڻو آهي. مومل جهڙي آهي، منهنجي آهي هوءَ ڪنهن ٻي جي ٿيڻي ئي نہ هئي.

سڪ جو ساٿ جسمن سان نہ پر روحن سان ٿيندو آهي. منهنجون اکيون اڄ بہ انهن راهن ۾ ڪتل آهن جن تي ڪڏهن مومل جا قدم ڪِپندا هئا. ۽ انهن قدمن هيٺان هوندي هئي منهنجي دل، جنهن کي ڪري وئي هئي هوءَ پرزا پرزا، ۽ دل جا اهي ذرڙا مان اڄ تائين سڪل گلن جي پنن جيان پيو ٿو ميڙيان. پڪي جو سوئچ آف ڪري وڪريل پن تہ ميڙيا اٿم، پر سماج جي ٻي ٽُڪي طوفان کي ڪير روڪي جنهن جي رسمن هيٺان چيپاٽجي وئي آهي منهنجي دل، جنهن ۾ جرڪن ٿا مومل جا عڪس چوڏهينءَ جي چنڊ جي سهائي جيان.

❊❊

هفتيوار "سنڌو"
جون 1990ع ۾ ڇپيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هوءَ نيٺ تہ اچڻي آ



پيار جي راھہ ۾ ڪاوا ايا ڪيا ويا ۽ انهن مٿان لنگهندي ناهيد ۽ منهنجا پير رتو ڇاڻ ٿي پيا . منهنجا پير تہ اڳ ۾ ئي پٿون ٿيل هئا سي تہ سور سهائي ويا پر ناهيد جي نازڪ پيرن مان رت ٽمي رهيو هو ۽ هن جي اکين مان رکي رکي باھہ ٿي پڙڪا ڏنا. هن جي جذبن کي قتل ڪري هن جي سندرتا مٿان ڪاراڻ هٽي ڪوٽ جي چئوديواريءَ ۾ انهن کي سدائين لاءِ قيد ڪيو ويو . جن جي حويلن مٿان نر پکيءَ کي بہ اڏامڻ جي بہ اجازت نہ هوندي آهي . ڊيل وانگر تلندڙ ۽ مڪڙين وانگر ڪلندڙ ناهيد اڄ موهن جي دڙي جي مورتيءَ وانگر گهر جو بيجان شوپيس لڳي رهي هئي .

اڄ هوءَ ماٺ هئي . جو هن پنهنجي حياتيءَ جا سمورا ٽهڪ ڏئي ڇڏيا هئا . هن جا چپ ٽوٽ ڏر تيءَ جيان اُڃايل رهجي ويا هئا . اهڙي حالت ۾ من اندر چڪ پوندا رهيا منهنجي ذهن ۾ هزارين

سوال اپرندا ۽ لهندا تي ويا منهنجو سڀ ڪجهہ ناهيد جي لاءِ ئي تہ هيو. مرڻ، جيئڻ ، ڪلڻ ۽ اسان جي زندگيءَ جو مقصد هڪٻئي لاءِ پنهنجو پاڻ وقف ڪري ڇڏڻ ، اسان جو ڏوهہ بہ اهو ئي هيو جو اسان هڪ ٻئي کي پوڄيو هو ، پر اها خبر نہ هئي تہ هن ملڪ ۾ پيار جي پوڄا پاپ سمجهي تي وڃي .ان لحاظ کان تہ اسان جون الائي ڪيترين خطائون هيون . پر تازي ڪيل خطا مٿان لڪ وار پردا لهي ويا جو اوچتو منهنجي ماسيءَ اسان کي رات جي پيٽ ۾ ڏسي ورتو هو . جڏهن تہ ان کان اڳ سالن تائين ڪنهن کي اسان جي پيار جو پاڇو بہ نظر نہ آيو ان رات جيئڻ ئي مان ناهيد سان ملڻ جي لاءِ هن جي ڪمري ۾ ويس تڏهن هوءَ تيز بخار جي حالت ۾ بستري منجهہ سيءَ کان ڏڪي رهي هئي . مون هن جي نرڙ تي آهستي آهستي هٿ جي ٻئي سندس ڪنول جهڙن ڳلن تي آندي . تہ هوءَ ڇرڪي پئي ، ناهيد توکي تہ سخت بخار آهي ، تو سوير ڳالهہ بہ نہ ڪئي . مون سندس نرڙ تي هٿ رکي چيو . هن اکيون کوليون ۽ مون کي ڏسي مرڪي پئي نہ راڻا آنءُ ٺيڪ آهيان شايد مليريا جو بخار آهي پاڻهي لهي ويندو تون وڃي آرام ڪر ، نہ ناهيد نہ ...... مون کي ائين آرام ڪٿي ايندو . مان تنهنجي لاءِ ڪجهہ ٽيبليٽ ڪٿي اچان ٿو . مان پنهنجي ڪمري ۾ پير پير ۾ ڏئي پهتس ۽ باسو ڪوئن جو ٻہ ٽڪيٽون جيڪي اتفاق سان پيون هيون ، ڪٿي گلاس ۾ پاڻي پري ناهيد جي ڪمري ۾ آيس ۽ ڪيس سهارو ڏئي اٿاري ٽيبليٽ کارايم . هن جا هٿ ڏڪي رهيا هيا ،ا ن ڪري پنهنجن هٿن ۾ گلاس جهلي پاڻي پياريم ۽ آهستي آهستي ڪيس ليٽائي ڇڏيم. ان وقت هن الائي ڪهڙين اکين سان مون کي ڏٺو . جو هن جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا.

پنهنجائپ جو احساس اسان ٻنهي جي من ۾ هڪئي وقت اٿلڻ لڳو. ان گهڙيءَ نہ هوءَ ڪجهہ ڳالهائي سگهي نہ مان ڪجهہ چئي سگهيس. مان هن جي مٿي کي زور ڏيڻ لڳس ٿوري دير کان پوءِ هن جي ڇهري تي پگهر جا ڦڙا ماڪ جي ڦڙن جيان چمڪڻ لڳا. مون ادب مان ان وقت جهڪي سيپارن جهڙي مک کي ٻنهي هٿن ۾ جهلي چميو. عين ان وقت ڪنهن جي پيرن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. مان يڪدم گلاس کڻي ٻاهر نڪتس تہ ماسي پنهنجي سڪيلڏي ڌوهٽي جي لاءِ کير گرم ڪرڻ بورچيخاني ڏي وڃي رهي هئي. جنهن مون کي ناهيد جي ڪمري مان نڪرندي ڇتيءَ طرح ڏسي ڇپن ۾ ڀڻ ڀڻ ڪئي ۽ مان هيٺ ڪنڌ ڪندي اچي پنهنجي هنڌ تي ڪريس. پر ننڊ اڏامي وئي، جنهن پيار کي هيترا سال لڪائي رکيو هو ان جي ڪسجڻ جو وسوسو اندر ۾ ڪاهي پيو. ڇو تہ مون کي ماسيءَ جي عادتن جي چڱي طرح خبر هئي. هوءَ اهڙيون خبرون تہ ڳوليندي هئي. پيو تہ وري مون سان تہ سالن کان وير هئس. حج تي وڃڻ وقت جڏهن هوءَ اسان کان موڪلائڻ آئي هئي، تڏهن مون چيو هو تہ ست ڪوئا کائي ٻلي حج تي هلي آ. ۽ جڏهن واپس آئي هئي ۽ پنهنجي عادتن کي نہ ڇڏي سگهي هئي. تڏهن بہ وڏي واڪي چيو مانس تہ حج ڪرڻ کانپوءِ تنهنجي ڪرت ساڳي. وتين ٿي راڄن کي باهيون ڏيندي. خواہ مخواہ پئسا وڃائي آئينءَ. اهي سڀ ڳالهيون ذهن کي وڪوڙي ويون خبر ناهي ڪهڙي مهل اک لڳي. اٿيس تہ مٿو سور کان ڦاٽي پيو. ٻاهر نڪتس سڀ مون کي حيرت مان پيا ڏسن ۽ ناهيد خبر ناهي ڪهڙي وقت ۽ ڪهڙي حالت ۾ ۾ پنهنجي گهر وئي. ٿيو بہ اهوئي جنهن جو ڊپ هيو. سڄي ويڙهي ۾ اسان جا ئي هُلَ هئا . هن جي ڪنوارن جذبن کي صليب تي ٽنگيو ويو ۽ مون کي سقراط جيان زهر جو پيالو

ڏنو ويو. اسان جو ڏوهہ اهوئي هو تہ اسان هڪ ٻئي کي سمجهيو هو ۽ زندگيءَ جي راهن تي گڏجي هلڻ وچن ڪيا هئا . جڏهن تہ هن معاشري ۾ الائي ڪيترا گهوٽ ۽ ڪنواريون اڃو مٿو ٿيڻ تائين هڪٻئي کي سمجهي نہ سگهيا آهن . جنهن جو وڏو سبب هن سماج جا ٺيڪيدار آهن جيڪي پنهنجن پڳن ۽ مڇن جي وڪڙن کي برقرار رکڻ خاطر پنهنجا فيصلا انهن مٿان زوريءَ مڙهيندا آهن. شايد منهنجي مومل مٿان بہ اهڙا پهاڙ ڪرڻ وارا هئا جو هن کي ڪاڪ ۾ قيد ڪري ڪوٽ جا سڀ دروازا بند ڪيا هئا .پر منهنجي مومل ڪنهن جي قيد ۾ رهڻ واري نہ آهي . هن تہ سسئي کان تڪر تاڪڻ سکيا هئا. مون کي يقين آهي تہ هڪ ڏينهن منهنجي ناهيد انهن محلن جي پيڙه کي ضرور لوڏيندي. سچ ۾ سونهن مٿان لڳل ڪارنهن کي هڪ ڏينهن ضرور ڌوئيندي اڄ بہ هوءَ بي جان بت جيئان پنهنجي اندر ۾ باهہ کي سانديو ويٺي آهي. پر هن جي اندر جا اُلا جڏهن لاوا ٿي نڪتا تڏهن ڪاڪ جي هڪ بہ سر سلامت نہ رهندي . ۽ مان ڏينهن جي انتظار ۾ پنهنجو پاڻ کي آسن جي اميد تي ڦٿو ڪيو اٿم ڇو تہ مون کي يقين آهي تہ سياٽي جو سج ضرور اڀرندو ۽ منهنجي ناهيد سمورا ٽڪساٽ ٽوڙي موٽي ايندي ۽ ضرور ايندي.

❊❊

روزاني "سنڌو" حيدر آباد
15 مئي 1990

# ۽ اڪيون آليون رهيون




اڄ ڊسمبر جي آخري تاريخ آهي، رات جا تقريبن 11 ٿيا آهن. سرديءَ هوندي بہ مون ڪمري جا در ۽ دريون کولي ڇڏيا آهن. پاسي کان رکيل ڪرسيءَ تي مان هن سال جي ڊائريءَ جو هڪ هڪ پنو پڙهي رهيو آهيان، رکي رکي هوا جو تيز جهوٽو جسم ۾ سيسراٽيون ڏئي وري رات جي سانت ۾ گم ٿي ٿي وڃي.

پرسان رکيل ٽيبل تي ڪجهہ ڪتابن، پنن ۽ ڊائرين سان گڏ هڪ ٽرانسسٽر ريڊيو هلڪي آواز ۾ هلي رهيو هو ورق ورائيندي پنهنجو پاڻ کي ڊائريءَ جي تاريخن ۾ ڳولڻ لڳس. جڻ مون گذريل سال جي هڪ هڪ ڏينهن کي واپس ورائڻ تي چاهيو. ايئن تہ نہ

ڪري سگهيس. البت ڪجهہ گهڙين لاءِ مان انهن تاريخن ۾ ضرور گم ٿي ويس، جن ۾ مون ڪجهہ حاصل ڪيو ۽ ڪجهہ وڃايو هو. سال جا ڪيترائي ڏينهن وڏن ماڻهن جي حرام جي ڪمائي جيان فضول وڃائجي وڃن ٿا ۽ باقي چند اهڙا آهن جن جي سهاري اسين نئين سال کي ويلڪم ڪيون ٿا. اهڙا ڏينهن هر روز ڪونہ ايندا آهن ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڇهاءَ سان اسان جي مئل جسم ۾ ساهہ وجهي هليا ويندا آهن.

مون کي جڏهن بہ ڪنهن "گهڙيءَ" خوشبوءَ جي واس سان واسيو آهي، تڏهن مون اها ڪٿوري ايندڙ ہي گهڙيءَ لاءِ اڌ ۾ ڇڏي آهي. پر اها منهنجي بدقسمتي آهي، جو ڇڏيل اڌ مون کي وري ٻيهر نہ مليو آهي.

شمائلہ ۽ منهنجي ملاقات کي اڄ پورا چار سال ٿي ويا آهن ۽ ڇئن سالن ۾ هر ڊائري مون اڄوڪي رات جيان ويهي ورق ورق ڪري ورائي آهي.

ها شمائلہ مون تنهنجي سيني ملاقاتن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون انهن ۾ پنهنجو وڃايل اڌ ڳوليو آهي، پر الائي ڇو لفظن کي ڇڻ ڪوهيڙو وڪوڙي ويو هجي. توسان گهاريل گهڙين جو عڪس ڌنڌلو ٿي ويو آهي، ڇڻ منهنجي ذهن جي لئبريري کي اڌوهي کائي وئي آهي.

31- ڊسمبر تي ئي پنهنجي پهرين ملاقات ٿي هئي. تڏي تڏي ڊسمبر جي رات ۾ مون کي جون جو سج نظر آيو هو. اهو سڀ ڪجهہ تنهنجي حسن جو تاب هو جو تہ سياري ۾ منهنجي دل اندر مچ مچڻ لڳا هئا ۽ انهن ساعتن کي تو ۽ مان گڏجي سموئي ڇڏيو هو هڪ ئي مالها ۾ ياد اٿئي نہ ۽ پوءِ الائي ڪيترين مالهائون پاتيون هيون تو ۽

مون گڏجي گذريل ڇئن سالن جي عرصي ۾، ۽ هر مالها مون پنهنجي ٻچيءَ مان لاهي پارائي هئي تنهنجي ڪونچ جهڙي ٻچيءَ ۾. تون پاڪ هئين، مون تنهنجي وجود جي خاڪ تي مٿو ٽيڪي، پاتا هئا تنهنجي چوڌطرف ڦيرا ۽ ويڙهيا هئم پنهنجي بدن تي تنهنجا پنيا وار احرام جي بدران. انهن لمحن ۾ مون ڏٺو هو توکي اپ تي چمڪندي ۽ ڪيترا سال تو آڪاش جي ستارن مٿان راڄ ڪيا هئا، ۽ مون راتين جون راتيون ڪيون هون عبادتون تنهنجي چانڊاڻ ۾.

هڪ ڏينهن اوچتو ڪنهن ڪاريهر تنهنجي تجليءَ مٿان ٽاٽي هٽي ڪاري چادر ۽ گهلي ويو هو توکي پولارن ۾ ۽ مان ڪجهه چوڻ تي چاهيو مون تنهنجن مائٽن آڏو پنهنجي جهولي جهلي هئي. ڏرتي جي چنڊ کي مان تہ هندورن ۾ لوڏڻ تي چاهيو. پر تنهنجي مائٽن جي چڙہن تي منهنجي اندر جو ٻار روئي پيو هو. ها هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ هڪ ننڍڙو ٻار هوندو آهي، جيڪو بک لڳڻ تي دانهون ڪندو آهي. منهنجي اندر جو ٻار بہ اڄ روئي اٿيو آهي شمائلہ!.

سڄو سال هر ٻئي ڏينهن تي ملڻ جي آس ۾ گهاريو اٿم.

اڄ منهنجي اندر جو ٻار رڙ ڪري تنهنجن مائٽن آڏو ننڍڙا هٿ جهلي تنهنجي خيرات گهري رهيو آهي.

تون اهڙي هنڌ اٽڪيل آهين، جتي منهنجي حُجتن جا سڀ دروازا بند تي وڃن ٿا. پر مان ڇا ڪيان منهنجي اندر جو ٻار ٻاڪاري تو هن کي تنهنجي وجود سان پيار آهي. هو تنهنجن وارن سان کيڏي تنهنجي جهوليءَ ۾ ننڊ ڪرڻ تو چاهي. هو تنهنجن گلاب جهڙن ڳلن تي پپي ڪرڻ تو چاهي.

ها ها. مان ٻار آهيان. ننڍڙو ٻار. جيڪو ٻنڌڻ مان ٻاڪاري ٿو پر هن ڏرتي تي ڪوبہ Sensitive Mind ڪونهي. جيڪو ڪيمون ٻڌي هتي هر طرف شور ئي شور آهي.

پر ..... پر تون تہ ٻڌي سگهين ٿي. توکي تہ منهنجي خبر آهي. پوءِ تون چونہ ٿي اچي مونکي پنهنجي سيني سان لائين. اوچتو ننڍڙي ٽرانسسٽر مان آواز آيو. رات جا 12 ٿي ويا آهن Happy New Year ٻڌندڙن کي نئون سال مبارڪ. مونکي ائين لڳو مان سڄو سال رنو هجان ۽ نئين سال جي اوپننگ تائين منهنجون اکيون آليون آهن. پر ڪو اُکهڻ وارو اچان نہ آيو آهي.

❋❋

چانڊڪا_ لاڙڪاڻو

نومبر 1989ع ۾ ڇپيل

# واهـــرو

جڏهن بہ مُلن ۽ ذاڪرن لفظن جي راند سان ماڻهن کي يرغمال ڪيو آهي، ماڻهن کي تاريخ جي بابن ۾ وچڙايو آهي.
هنن جي ذهنن تي قبضہ مافيا جيان قبضو ڪري هنن کان ئي جذباتي نعرا هڻائي نفرتن جي باهہ ڀڙڪائي، ڀاءُ ڀاءُ سان ويڙهايو آهي، تڏهن مونن ۾ منهن ڀائي ويٺل صوفيءَ اُتي امن ۽ ڀائيچاري جو ٻجُ ڇٽيو آهي.

صوفي لاڪوفي، ڪونہ ڀائيـنس ڪيـر،
منجهان ئي منجهہ وڙهي، پڌر ناهس پـيـرُ،
جنين ساڻس ويرُ، ٿئي تـنـيـن جـو واهـرو.
(شاهہ)

# سافٽ ويئر جو اصل تخليقڪار

چون ٿا: پيبرل کي ڊاڪٽرن لا علاج ڪري ڇڏيو آ. هو پاڳل ٿي پيو آ. پنهنجي ليکي الائي ڇا ڇا ٿو ڳالهائي. نہ ننڊ نہ آرام, سڀ گهر ڀاتي پريشان, ڇهن مهينن ۾ لکين رپيا ڊاڪٽرن ۽ دوائن تي خرچ ڪري چُڪا آهن, پوءِ بہ ڊاڪٽرن جي آخري رپورٽ آهي تہ هُن جو ڪوبہ علاج ڪونهي.

هن جا وارث منهنجي ڳالهہ سمجهن ڪونہ ٿا, چوان ٿو مصور جي پينٽنگ کي لڳل داغ کي عام ماڻهو ويتر بگاڙي ڇڏيندا. بهتر اهو آ تہ, ان جي پينٽنگ کي ان جي اصل مصور کان درست ڪرايو وڃي.

جديد لفظن ۾ تہ جنهن سافٽ ويئر ٺاهيو آ, ان ئي انجنيئر وٽ وڃو تہ هڪڙي ئي ڪمانڊ هيٺ سافٽ ويئر کي مَنُ ڪري ڇڏيندو.

❊❊

# انـدر ٻاهـر

مان جمع نماز پڙهي ٻاهر نڪتس تہ دلبر دهريو هڪ دوست سان در ٻاهران بيٺل هو. پڇيائين، "سائين اسان جو دوست ڪامريڊ ڏتي بخش جماعت ۾ هئو."

مون چيو "هائو هئو."

چيائين، "ان کي چوندؤ تہ اسان تنهنجي انتظار ۾ ٻاهر بيٺا آهيون."

مون چيو "توهان بہ تہ اندر وچي چئي سگهوس ٿا."

آسمان ڏي منهن ڪري چيائين، "اسان جو اُن سان جهيڙو آهي، اسان ان جي گهر جي چائنٺ ناهيون ٽپندا."

مون هن کي ڏِسي مُرڪي ڏنو.

ڏتي بخش کي نياپو ڏئي موٽي اچي کيس چيم،

"دلبر دهريا.....! مون تہ تنهنجو نياپو پهچائي ڇڏيو پر جنهن جي گهر جي چائنٺ نہ ٿو ٽپين، اهو رڳو اندر نہ پر ٻاهر بہ اٿئي؟"

❋❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اَنَ پـَـرِ نہ ايمان، جو ڪلمي گو ڪوٺائين

ڪائنات جي لاءِ سراپا رحمت بڻجي ايندڙ انسانن کي انسانيت جو درس ڏيندڙ آقاءِ دوجهان جا ڪجھ فرمان حديث جي ڪتاب ۾ پڙهي پڙهيم.

پاڻ منع ڪيائون.

رشوت کان.

وياج کان.

يتيمن جو مال کائڻ کان.

ريشمي ڪپڙا ۽ سون مرد جي پائڻ کان.

وار ايا ڪرڻ کان.

صبح جو دير تائين سمهڻ کان.

عورتاڻو لباس ۽ وڏا وار عورتن وانگر رکڻ کان.

پاڙي وارن سان بدسلوڪي ڪرڻ کان.

زنا کان ۽ شراب پيئڻ کان.

مان ڪتاب رکي سوچيان ٿو تہ هن ملڪ جا مسلمان واقعي اهو سڀ ڪجھ ناهن ڪندا ! ؟؟؟

❋❋

# تصويرن جي نُمائش

شهر جي وڏي اسڪول جي لان ۾ تصويرن جي نمائش جو بندوبست ڪيو ويو هو. سيني مصورن کي اينٽي ڪرپشن جي حوالي سان تصويرون ٺاهڻ لاءِ چيو ويو هو. مختلف آرٽسٽن ڪرپشن کي ختم ڪرڻ جا مختلف منظر پينٽ ڪيا هئا. جن افتتاح ڪيو ۽ جيڪي آفيسر انهن سان گڏ هئا، سيني جا مَٿَ جيڏا پيٽ ۽ گنج نڪتل هئي.

تصويرون ڏسندي ڏسندي هڪ وڏي فريم وٽ وڏو آفيسر رڪجي ويو. هيڏي هوڏي ڏسي شڪي ٿي ڪليو پوءِ واري واري تي سڀ ان کي ڏسندا ڪوڪلا ٺهڪ ڏيندا نئون ماسڪ پائي گذري ويا.

اها تصوير نہ هئي 2x5 فوٽ جو آئينو هو جنهن جي هيٺان لکيل هو "مان ڪرپشن ناهيان ڪندو."

❋❋

# بُشان

ساگر جي شادي هڪ وڏي گهراڻي جي هڪ ڊاڪٽرياڻيءَ سان ٿي هئي. هيٺين طبقي ۾ رهندڙ ساگر جي گهر ۾ سندس وڏا ڀہ ڀائر ائبنارمل تہ نہ هئا، پر نارمل بہ نہ هئا. ان ڪري ڊاڪٽر صاحبہ ڪي انهن کان چِڙَ سان گڏ نفرت بہ هئي ۽ هن ٿورن ئي ڏينهن ۾ مڙس کي ڌار رهڻ تي مجبور ڪيو.

اڄ ان ڳالهہ کي 13 سال گذري ويا آهن. ٻئي زال مڙس ڪراچيءَ ۾ رهندا آهن ۽ کين هڪ پٽ بہ آهي، مان ضروري ڪم سانگي ساگر سان ملڻ سندس گهر 12 سالن ڪانپوءِ ويس.

وڏي عاليشان بنگلي جي لان کي نوڪر پاڻي ڏئي رهيو هو. ساگر ۽ ان جي زال جي پڇا ڪيم تہ نوڪر ٻڌايو تہ هو ٻئي ڊيوٽيءَ تي هليا ويا آهن.

وري پڇيم، "سندن پٽ"

چيائين، "سائين صبح جو آفيس ويڃڻ وقت ان کي Day Care Centre ۾ ڇڏيندا آهن ۽ واپسيءَ ۾ ان کي پاڻ سان وٺي ايندا آهن.

مون چيو "پر ڇو؟"

چيائين، "سائين سندن 12 سالن جو پُٽ ائبنارمل آهي، ان ڪري"

❊❊

# منهنجو محلو

منهنجي محلي ۾ اڄ وزير صاحب جي آمد آ. چؤطرف رستن تي بيٺل چئن مهينن جو گندو پاڻي، ميونسپل جي مقرر جمعدار جي نگرانيءَ ۾ پن ڪلاڪن ۾ نيڪال ڪري، رستي جي پاسن کان چونو هاريو ويو ۽ ويچارا غريب بدحال مڇر بہ غائب ٿي ويا. هر طرف چٽڪار ٿي ويا. ديوارن تان چاڪنگ ڊاٿي وئي، قناتون کوڙي شاميانا لڳايا ويا ۽ پاڙي جا معزز ۽ غير معزز ماڻهو وزير صاحب جي تقرير ٻڌندا، بي زبان جانورن وانگر ڪنڌ لوڏيندا، رڳو ٻڪرن جيان ٻيڪات ڪري نعره هڻندا رهيا.

ايترن ماڻهن مان ڪنهن بہ چئن مهينن کان بيٺل گندي پاڻيءَ جي دانهن نہ ڪئي، جن مان هو پاڻ بہ پاچا مٿي ڪري گذرندا هئا. گندي پاڻيءَ مان پير پري، مسجد ۾ وڃي ڊوئي نماز پڙهندا هئا. سندن ٻار ڪيترائي ڀيرا ان ۾ ڪريا هئا ۽ ڪراڙين عورتن اُن پاڻيءَ مان گذرندي وڏي واڪي ڪوڙ ڀيرا چونديل نمائندن کي پِٽون پاراتا بہ ڏنا هئا.

وزير صاحب هليو ويو صبح ٿيندي ئي وري نالين مان گندو پاڻي اوور فِلو ٿي وهڻ لڳو ۽ ڏسندي ڏسندي وري هڪ تلاءُ ٺهجي ويو.

مان سوچيان ٿو اهو پاڻي هاڻي ويجهڙ ۾ تہ ڪونہ نڪرندو جيستائين وري منسٽر صاحب نہ اچي.

❋❋

# What is Dramo?

هو فلم ۾ ٽي.ويءَ جو ذهين ڊائريڪٽر آهي، هن جي ٻاهرين ملڪ مان ان ٽيڪنڪ تي ڊپلومہ بہ ٽيل آهي. هو واحد ماڻهو آهي جيڪو ڊرامي جي اسڪرپٽ پڙهي ان جي شوٽ اسڪرپٽ الڳ ٺاهيندو آهي.

پر ان جي پيٽ ۾ سوپ سيريل ۾ ايوارڊ سان ٽي.وي چئنل وارن ان ڊائريڪٽر کي نوازيو.

جنهن کي اها بہ ڄاڻ نہ آهي تہ "واٽ از ڊرامو".

❊❊

# شيطان ڪٿي آ ؟

چون ٿا، "شيطان اسان کي بگاڙيو اسان کان غلط ڪم ڪرائي هٿ ڪڍي ويو."

مان چوان ٿو "شيطان سدائين توهان کان غلط ڪم ڪرائي هٿ ڪڍي ٿو وڃي، ڪڏهن توهان هٿ ڇونہ ٿا وجهوس."

شڪي ٿي چون ٿا، "نظر نہ ٿو اچي."

چيو مانِ، "آئيني اڳيان بيهي ڳوليوس، هَٿِ اچي ويندوَ."

❊❊

# هڪ رات ۾ هيروئڻ

سالن کان ٽي.ويءَ تي اداڪاري ڪندڙ سينئر اداڪاره کي هڪ پرائيويٽ ٽي.وي چئنل جي ڊائريڪٽر سيريل لاءِ چونڊيو.
اسڪرپٽ ڪٽي سڄي رات ان کي پڙهي، پنهنجي ڪردارکي سمجهڻ ۽ ان ۾ ڀرپور جان وجهڻ جا جتن ڪندڙ ان اداڪاره کي صبح جو هدايتڪار جي فون آئي تہ معاف ڪجانءِ صاحب ان ڪردار لاءِ نئين ڇوڪريءَ کي چونڊيو آهي جيڪا سيٽ تي پهچڻ واري آهي.

❊❊

# ڪُوڙ

مسجد ۾ سُنت پڙهي فرض جي انتظار ۾ هئس تہ منهنجو ماستر جيڪو پرائمريءَ جو هيڊ ماستر بہ ، منهنجي ڀرسان سُري آيو ۽ آهستي چيائين، ”ڳالهہ ٻڌ، مسجد ۾ ويٺو آن، ڪوڙ نہ هڻجانءِ“ تنهن تي مون هن جي ڇهري کي چتائي ڏٺو.

۽ پوءِ چيو ”ڇا ٻاهر هڻبو آ؟“

❊❊

# موڙهي مـَتِ

محلي وارن گڏجي فيصلو ڪيو تہ پاڙي ۾ گندي پاڻي بيهڻ کان ڇوٽڪارو ڪيئن ڏيارجي. هو ميونسپل آفيسر سان مليا، ڊي سي سان مليا، ڪمشنر سان مليا.

نيٺ ڪجهہ مهينن کان پوءِ سروي ٿي، انجنيئر ۽ ڪائونسلرن گڏجي فيصلو ڪيو تہ نالين جي تعمير ورائي ٿي. پوءِ ائين ٿيو. لکن روپين جي بجيٽ سان ناليون ٻيهر ٺاهيون ويون. ڪمال جي انجنيئرنگ جو مثال قائم ڪندي نالين جون پاسي واريون پٽيون روڊ جي ليول کان ڏيڍ فوٽ مٿي رکيون ويون.

مينهن وسيو تہ پاڻي نالين ۾ وڃڻ جو نالو ئي نہ پيو وٺي. نيٺ پنجاهہ سٺ فونون ڪرڻ کانپوءِ گاڏي آئي ۽ پاڻي پري هلي وئي. ٻن هفتن کانپوءِ وري نالين جي ڪچري جي سطح مٿي ٿي ۽ پاڻي اوور فلو ٿي رستن تي اچي ويو.

تڏهن هڪ پوڙهي پاڙي وارن کي چيو تہ ان عقل جي انڌن ڪائونسلرن ۽ ميونسپل آفيسر کي چئو تہ ايترو خرچ ڪرڻ بجاءِ، اڌ رقم مان وڏي نالي جي صفائي ڪرائي وڃي ها تہ گهٽ ۾ گهٽ سال پاڻي ٻاهر نہ اچي ها.

ان تي هڪ ڪامريڊ چيو، "چاچا سائين اهو سڀ هو بہ سمجهن ٿا پر ڪميشن ۽ حرام ڪير کائي."

**

# ماستر

هو ماستر آهي، تائيم تي ڪڏهن بہ اسڪول ناهي آيو نہ وري تائيم تي ويندو آ. ڪلاس ۾ ڪرسي دروازي تي رکي سگريٽ دکائيندو آ ۽ سگريٽ گهرائيندو بہ شاگردن ڪان ئي آهي. هو هيڊ ماستر جي ڪاڻ بلڪل ناهي ڪڍندو.

هن جو اسڪول ۾ گهمڻ جو انداز بہ عجب جهڙو آ، هو ڪنهن بہ طرح استاد نظر ناهي ايندو. هن وٽ B.Ed: جو سرٽيفڪيٽ بہ ڪوڙو آ. پاڻ بہ چوي ٿو ڪاپي ڪري پاس ٿيو آهيان. انگريزي ۾ ڇا سنڌيءَ ۾ بہ درخواست لکڻ ڪونہ ٿي اچيس.

هڪ ڏينهن مون هڪ سينئر استاد کي چيو تہ جڏهن هن کي، پاڻ کي ڪجهہ نہ ٿو اچي تہ قوم جي ٻارن کي ڇا سيکاريندو. سنجيده اداري ۾ اهڙي مذاق ڇو ٿي ڪئي وڃي. تڏهن هن چيو "سائين هن جو ڪهڙو ڏوهہ، هن کي هڪ منسٽر جي ڇاڙتي پئسا وٺي نوڪري ڏني آهي. هي منسٽر صاحب جي ڪوٽا تي آيو آهي."

❊❊

# ميڊيا جو ڪمال

هوءَ ٻاهرين ملڪ جي انگريزياڻي هئي، سنڌ جي تاريخي ماڳن بابت بنيادي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ، سرڪاري طور تي منهنجي مهمان ٿي. چوته مان، آرڪيالاجي جي شعبي سان وابسته هئس. سرڪار طرفان شهر جي هڪ وڏي هوٽل ۾ ڏار ڏار ڪمرن ۾ اسان جي رهائش جو بندوبست ڪيو ويو هو.

ڏينهن جو هوءَ ڪيترن ئي ماڳن تي مون سان گهمندي، ڪلندي، معلومات حاصل ڪندي، مواد لکندي رهندي هئي ۽ رات جو وري ٻئي ڏينهن جي پروگرام لاءِ ڪلاڪ اڌ ڪچهري ڪندي هئي. ٽن ڏينهن جي ملاقات ۾ هوءَ مون سان ڪافي رِلي ملي وئي. چوٿين رات حَسبِ معمول ڪچهري ڪندي هن مون کان پڇيو، "توهان جي قوم ڪهڙي آهي." مون وڏي فخر سان ڪيس ٻڌايو ته "مان سنڌي آهيان."

صبح جو نيرن ڪري تيار ٿي، جڏهن مون هن جو دروازو ناڪ ڪري آواز ڏنو، تڏهن هن اندران معذرت ڪندي چيو ته ساري (Sorry) مان توسان گڏ نه ٿي هلي سگهان، ڇو ته توهان سنڌي ڌاڙيل آهيو.

❋❋

# فــرق

ٽي.وي اسٽيشن جي ڪاريڊور مان هڪ ٽي.وي اداڪاره، فلم ايڪٽر تي ٽٽول ڪندي گذري وئي. ڪجهه دير بعد پروڊيوسرجي آفيس ۾ ٻئي گڏ ٿيا.

فلم ادڪار مُرڪندي ان ٽي.وي اداڪاره کان ٽٽول جو سبب پڇيو. جنهن تي هن پوز هٽي چيو تہ اسان جي آڏو فلمي اداڪار ڪجهه بہ نہ آهي.

ان تي پروڊيوسر چيس، ”معاف ڪجانءِ محترمہ اجايو خوش فهميءَ ۾ نہ رهہ. هنن جي فلم ڪي ماڻهو ٽڪيٽ وٺي ڏسڻ ويندا آهن ۽ اوهان ري سڏيا پراون گهرن ۾ ويندا آهيو.

❋❋

# انڪشاف

دوڪاندار پير بخش ڏاڍو بيمار هو هن جي بيماريءَ مان ڊاڪٽر بہ پريشان هئا جو رپورٽس ۾ ڪجهه بہ ظاهر نہ پيو ٿئي. پير بخش کان جڏهن ڪو دوست طبيعت پڇڻ واسطي اچي ٿو تہ هو روئيندي پنهنجي منهن تي چنبا هڻي ٿو ۽ اهو هن جو روز جو معمول آهي. ڪي هن کي سزا ٿا چون تہ ڪي لوڙَ.

ٻن سالن جي اذيت ۾ گذاريندڙ دوڪاندار پير بخش مرڻ وقت انڪشاف ڪري ٿو تہ مان گراهڪن جي هر بل ۾ 786 لکي باقي سودن جي رقم اهڙي طرح لکندو هوس جيئن ٽوٽل ۾ اهي 786 بہ اچي وڃن.

❋❋

# سٽيا گرهڻ

پوليس چوڪيءَ پرسان سيلون تان سليم وار ٺهرائڻ لاءِ پنهنجي واري جي انتظار ۾ ويٺو هو تہ چوڪي وٽ پوليس پڪٽ آئي جنهن مان صوبيدار لٿو ۽ ڊانس ڪندو ڪرسيءَ تي ويهي ٺهڪ ڏيڻ لڳو.

سليم وائڙو ٿي حجم کي چيو تہ يار صوبيدار صاحب پلا ايڪٽر بہ آ ڇا. جو ڊانس ڪندو گاڏيءَ مان لٿو آ ۽ ڏاڍو خوش آ.

حجم ويٺل گراهڪ جي ڏاڙهيءَ کي برش هڻندي چيو تہ پسگردائي ۾ چار خون ٿيا آهن.

صوبيدار صاحب ان خوشيءَ ۾ ٿو نچي جو ڪيس، وڏو مال ملندو.

❊❊

# ڇهرا

ٿاڻي تي نئون هيڊ ڪانسٽيبل بدلي تي آيو. نئين ماحول کي سمجهڻ لاءِ خاموشيءَ سان سپني کي پرکيندو رهيو. هيڊ ڪانسٽيبل جي وڏي ڏاڙهي ڏسي، راشي ڪلرڪن پاڻ ۾ سُس پُس پئي ڪئي تہ هاڻي جيستائين هي هتي هوندو رشوت نہ ڪائي سگهنداسين.

هڪ ڏينهن سٽيي ڪيس تي صحيح ڪرائڻ وقت ڪلين شيو ڪلارڪ کي هيڊ ڪانسٽيبل چيو تہ "منهنجو حصو ڪٿي آ؟"

ان تي ڪلرڪ چيس، "سائين اسان تہ شڪليون ئي غيرمسلمن جهڙيون ڪيون ويٺا آهيون، توهان تہ گهٽ ۾ گهٽ ڏاڙهيءَ جو تقدس رکو."

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ ڦهلاءُ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**